ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) چنڇر 25 جولاءِ 2026ع 10 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيه شمارو (339)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

بلاول ڀٽو ڪشمير کي ڪشمور ۽ ميرپور کي ميرپور خاص سمجهڻ جي غلطي نه ڪري: نوازشريف

جيتوڻيڪ ميرپور هڪ خوبصورت شهر آهي، پر ان ۾ اها خوبصورتي موجود ناهي جيڪا هئڻ گهرجي، منهنجي دور حڪومت ۾ شروع ڪيل منصوبا اڌورا رهجي ويا

ميرپور ۽ آزاد ڪشمير جي تقدير بدلائڻ جي عزم سان آيو آهيان، وزيراعظم جو عهدو ڇڏڻ ڪانپوءِ خاموش رهيس، پر ان عرصي دوران ڪشمير ۾ ڪا به ترقي نه ٿي

ڪشمير کي پنهنجو ٻيو گهر نه بلڪ اصل گهر سمجهان ٿو، مون لاءِ لاهور ۽ ڪشمير ٻئي برابر عزيز آهن، نوجوانن کي تعليم ڏيڻ اسان جي اولين ترجيح آهي

بلاول منهنجي ڳالهين جو برو نه مڃجو، سياسي پارٽين وچ ۾ خوش اخلاقيءَ تي ٻڌل ڀوڳ يا چٽڪتاڻ هئڻ گهرجي، پر ان ۾ ڪا به تلخي، تشدد يا جسماني جهيڙو نه هئڻ گهرجي

جيڪڏهن آزاد ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت قائم ٿي ۽ ان جو وزيراعظم عهدو سنڀاليو، ته ذاتي طور تي ساڻس گڏ آزاد ڪشمير جي هر ڪنڊ ڪڙڇ جو دورو ڪندس

ميرپور جي هر گهر تائين قدرتي گيس ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ۽ لوهار گلي توڙي ليپا وادي ۾ سرنگهون (ٽنلز) تعمير ڪيون وڃن: اڳوڻي وزيراعظم جو جلسي کي خطاب

ميرپور(م ر د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو ته آزاد ڪشمير ۾ سنڌس حڪومت ڪان پوءِ اينڊڙ حڪومتن ڪجهه به نه ڪيو آهي، هن پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي چيئرمين بلاول ڀٽو کي به خبردار ڪيو ته هو ڪشمير کي ڪشمور ۽ ميرپور کي ميرپور خاص سمجهڻ جي غلطي نه ڪري. آزاد ڪشمير جي شهر ميرپور ۾ هڪ عوامي جلسي کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته جيتوڻيڪ ميرپور هڪ خوبصورت شهر آهي، پر ان ۾ اها خوبصورتي موجود ناهي جيڪا هئڻ گهرجي، هن نشاندهي ڪئي ته سنڌس دور

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2



ميرپور: مسلم ليگ ن جو سربراهه نواز شريف جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

بنگلاديش جي صدر محمد شهاب الدين استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي صدر محمد شهاب الدين جمعي ڏينهن پنهنجي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ جي شروعات 27 جولاءِ کان ٿيندي: ايف بي آر

اسلام آباد (اي پي پي) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) اعلان ڪيو آهي ته

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ٽانڪ ۾ دهشتگردن بارود سان ڀريل گاڏي چيڪ پوسٽ سان ٽڪرائي ڇڏي، 15 اهلڪار شهيد، جوابي ڪارروائيءَ ۾ 12 دهشتگرد مارجي ويا

رات جي وقت ٽانڪ ضلعي ۾ قائم گڏيل پوليس چيڪ پوسٽ تي پارتي پنيرائيءَ ۾ ڪم ڪندڙ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ خوارجين بزدلاڻو دهشتگردي جو حملو ڪيو

دهشتگردن چيڪ پوسٽ جي سيڪيورٽيءَ ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ۽ وقتائتي ڪارروائي ان ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو

جوانن خوارجين جو پيڇو ڪيو ۽ 12 خوارجين کي ماري ڇڏيو، ناڪاميءَ کان پوءِ دهشتگردن بارود سان ڀريل هڪ گاڏي چيڪ پوسٽ جي حفاظتي ديوار سان ٽڪرائي ڇڏي

شهيدن ۾ 12 فوجي جوان، 2 پوليس اهلڪار ۽ هڪ ٻيلي ڪاتي جو سرڪاري اهلڪار شامل، علائقي ۾ خوارجي دهشتگرد جي موجودگيءَ جي خاتمي لاءِ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري

پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پرڏيهي پٺڀرائيءَ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پنهنجي ڀرپور دهشتگرديءَ خلاف مهم بنا رڪاوٽ جاري رکندا: ترجمان آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) ڪي پي ڪي صوبي جي ضلعي ٽانڪ ۾ دهشتگردن چيڪ پوسٽ تي بارود سان ڀريل گاڏي ٽڪرائي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ سيڪيورٽي فورسز جا 15 اهلڪار شهيد، جڏهن ته جوابي ڪارروائيءَ ۾ 12 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب رات ٽانڪ ضلعي ۾ قائم گڏيل پوليس چيڪ پوسٽ تي پارتي پنيرائيءَ ۾ ڪم

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف اسڪائي 47 جو افتتاح ڪري رهيا آهن

پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگردن جا ٺڪاڻا جتي به هوندا، ختم ڪيا ويندا: فيلڊ مارشل

فيلڊ مارشل عاصم منير سان جي ايڇ ڪيو راولپنڊي ۾ 20هين نيشنل ورڪشاپ ۾ بلوچستان جي جي اڳواڻن ملاقات ڪئي

سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا عوام جي سهڪار سان بلوچستان ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهن: سيد عاصم منير

پاڪستان جون هٿياربند فوجون عوام جي حمايت سان اهڙن ناپاڪ ارادن کي مضبوط ۽ فيصلائتي جواب سان ناڪام بڻائينديون

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪ فوج جي سربراهه فيلڊ مارشل عاصم منير چيو آهي ته پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگردن جا ڍانچا ۽ ٺڪاڻا جتي به هوندا، انهن کي ختم ڪيو ويندو، پاڪ فوج جي سڃاڻ واري اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

نواز شريف خلاف خطرناڪ سازشون ٿيون: مريم نواز

ميرپور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڀارت ڪشمير مسئلي جي پرامن حل لاءِ بامعنيٰ قدم کڻي: پاڪستاني اختياريون

آزاد جموں ڪشمير ۽ ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جموں ڪشمير جي صورتحال ۾ واضح فرق آهي

ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جموں ڪشمير ۾ اختلافِ راءِ کي دٻائي هزارين ماڻهن کي حراست ۾ رکيو ويو آهي

قتل، جبري گمشدگيون، ڪٽران بابت جنسي تشدد، آباديءَ جي شرح ۾ تبديلي ۽ خودارادي واري حق کان محروميءَ جهڙا قدم جاري آهن

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان ڀارت جي الزامن کي بي بنياد ۽ گمراهه ڪن قرار ڏيندي ان تي زور ڀريو آهي ته ڀارت سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2788 تي عملدرآمد پنهنجي معاهداتي واعدن جي پاسداري ۽ ڪشمير مسئلي جي پرامن حل لاءِ بامعنيٰ قدم کڻي ته جيئن ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن لاءِ راهه هموار ٿي سگهي. اها ڳالهه گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل مشن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي عباس عراقچي سان ملاقات، مفاهمتي ڳالهه تي زور ڀريو

پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين، صبر، چٽڪتاڻ ۽ گهٽتائي جي ضرورت آهي: ڊار

بيجنگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار شنگهائي سهڪار تنظيم (ايس سي او)

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

قانون تحت نيب ڪيس ٻڌڻ اسان جو اختيار ناهي: سپريم ڪورٽ وڏو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

نيب ڪيسن ۾ مرڪزي اپيلن ۽ ضمانت جي درخواستن جي ٻڌڻي هاڻي وفاقي آئيني عدالت ڪندي

نيب قانون جي شق 32 ۽ 32-اي تحت سپريم ڪورٽ کي نيب ڪيسن جي ٻڌڻي جو اختيار حاصل ناهي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ نيب ڪيسن بابت اهم فيصلو جاري ڪندي قرار ڏنو آهي ته نيب ڪيسن ۾ مرڪزي اپيلن ۽ ضمانت جي درخواستن جي ٻڌڻي هاڻي وفاقي آئيني عدالت ڪندي، عدالت لکت ۾ جاري ڪيل چيو آهي ته نيب قانون جي شق 32 ۽ 32-اي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ ترقي جي عمل کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي: صدر آصف زرداري

بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ صوبي جي ترقي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي

بلوچستان صوبي ۾ معاشي سرگرمين لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارا جامع انداز ۾ ڪم ڪن

ڪراچي (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بلوچستان ۾ ترقي جي عمل کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صدر آصف علي زرداري بلوچستان جي وفد سان ملاقات ڪندي

بنون ۾ آپريشن، 4 دهشتگرد مارجي ويا، 5 شڪي گرفتار

پوليس ۽ سيڪورٽي فورسز پهاڙي علائقي تلڪئي ۾ گڏيل آپريشن ڪيو

مارجي ويل دهشتگردن وٽان 2 ڪلاشنڪوف، هڪ رائيفل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو

پشاور (اي پي پي) بنون پوليس ۽ سيڪورٽي فورسز پهاڙي علائقي تلڪئي ۾ گڏيل آپريشن ڪيو جنهن ۾ 4 دهشتگرد مارجي ويا ۽ 5 شڪي دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ 2 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن. بنون پوليس جي ترجمان مطابق سب

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي جي مقابلي لاءِ عوام دوست پوليس فورس ضروري آهي: وڏو وزير

شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد ۾ ٽريننگ ڪورس مڪمل ڪندڙ اهلڪارن کي مبارڪباد پيش

ماڻهن جي جان ۽ مال جا محافظ آهيو، شهرين، سول سوسائٽي ۽ حڪومت کي توهان مان وڏيون اميدون آهن

دهشتگردي ۽ منظم ڏوهن جي خلاف جنگ ۾ سنڌ پوليس پاران ڏنل قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: خطاب

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي تي امن امان قائم رکڻ، دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ ۽ سڄي صوبي ۾ پائيدار ترقي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ جديد، پيشيورانه تربيت يافته ۽ عوام دوست پوليس فورس کي ضروري قرار ڏيندي قانون لاڳو ڪندڙ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه شاهد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد، ڪراچي سنڌ ۾ ريڪروٽ ٽريننگ ڪورس جي 132 هين پاسنگ آئوٽ پريڊ دوران روايتي جيپ ۾ پريڊ جو معائنو ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ دهشتگردي ۾ ڀارت جو هٿ آهي، دهشتگردي جي چئلينج کي گڏجي منهن ڏيڻو پوندو: وزيراعظم

سمورا صوبا برابر ترقي ڪندا ته ملڪ ترقي ڪندو، پاڻي ذخيرن جي منصوبن جي لاءِ هلندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ 368 ارب رپيا رکيا ويا آهن

پنجاب اين ايف سي ايوارڊ جي مد ۾ 150 ارب رپيا بلوچستان کي ڏنا آهن، باقي صوبن بلوچستان جي ترقي لاءِ پنهنجو ڀرپور حصو وڌو آهي

ڪڇي ڪينال منصوبي کي تيزي سان مڪمل ڪيو ويندو ان منصوبي کي پاڪستان ڪينال جو نالو ڏيون ته بهتر ٿيندو

افغانستان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هو دهشتگرد تنظيمن جي خلاف ڪارروائي ڪري ۽ افغان سرزمين پاڪستان جي خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏي

بلوچستان جي ترقي، خوشحالي، تعليم، ۽ علاج جي لاءِ وسيلن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو، پاڪستان کي دنيا جو هڪ طاقتور ترين ملڪ بڻائينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي حڪومت پاران بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڀرپور وسيلن جي فراهمي جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته سمورا صوبا برابر ترقي ڪندا ته ملڪ ترقي ڪندو، پاڻي ذخيرن جي منصوبن جي لاءِ هلندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ 368 ارب رپيا رکيا ويا آهن ڪڇي ڪينال منصوبي کي تيزي سان مڪمل ڪيو ويندو ان منصوبي کي پاڪستان ڪينال جو نالو ڏيون ته بهتر

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ انتظاميه 60 واپاري حصيدارن تي نوان ٽيرف لاڳو ڪري ڇڏيا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميه يورپي يونين جهڙن گروپن ۽ ملڪن سميت 60 واپاري حصيدارن تي امپورٽ وارين شين تي 10 ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر پاران ڪوهاٽ ۾ سرڪاري اهلڪارن تي دهشتگردن جي حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪوهاٽ ۾ سرڪاري اهلڪارن تي دهشتگردن جي حملي جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي جي خلاف

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ڪوهاٽ ۾ ايڪسائيز اهلڪارن تي دهشتگرد حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪوهاٽ ۾ ايڪسائيز اهلڪارن تي دهشتگرد حملي جي شديد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ليفٽيننٽ جنرل عامر رياض کي فور اسٽار جنرل جي عهدي تي ترقي ۽ نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جي ڪمانڊر طور مقرري جو اعلان

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان فوج جي چيف آف جنرل اسٽاف ليفٽيننٽ جنرل عامر رياض

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي شڪي دستاويزن جي بنياد تي هڪ مسافر کي روڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي اميگريشن ونگ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي اميگريشن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪي ڊي اي کي مرحوم آفيسر جي قانوني وارثن کي 1 ڪروڙ 10 لک رپيا ادا ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪي ڊي اي (ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي) کي مرحوم آفيسر جي قانوني وارثن کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر محمد طفيل کي ڪراچي يونيورسٽي جي وي سي جي اضافي چارج ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اين اي ڊي يونيورسٽي جي وائس چانسلر ڊاڪٽر محمد

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي سنڌ ڪميٽي جو صحافين ۽ پريس جي آزادي جي مسئلن تي ڳڻتيءَ جو اظهار

اجلاس جي صدارت سنڌ ڪميٽي جي چيئرمين قاضي اسد عابد ڪئي، سنڌ ۾ پريس جي آزاديءَ جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي بحث

خبرن جي اشاعت يا انهن کي روڪڻ بابت حڪومت طرفان باقاعده هدايتون جاري ڪرڻ جو ڪو به رواج موجود ناهي: سي پي اين اي سنڌ ڪميٽي

اظهار جي آزاديءَ لاءِ سازگار موجوده ماحول کي برقرار رکيو وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قدم کان پاسو ڪيو وڃي جنهن سان ميڊيا جي آزادي محدود ٿيڻ جو امڪان هجي

اجلاس ۾ چيئرمين قاضي اسد عابد، ڊپٽي چيئرمين سيد حامد حسين عابدي، غلام نبي چانڊيو، اعجاز الحق، انور ساجدي، عارف بلوچ، محمد عثمان پڻ موجود هئا

سنڌ جي نئين سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ ۽ ڊائريڪٽر اشتهارات (سنڌ) محمد يوسف ڪابورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونسل آف پاڪستان نيوزپيپر ايڊيٽرز (CPNE) جي سنڌ ڪميٽي سنڌ جي اندروني علائقن ۾ صحافين کي درپيش پريس جي آزاديءَ وارن مسئلن تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سي پي اين اي سنڌ ڪميٽي جو اجلاس ۾ چيئرمين قاضي اسد عابد ۽ ٻيا اڳواڻ صحافين ۽ پريس جي آزادي بابت مسئلن تي ڳالهائي رهيا آهن

ن ليگ خيراتي مينڊيٽ واري جماعت آهي، ڪنهن به صوبي يا شهر جي تذليل قبول نه ڪبي: شرجيل ميمڻ

سنڌ ۽ ڪشمير جي سرزمين ۽ اتان جي عوام کي طنز ۽ مذاق جو موضوع بڻائڻ مناسب ناهي

نواز شريف جو رويو نه غير سنجيده ۽ افسوسناڪ آهي، جنهن سان عوام جي جذبن کي ڌڪ پهتو آهي

ورهاست ۽ مذاق تي ٻڌل سياست قومي مفاد بدران سياسي نقصان جو سبب بڻجندي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ مسلم ليگ (ن) جي قائد نواز شريف جي بيان تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته مسلم ليگ (ن) خيراتي مينڊيٽ واري جماعت آهي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڀيرلوءِ ڏرٽي واري معاملي ۾ 150 ڄڻن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل

اجالا پروين سولنگي جي والد ۽ ڀاءُ سميت ڪيترن ئي ماڻهن تي مختلف قانوني قلم لاڳو

پوليس ڪارروائي خلاف شهرين، صحافين ۽ سماجي حلقن جو شفاف جاچ جو مطالبو

آءِ جي سنڌ ۽ چيف جسٽس کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل، ڪيس ختم ڪري ۽ ماڻهن جي آزادي جو مطالبو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ڀيرلوءِ ڏرٽي واري معاملي ۾ اجالا پروين سولنگي جي والد شمس الدين سولنگي، سندس ڀاءُ سردار سولنگي سميت لڳ ڀڳ 150 ڄڻن خلاف ڀيرلوءِ ٿاڻي تي دهشتگردي ايڪٽ ۽ ٻين مختلف قانوني قلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب ڪيس ڏرٽي دوران ميبنا قانون جي ڀڃڪڙي ۽ ٻين

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پاڪ چين دوستي گڏيل اعتماد ۽ گڏيل خوشحالي جو هڪ روشن مثال آهي: مراد علي شاهه

وڏي وزير چين جي ڪمپني شانڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ کي سنڌ جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري جي جي دعوت ڏني

صوبائي حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن کي هر ممڪن مدد ۽ سهولتون فراهم ڪري رهي آهي: وڏو وزير

چيني ڪمپني ۽ تباني گروپ انفراسٽرڪچر ۽ پي پي پي پي منصوبن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي تي چين جي شانڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ ڪمپني لميٽيڊ کي سنڌ جي انفراسٽرڪچر ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن ۾ سيڙپڪاري جي موقعن کي ڳولڻ جي دعوت ڏني ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ صوبائي حڪومت

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

”مرسون مرسون، سنڌو نه ڏيسون“ سڄي سنڌ ۾ پ پ پاران پاڻي معاملي تي مظاهرا، ڌرڻا

حيدرآباد، سکر، ٽنڊومحمدخان، خيرپور، نوشهروفيروز، سجاول، گهوٽڪي، ڪنڊڪوٽ، بدين، ٽنڊوالهيار، لکي غلام شاهه، چوهڙجمالي ۾ مظاهرا

اسلام ڪوٽ، پڊورو، ڏگهڙي، بلڙي شاهه ڪريم، خيرپور ناٿن شاهه، ميرپوربٺورو، گمبٽ، ٽنڊوآدم، دوڙ، هالا، ميهڙ ۾ ريليون ڪڍيون ويون

بلاول ڀٽو زرداري جي سڏ تي هلندڙ مهم ۾ سنڌ جي پاڻي واري حق تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو: مظاهرين

حيدرآباد(نمائندن وٽان) سنڌ جي پاڻي واري حق لاءِ پ پ جون مختلف شهرن ۾ احتجاجي ريليون ”مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون“ جا نعرا لکي غلام شاهه، گهوٽڪي سجاول بدين خيرپور مٺياري، عمرڪوٽ ۽ ٻين شهرن ۾ پيپلزپارٽي ڪارڪنن جو احتجاج سنڌو درياهه جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پيپلز پارٽي پاران مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون جي نعري هيٺ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

STS SIBA Testing Services

SIBA TESTING SERVICES
MERIT | TRANSPARENCY | TECHNOLOGY

MDCAT - 2026

MERIT IS OUR STANDARD
TRANSPARENCY IS OUR FUTURE
TECHNOLOGY IS OUR STRENGTH

SIBA Testing Services will conduct the Medical & Dental Colleges Admission Test (MDCAT) on Sunday, 16 August, 2026.

TEST CENTERS
ISLAMABAD
KARACHI
HYDERABAD
JAMSHORO
MIRPURKHAS
LARKANA
SUKKUR
SHAHEED BENAZIRABAD

WEIGHTAGE
BIOLOGY 45%
CHEMISTRY 25%
PHYSICS 20%
ENGLISH 5%
LOGICAL REASONING 5%

TOTAL NUMBER OF MCQS 180
DURATION FOR THE TEST 3 HRS
FORMAT PAPER BASED MCQS
MINIMUM PASSING MARKS FOR MEDICAL COLLEGE ADMISSION 55%
MINIMUM PASSING MARKS FOR DENTAL COLLEGE ADMISSION 50%
NO NEGATIVE MARKING

PRINT ADMIT SLIP
The slips will be available soon on the following link: http:\\eslip.sts.net.pk

REPORTING TIME
The Reporting time at test centre is 6:30AM

ORIGINAL DOCUMENT
Any one
- CNIC
- Passport
- Matric/Intermediate Marksheet
- Juvenile card

NOT ALLOWED
- Bags
- Mobile phone
- Electronic gadgets
- Smart watch

EXAMINATION HALL
All necessary supplies will be provided by the STS

SIBA TESTING SERVICES
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur, Sindh | 071-5644200 | http://www.iba-suk.edu.pk/sts/announcments

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪندڙ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ خوارجين بزدلاڻو دهشتگرد حملو ڪيو. دهشتگردن چيڪ پوسٽ جي سيڪيورٽيءَ ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ۽ وقتائتي ڪارروائي ان ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو جوانن غير معمولي بهادري ۽ پيشيورانه مهارت جو مظاهرو ڪندي خوارجين جو پيڇو ڪيو ۽ 12 خوارجين کي ماري ڇڏيو ناڪاميءَ کان پوءِ دهشتگردن بارود سان ڀريل هڪ گاڏي چيڪ پوسٽ جي حفاظتي ڀت سان ٽڪرائي ڇڏي شديد ڌماڪي سبب چيڪ پوسٽ جو بنيادي ڍانچو ٻريءَ طرح متاثر ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 15 جوان شهيد ٿي ويا. شهيدن ۾ 12 فوجي جوان 2 پوليس اهلڪار ۽ هڪ ٻيلي کاتي جو سرڪاري اهلڪار شامل آهي. علائقي ۾ وڌيڪ ڪنهن به ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم خوارجي دهشتگرد جي موجودگيءَ جي خاتمي لاءِ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي نيشنل ايڪشن پلان تحت وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوريءَ سان شروع ڪيل ويڙهه عزم استحڪام تحت پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پرڏيهي پٺڀرائيءَ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پنهنجي ڀرپور دهشتگرديءَ خلاف مهم بنا رڪاوٽ جاري رکندا. آءِ ايس پي آر وڌيڪ چيو ته اسان جي بهادر جوانن جون عظيم قربانيون هر قيمت تي وطن عزيز جي دفاع ۽ سلامتيءَ لاءِ اسان جي پختي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪيل پڌرائي موجب، فيلڊ مارشل عاصم منير جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) راولپنڊيءَ ۾ 20هين نيشنل ورڪشاپ بلوچستان جي شرڪت ڪندڙن سان ملاقات دوران چيو ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا عوام جي سهڪار سان بلوچستان ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهن هن چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون. سندس چوڻ هو ته جتي به دهشتگردن جو بنيادي ڍانچو ملڪ ۽ عوام لاءِ خطرو بڻجندو پاڪستان ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو عزم برقرار رکندو. فيلڊ مارشل عاصم منير موجب، پرڏيهي سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ عنصر بلوچستان ۾ تشدد کي هٿي ڏيڻ استحڪام کي نقصان پهچائڻ ۽ امن تباهه ڪرڻ جي ڪوششون ڪري رهيا آهن پر پاڪستان جون هٿياربند فوجون عوام جي حمايت سان اهڙن ناپاڪ ارادن کي مضبوط ۽ فيصلائتي جواب سان ناڪام بڻائينديون

بقايا 3 روزاني عبرت

وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته نواز شريف خلاف انتهائي خطرناڪ سازشون ڪيون ويون، جيڪڏهن عوام سندن ساٿ نه ڏئي ها ته سندن نالو به ختم ٿي وڃي ها. آزاد ڪشمير جي شهر ميرپور ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته سخت گرمي باوجود جلسي ۾ عوام جي وڏي شرڪت ثابت ڪري ٿي ته آزاد ڪشمير ۾ شينهن اچي ويو آهي هن چيو ته هوءَ ميرپور نه پر پنهنجي ابن ڏاڏن جي گهر آئي آهي هن چيو ته ميرپور ۾ سڀ گهر موجود آهن پر افسوس جو روڊ ٽٽل آهن هاڻي وقت اچي ويو آهي ته هتي به ترقي جا ڏينهن اچن. سندس چوڻ هو ته نواز شريف به ميرپور جي خوبصورتي جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته آزاد ڪشمير جا اصل وارث موٽي آيا آهن مريم نواز چيو ته آزاد ڪشمير ۾ وسيلن ۽ صلاحيتن جي ڪا ڪوٽ ناهي. رڳو بهتر انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي جڏهن ته سياحت ذريعي خطي جي ترقي ۽ مسئلن جو حل ممڪن بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته آزاد ڪشمير کي جديد اسپتالن، بهتر روڊن سيف سٽي منصوبي ۽ "پنهنجي ڇت، پنهنجو گهر" جهڙين رٿائن جي ضرورت آهي. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن مسلم ليگ (ن) چونڊون کٽي ته پنجاب جهڙيون سهولتون آزاد ڪشمير ۾ به فراهم ڪيون وينديون جڏهن ته ميرپور لاءِ 10 اليڪٽرڪ بسن جو تحفو پڻ آندو ويو آهي مريم نواز عوام کي اپيل ڪئي ته هو سوچي سمجهي ووٽ ڏين جي صورت ۾ ترقي لاءِ بهتر رستو پٽجي سگهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن عوام هڪ ڀيرو بهتر موقعو ڏنو ته آزاد ڪشمير جي تقدير بدلائي ڇڏينداسين

بقايا 4 روزاني عبرت

ادارن کي مضبوط ڪرڻ جي پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج، سعيد آباد ۾ ريڪروٽ ٽريننگ ڪورس (آر ٽي سي) بيچ-5/2025 جي 132 هين پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪندي وڏي وزير 315 عورت اهلڪارن سميت 974 نئين تربيت يافته نئين ڀرتي ٿيل اهلڪارن کي مبارڪباد ڏني ۽ کين سنڌ پوليس جي طاقت ۾ هڪ نئون ۽ باصلاحيت اضافو قرار ڏنو تقريب ۾ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي ذوالفقار لاڙڪ، ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو پرنسپال شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج ايس ايس پي عديل چانڊيو سينئر پوليس آفيسرن سول سوسائٽي جي ميمبرن ۽ گريجوئيٽ ڪندڙ رنگروٽن جي خاندانن شرڪت ڪئي پوليس جي هڪ دستي وڏي وزير جي آمد جو اعلان ڪرڻ لاءِ بگل وڄايو سينئر پوليس آفيسرن سندس استقبال ڪيو ۽ بعد ۾ هن هڪ روايتي کليل جيپ ۾ پريڊ جو معائنو ڪيو هڪ چست دستي کيس اعزازي سلامي پيش ڪئي جڏهن ته تقريب جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿيو نئين ڀرتي ٿيل اهلڪارن آئين سان وفاداري، قوم جي خدمت ۽ قانون جي بالادستي جي پاسداري جو حلف کنيو هنن پنهنجي تربيت دوران حاصل ڪيل مهارتن جي عڪاسي ڪندڙ شاندار حڪمت عملي ۽ پيشه ورانه مظاهرا پڻ پيش ڪيا. وڏي وزير نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ نئين ڀرتي ٿيل اهلڪارن ۾ ايوارڊ ۽ اعزازي شيلڊون ورهايون ۽ بعد ۾ ڪاليج انتظاميا کان هڪ يادگاري شيلڊ وصول ڪئي وڏي وزير جو خطاب تقريب کي خطاب ڪندي سيد مراد علي شاهه گريجوئيٽ ڪندڙ رنگروٽن کي مبارڪباد ڏني ۽ اعليٰ پيشه ورانه معيار برقرار رکڻ تي ٽريننگ اسٽاف جي تعريف ڪئي. هن چيو ته مان انهن تمام 974 رنگروٽن کي مبارڪباد ڏيان ٿو جن پنهنجي تربيت مڪمل ڪئي آهي. مونکي خاص طور تي 300 کان وڌيڪ عورتن کي فورس ۾ شامل ٿيندي ڏسي خوشي ٿي آهي جيڪا سنڌ پوليس جي وڌندڙ شموليت ۽ طاقت جي عڪاسي ڪري ٿي. وڏي وزير چيو ته تربيت جو معيار پريڊ دوران ڏيکاريل نظم و ضبط اعتماد ۽ درستگي مان واضح هو نئين ڀرتي ٿيل اهلڪارن جي بهترين ڪارڪردگي شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج ۾ ڏني ويندڙ تربيت جي اعليٰ معيار کي ظاهر ڪري ٿي جديد پوليسنگ لاءِ جديد مهارتن جي ضرورت آهي ۽ مونکي اهو ڏسي خوشي ٿي آهي ته اسان جي نوجوان آفيسرن کي همعصر چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ليس ڪيو پيو وڃي نئين گريجوئيٽ ٿيل اهلڪارن کي خطاب ڪندي وڏي وزير کين عوامي تحفظ جي محافظن طور سندن ذميوارين جي ياد ڏياري. هن چيو توهان اسان جي ماڻهن جي جان ۽ مال جا محافظ آهيو سنڌ جي شهرين سول سوسائٽي ۽ حڪومت کي توهان مان وڏيون اميدون آهن هر شهري هڪ پرامن زندگي جو خواهشمند آهي ۽ ان امن کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪرڻ هڪ اهڙي ذميواري آهي جيڪا گهڻي حد تائين توهان جي ڪلهن تي آهي. وڏي وزير نئين ڀرتي ٿيل اهلڪارن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي سڄي ڪيريئر دوران پيشه ورانه مهارت، ايمانداري ۽ عوامي خدمت کي برقرار رکنديون پيشه ورانه صلاحيت، ايمانداري ۽ عوامي خدمت لاءِ وقف هجڻ سنڌ پوليس جي سڃاڻپ بڻجڻ گهرجي عوام جو اعتماد صرف ڪارڪردگي انصاف ۽ فرض سان سچائي ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڏوهارين ۽ قانون ٽوڙيندڙن کي عدالتن جي آڏو آڻڻ پوليس فورس جي بنيادي ذميوارين مان هڪ آهي ڏوهن جي روڪٿام ۽ اثرائتي قانون جي عملداري لاءِ عزم بهادري ۽ پيشه ورانه مهارت جي ضرورت هوندي آهي توهان کي قانون جي بالادستي کي برقرار رکڻ جي پنهنجي فرض تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي وڏي وزير دهشتگردي ۽ منظم ڏوهن جي خلاف جنگ ۾ سنڌ پوليس پاران ڏنل قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو اسان جو پيارو ملڪ دهشتگردي جي چيلينج کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. پر سنڌ پوليس جي آفيسرن ۽ اهلڪارن انهن خطرن جو شاندار بهادري ۽ جرئت سان مقابلو ڪيو آهي سندن ۽ اسان جي شهيدن جي قربانين امن ۽ استحڪام جي بحالي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي مراد شاهه چيو ته سنڌ پوليس نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ دهشتگردن توڙي ڏوهارين کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ ۾ اڳواڻي ڪردار ادا ڪيو آهي. "دهشتگردن ۽ ڏوهاري عنصرن جي خلاف سنڌ پوليس پاران ڪيل مسلسل آپريشن اسان جي قومي عزم جو عملي اظهار آهن اسان جي پوليس اهلڪارن جي قربانين جي ڪري سڄي سنڌ، خاص ڪري ڪراچي ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال ۾ نمايان سڌارو آيو آهي. جاري قانون لاڳو ڪندڙ ڪوششن جو حوالو ڏيندي وڏي وزير چيو ته حڪومت جو توجهه شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ پوليسنگ جي معيار کي بهتر بڻائڻ تي آهي امن امان برقرار رکڻ اسان جي اولين ترجيح آهي ڇاڪاڻ ته امن ئي اقتصادي ترقي، سيڙپڪاري ۽ سماجي اڳڀرائي جو بنياد آهي پوليس کي جديد بڻائڻ لاءِ حڪومت جو عزم مراد شاهه ورجايو ته سنڌ حڪومت پوليس جي ڀلائي، تربيت ۽ انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري جاري رکندي اسان جي حڪومت سنڌ پوليس جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ جديد سهولتون سامان ۽ تربيتي موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي پرعزم آهي پوليس جي ڀلائي هميشه منهنجي اولين ترجيحن ۾ شامل رهي آهي ۽ اسان فورس جي ضرورتن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪندا رهنداسين. وڏي وزير نئين گريجوئيٽ ٿيل اهلڪارن کي بهادري ۽ جذبي سان خدمت ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪئي مونکي پورو يقين آهي ته توهان سنڌ پوليس جي بهترين روايتن کي برقرار رکندڙ ۽ هڪ محفوظ ۽ وڌيڪ پرامن سماج جي اڏاوت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندڙ. مان توهان جي پيشه ورانه ڪيريئر ۾ ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيان ۽ اميد ڪريان ٿو ته توهان فورس لاءِ وڌيڪ عزت ۽ وقار جو باعث بڻجندڙ آءِ جي سنڌ پاران تربيتي ادارن کي اپگريڊ ڪرڻ جو مطالبو ان کان اڳ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو گريجوئيٽ ڪندڙ رنگروٽن کي مبارڪباد ڏني ۽ اڀرندڙ سيڪيورٽي چيلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ پيشه ورانه پوليسنگ جي اهميت تي زور ڏنو هن چيو هڪ پوليس فورس پنهنجي طاقت انساني وسيلن جي معيار مان حاصل ڪري ٿي شهرين جو تحفظ انصاف کي يقيني بڻائڻ ۽ خلوص سان عوام جي خدمت ڪرڻ اسان جون بنيادي ذميواريون آهن. آءِ جي نئين ڀرتي ٿيل اهلڪارن تي زور ڀريو ته هو پيشه ورانه مهارت، ايمانداري ۽ سٺي اخلاق ذريعي عوام جو اعتماد حاصل ڪن پوليس جي وردي هڪ اعزاز به آهي ته هڪ امتحان به سنڌ جا ماڻهو ۽ حڪومت پوليس فورس ڏانهن وڏيون اميدون رکي ڏسن ٿا. سنڌ تنظيم جي گهرجن کي اجاگر ڪندي هن شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد ۽ پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور کي "سينٽرز آف ايڪسيلينس" (اعليٰ معيار جي مرڪزن) ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز ڏني هن تقريب کي ٻڌايو ته ٻنهي ادارن جي اپگريڊيشن لاءِ لڳ ڀڳ 9.045 ارب رپيا گهربل هوندا. هن انسٽرڪٽرز لاءِ وڌيڪ ٽريننگ الائونس، اضافي آپريشنل فنڊنگ، نيون ٽريننگ پوسٽون ٺاهڻ ۽ رزاق آباد، سڪرنڊ ۽ حيدرآباد ۾ پوليس ٽريننگ جي سهولتن کي اپگريڊ ڪرڻ جو به مطالبو ڪيو پرنسپال پاران تربيتي ڪاميابين کي اجاگر ڪرڻ ڀليڪار تقريب ۾ خطاب ڪندي، شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپال ايس ايس پي عديل چانڊيو اداري جي ڪاميابين ۽ مستقبل جي ضرورتن کي اجاگر ڪيو هن حاضرين کي ٻڌايو ته 1984 ۾ پنهنجي قيام کان وٺي هيل تائين ڪاليج 131 بيچز ذريعي 95,000 کان وڌيڪ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تربيت ڏئي چڪو آهي سنڌ پوليس کان علاوه بلوچستان پوليس، گلگت بلتستان پوليس، اسلام آباد پوليس، پاڪستان ريلويز پوليس موٽروي پوليس، اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽس ۽ ايف آءِ اي جي آفيسرن پڻ هن اداري مان تربيت حاصل ڪئي آهي پرنسپال ايس ايس پي چانڊيو چيو ته موجوده بيچ 315 عورت اهلڪارن سميت 974 رنگروٽن تي مشتمل هئي جن قانون جاچ جي طريقن ٽيڪنالاجي تي ٻڌل پوليسنگ، هٿيارن جي محفوظ استعمال اخلاقيات ۽ پيشه ورانه روين بابت سخت تربيت حاصل ڪئي آهي هن نوٽ ڪيو ته رٽائرڊ سينئر پوليس آفيسرن جهڙن وڪيلن ۽ موضوع جي ماهرن کي ليڪچرز ۽ عملي تربيتي سيشن ڏيڻ لاءِ شامل ڪيو ويو هو پرنسپال ڪيمپس جي سيڪيورٽي ۾ تازن سڌارن کي پڻ اجاگر ڪيو جنهن ۾ چوڌاري سيڪيورٽي کي مضبوط ڪرڻ حفاظتي رڪاوٽون لڳائڻ ڪنڊيدار تارن جي باڙ بهتر نگراني جا انتظام ۽ آمد و رفت جي انفراسٽرڪچر ۾ سڌارو شامل آهن "گرين سعيد آباد" جي هڪ ڪوشش تحت ڪيمپس تي 2,000 کان وڌيڪ وڻ ۽ ٻوٽا پوکيا ويا آهن جڏهن ته کاڌي جي سهولتن پيئڻ جي پاڻي ۽ تربيت حاصل ڪندڙن جي رهائش جهڙين سهولتن پڻ بهتر ڪيون ويون آهن هن حڪومت کان ڪنڪريٽ جي باؤنڊري وال جي اڏاوت، اضافي رهائشي بئريڪس نئين ميس جي سهولتن واٽر سپلاءِ اسڪيم زمين دوز پاڻي جي ذخيرن نيڪال جي بهتر انفراسٽرڪچر جديد نگراني جي نظام بلٽ پروف جيڪٽس جديد هٿيارن ۽ هڪ اسٽيٽ آف دي آرٽ مانيٽرنگ اينڊ ڪنٽرول روم لاءِ حڪومت جي سهڪار جي درخواست ڪئي تقريب جي پڄاڻي وڏي وزير سينئر پوليس آفيسرن ۽ گريجوئيٽ ڪندڙ رنگروٽن جي گروپ فوٽو سان ٿي جيڪو سنڌ پوليس جي همعصر قانون لاڳو ڪندڙ چيلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ صوبي جي وڏي جاکوڙ سان حاصل ڪيل امن جي حفاظت ڪرڻ جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ جي مقصد سان هڪ ٻئي تربيتي چڪر جي ڪامياب مڪمل ٿيڻ جي نشاندهي ڪري ٿو

بقايا 5 روزاني عبرت

12.5 سيڪڙو جا نوان ٽيرف لاڳو ڪري ڇڏيا. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي واپاري نمائندي جيمي سن گرير پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته نئون ڊيوٽيز آمريڪي واپاري قانون 1974ع جي سيڪشن 301 تحت لاڳو ڪيون ويون آهن جڏهن ته تيل، گيس، پاڻ ۽ ٻين غذائي شين سميت ڪيترين ئي شين کي ان کان آجو رکيو ويو آهي. ان ملڪن ۾ يورپي يونين جاپان، ڏکڻ ڪوريا، تائيوان سوئٽزرلينڊ، ڪئناڊا، ڀارت، برطانيه، ميڪسيڪو ۽ ٻيا شامل آهن جيمي سن گرير چيو ته آمريڪا پاران تقريبن هڪ صديءَ کان جبري مشقت سان تيار ٿيندڙ شين جي درآمد تي پابندي لاڳو ڪيل آهي ۽ ان تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪري ٿو هاڻ وقت اچي ويو آهي ته آمريڪا جا واپاري حصيدار به مؤثر قدم کڻن آمريڪا ارجنٽائن بنگلاديش برطانيه، ڪمبوڊيا، ڪئناڊا، ايڪواڊور ايل سلواڊور گوئٽي مالا، هونڊوراس، ڀارت انڊونيشيا اردن ملائيشيا، ميڪسيڪو سريلنڪا ٽرينيڊاڊ اينڊ ٽوباگو سميت ڪيترن ئي ملڪن تي 10 سيڪڙو ٽيرف لاڳو ڪيو آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

پوري قوم جو عزم مضبوط آهي جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر حملي ۾ شهيد ٿيندڙ اهلڪارن جي درجن جي بلنديءَ ۽ ڏکويل خاندانن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي صدر دهشتگردي جي واقعي ۾ زخمي ٿيندڙ اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي هن چيو ته دهشتگردن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي عبرت جو نشانو بڻايو وڃي

بقايا 7 روزاني عبرت

مذمت ڪندي شهيدن جي درجن جي بلنديءَ ۽ انهن جي گهرڀاتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم دهشتگردي جي واقعي ۾ سب انسپيڪٽر سجاد الاسلام ۽ ڪسٽمز ڪانسٽيبل جواد جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هن واقعي ۾ زخمي ٿيندڙ اهلڪارن جي جلد صحتيابي جي دعا پڻ ڪئي وزيراعظم لاڳاپيل اهلڪارن کي ذميوارن جو تعين ڪري انهن کي سخت سزا ڏيارڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين شرپسند عنصرن کي ڪنهن به صورت ۾ ملڪ جو امن تباهه ڪرڻ نه ڏينداسين

بقايا 8 روزاني عبرت

صوبائي حڪومت تي زور ڏنو ته هو ان سلسلي ۾ خاص قدم کڻي اجلاس جي صدارت سنڌ ڪميٽي جي چيئرمين قاضي اسد عابد ڪئي سنڌ ۾ پريس جي آزاديءَ جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي بحث ڪندي، اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ ميڊيا کي نسبتاً گهٽ سڌي دٻاءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان کان علاوه، خبرن جي اشاعت يا انهن کي روڪڻ بابت حڪومت طرفان باقاعده "پريس ايڊوائس" (هدايتون) جاري ڪرڻ جو ڪو به رواج موجود ناهي تنهن هوندي به ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته اظهار جي آزاديءَ لاءِ سازگار موجوده ماحول کي برقرار رکيو وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪيو وڃي جنهن سان ميڊيا جي آزادي محدود ٿيڻ جو امڪان هجي اجلاس دوران مختلف مکتبن صحافين جي تحفظ بابت معاملن تي پنهنجا ويچار پڻ پيش ڪيا ان موقعي تي "سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس" (صحافين جي تحفظ واري سنڌ ڪميشن) وٽ التوا هيٺ ڪيسن صحافين کي نشانو بڻائڻ جي واقعن (تشدد ۽ قتل)، جاچ جي رفتار ۽ انصاف جي فراهمي سان لاڳاپيل مسئلن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن صحافين جي تحفظ واري قانون تي ان جي اصل روح مطابق عملدرآمد يقيني بڻائڻ ۽ اهڙن ڪيسن کي منطقي انجام تائين پهچائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو سنڌ جي نئين سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ ۽ ڊائريڪٽر اشتهارات (سنڌ) محمد يوسف ڪابورو خاص طور تي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي سنڌ ڪميٽي جي چيئرمين قاضي اسد عابد، سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن ٻنهي مهمانن جو ڀرپور استقبال ڪيو اهو مطالبو ڪيو ويو ته آڊٽ رپورٽ جلد کان جلد سنڌ جي وڏي وزير آڏو پيش ڪئي وڃي ۽ بقايا ادائيگين جي ادائيگي جو عمل مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن اخبارن جي صنعت— جيڪا هن وقت سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهي آهي— کي ڪجهه رليف ملي سگهي اجلاس ۾ گذريل ڪجهه مهينن دوران نيوز پرنٽ، ڇپائي ۽ پيداوار جي ٻين خرچن ۾ ٿيل بي پناهه واڌ تي پڻ روشني وڌي وئي، جنهن جو اخبارن ۽ رسالن جي اشاعت تي منفي اثر پئجي رهيو آهي شرڪت ڪندڙن حڪومت تي زور ڏنو ته اها پرنٽ ميڊيا جي استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص مالي امداد، نيوز پرنٽ تي رعايتن ۽ ٻين ممڪنه رليف پيڪيجز تي غور ڪري ماهوار رسالن جي نمائندن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته جيتوڻيڪ اخبارن کي حڪومتي اشتهار ملي رهيا آهن ان موقعي تي سي پي اين اي (CPNE)جي ميمبرن سنڌ حڪومت سان ڪم جي مثبت لاڳاپن سرڪاري اشتهارن جي ادائگين جي نسبتاً بروقت ٿيڻ ۽ شفاف طريقيڪار کي ساراهيو هنن ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته سنڌ حڪومت ان سلسلي ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ هڪ بهتر مثال قائم ڪيو آهي اجلاس دوران پرنٽ ميڊيا جي نمائندن اخبارن ۽ رسالن کي درپيش ڪيترن ئي اهم مسئلن ڏانهن سنڌ حڪومت جو ڌيان ڇڪايو شرڪاءَ خاص طور تي گذريل ڪيترن ئي سالن کان التوا ۾ پيل واجبات جي فوري ادائگي جو مطالبو ڪيو ۽ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته ٽئين ڌر جي آڊٽ مڪمل ٿيڻ باوجود اهو معاملو اڃا تائين التوا جو شڪار آهي بهرحال رسالن ۽ ماهوار جرنلز کي اشتهارن جو مناسب حصو نه ٿو ملي هنن حڪومت تي زور ڏنو ته اشتهاري پاليسيءَ ۾ ترميم ڪري رجسٽرڊ جرنلز کي برابر جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن هن شعبي جي بقا کي يقيني بڻائي سگهجي سنڌ جي سيڪريٽري اطلاعات شرڪت ڪندڙن جي خدشن کي غور سان ٻڌو ۽ کين يقين ڏياريو ته لاڳاپيل اختيارين سان مشاورت ڪانپوءِ بقايا ادائيگين، اشتهاري پاليسي، رسالن سان لاڳاپيل مسئلن ۽ ٻين انتظامي معاملن بابت جلد ئي ٺوس اڳڀرائي ڪئي ويندي هن CPNEجي وفد کي ايندڙ هفتي پنهنجي آفيس ۾ هڪ تفصيلي اجلاس لاءِ پڻ دعوت ڏني، جنهن جو مقصد سمورن مسئلن جا قابل عمل حل ڳولڻ هو اجلاس دوران شرڪت ڪندڙن کي اطلاعات بابت وفاقي وزير سان CPNE جي مرڪزي قيادت جي تازي ملاقات بابت آگاهه ڪيو ويو ان ملاقات ۾ وفاقي اشتهارن جي ادائگين، رجسٽريشن، آڊٽ بيورو آف سرڪيوليشن (ABC) ۽ ميڊيا انڊسٽري کي درپيش ٻين چيلينجز جهڙن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي هئي شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته وفاقي ۽ صوبائي سطحن تي ميڊيا سان لاڳاپيل پاليسي جي سمورن معاملن بابت ٿيندڙ باقاعده مشاورت ۾ CPNEکي شامل ڪيو وڃي اجلاس ۾ چيئرمين قاضي اسد عابد، ڊپٽي چيئرمين سيد حامد حسين عابدي، سي پي اين اي سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو، اعجاز الحق، انور ساجدي، فنانس سيڪريٽري عارف بلوچ، محمد عثمان حسن ناصر مقصود يوسفي، حسن عباس، عبدالسميع منگريو محمد سراج انفارميشن سيڪريٽري علي محمد منگي، علي محمد منگي، علي محمد منگي انفارميشن سيڪريٽري شير محمد منگي، علي شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي سيهام محمود عالم خالد، محمد قاسم طارق ڪامران مدثر عالم عمران ڪورائي، فراز احمد چانڊيو شاهد ستي، عاطف صادق شيخ وحيد ميمڻ رحمان سڪندر ملڪ ۽ رفاقت تنولي پڻ موجود هئا

بقايا 9 روزاني عبرت

تنهنڪري ان جي اڳواڻن جي واعدن، چوڻن ۽ ووٽ جي عزت جون ڳالهيون کوکليون نعرا لڳن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ميان نواز شريف عوام کي اهو ٻڌائي ته ووٽ کي عزت آخر ڪڏهن ڏيڻ گهرجي؟ هن چيو ته سياست پنهنجي جاءِ تي هلندي رهندي، پر سنڌ ۽ ڪشمير جي سرزمين ۽ اتان جي عوام کي طنز ۽ مذاق جو موضوع بڻائڻ مناسب ناهي هن چيو ته سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر ڪنهن به صوبي، شهر يا علائقي جي تذليل ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. سندس چوڻ هو ته اڳوڻي وزيراعظم جو اهو رويو نه رڳو غير سنجيده، پر افسوسناڪ پڻ آهي جنهن سان لکين پاڪستانين خاص طور ڪشمير ۽ سنڌ جي عوام جي جذبن کي ڌڪ پهتو آهي سينيئر وزير چيو ته ڪنهن به شهر يا ضلعي جو نالو سياسي تقرير ۾ مذاق يا تقابلي انداز سان استعمال ڪرڻ ذميوارانه سياست جي عڪاسي نٿو ڪري هن چيو ته ڪشمير پاڪستان جي قومي جدوجهد جي علامت آهي جڏهن ته سنڌ جو هر شهر به اوترو ئي معزز ۽ قابل احترام آهي شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته جيتوڻيڪ نواز شريف پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "تلخي نه هئڻ گهرجي"، پر سندس پنهنجا لفظ ئي سياسي تلخي ۽ غير ضروري ورهاست جو سبب بڻجي رهيا آهن هن زور ڏنو ته قومي اڳواڻن کي اهڙن بيانن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي مختلف علائقن جي عوام ۾ احساس محرومي يا تفريق پيدا ڪن سندس چوڻ هو ته پاڪستان کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ نه پر قومي يڪجهتي، باهمي احترام ۽ سنجيده سياسي روين جي ضرورت آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ۽ ڪشمير جا ماڻهو پنهنجي سڃاڻپ ۽ سرزمين تي فخر ڪن ٿا، ۽ ڪنهن کي به اهو حق حاصل ناهي ته هو انهن کي سياسي طنز جو نشانو بڻائي هن چيو ته جيڪا سياست ورهاست ۽ تمسخر تي ٻڌل هجي، اها قومي مفاد بدران سياسي نقصان جو سبب بڻجندي

بقايا 10 روزاني عبرت

هلال امتياز (ملٽري) ستارهِ بسالت کي فور اسٽار جنرل جي عهدي تي ترقي ڏيڻ ۽ نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جي ڪمانڊر طور مقرري جو اعلان ڪيو آهي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم جنرل عامر رياض هلال امتياز (ملٽري) ستارهِ بسالت کي ترقي ۽ مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ ان اهم ذميواري کي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪليئرنس دوران ڪميل عباس نالي هڪ مسافر کي مشڪوڪ سفري دستاويزن جي بنياد تي جهاز ۾ سوار ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو ايف آءِ اي جي ترجمان موجب، تفصيلي جاچ جي دوران مسافر جي پاسپورٽ تي شڪي جعلي اميگريشن مهرون مليون انهن مهرن جي تصديق انٽيگريٽيڊ بارڊر مينيجمينٽ سسٽم (IBMS) ذريعي ڪئي وئي، پر لاڳاپيل آمد ۽ روانگي جو ڪو به رڪارڊ نه مليو سبب مهرن جي جعلي هجڻ جو شڪ وڌيڪ مضبوط ٿي ويو ترجمان موجب ابتدائي پڇا ڳاڇا دوران مسافر ٻڌايو ته هن پنهنجو پاسپورٽ پنهنجي دوست نعيم حوالي ڪيو هو جيڪو هن وقت ملائيشيا ۾ رهائش پذير آهي مسافر جو چوڻ هو ته مبينا طور تي ساڳئي شخص سندس پاسپورٽ تي جعلي پاڪستاني اميگريشن مهرون لڳرايون هن ان شخص جا رابطي جا نمبر پڻ اختيارين کي فراهم ڪيا آهن ايف آءِ اي موجب مسافر کي پرواز تان آف لوڊ ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي جامع جاچ ۽ جعلي اميگريشن مهرن جي استعمال ۾ ملوث سمورن ماڻهن جي سڃاڻپ لاءِ انساني اسمگلنگ جي خاتمي واري سرڪل (AHTC)حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

واجبات جي مد ۾ 1 ڪروڙ 10 لک رپيا ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته پينشن ۽ رٽائرمينٽ جا فائدا ڪنهن اداري جي صوابديد نه پر ملازمن جو قانوني حق آهن آئيني بينچ ڪي ڊي اي جي مرحوم آفيسر جي واجبات جي عدم ادائيگي بابت داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته ڪي ڊي اي واجبات تسليم ڪرڻ باوجود اڃا تائين مڪمل ادائيگي ناهي ڪئي عدالت جي پڇا تي ڪي ڊي اي جي وڪيل ٻڌايو ته اداري هيل تائين 3 لک 50 هزار رپيا ادا ڪيا آهن جڏهن ته مالي مشڪلاتن سبب باقي رقم جي ادائيگي ۾ دير ٿي آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ حڪومت کان 5 ارب رپين جي گرانٽ طلب ڪئي وئي آهي ٻڌڻي دوران عدالت ريمارڪس ڏيندي چيو ته رڪارڊ موجب مرحوم آفيسر کي سندس حياتيءَ ۾ واجبات ادا نه ڪيا ويا، جڏهن ته درخواستگذار قانوني وارث هجڻ سبب انهن واجبات جي حقدار آهي عدالت چيو ته واجبات جي بروقت ادائيگي رياستي ادارن جي آئيني ذميواري آهي ۽ اداري جون مالي مشڪلاتون ملازمن کي سندن تسليم ٿيل حقن کان محروم رکڻ جو جواز نٿيون بڻجي سگهن سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجي حڪم ۾ ڪي ڊي اي کي هدايت ڪئي ته درخواستگذار کي واجبات جي مد ۾ 1 ڪروڙ 10 لک رپيا ادا ڪري ۽ عملدرآمد بابت رپورٽ رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ وٽ پيش ڪئي وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

طفيل کي ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي عهدي جو اضافي چارج ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي هو 28 جولاءِ کان پنهنجيون نيون ذميواريون سنڀاليندا. جامعه ڪراچي جي موجوده وائيس چانسلر ڊاڪٽر خالد محمود عراقي جي چار سالن واري آئيني مدي جي پڄاڻي 28 جولاءِ تي ٿيندي ڊاڪٽر خالد محمود عراقي مستقل مقرري کان اڳ ٽي سال قائم مقام وائيس چانسلر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون هيون اهڙي ريت هو مجموعي طور ست سال جامعه ڪراچي جي وائيس چانسلر طور ذميواريون نڀائيندا رهيا

بقايا 14 روزاني عبرت

الزامن جي بنياد تي داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن شهرين، صحافين ۽ مختلف سماجي حلقن پوليس جي ڪارروائي تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي ان جي مذمت ڪئي آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته ڌرڻي دوران پوليس مبينا طور لاٺي چارج ڪئي، تشدد ڪيو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو جنهن بعد سندن خلاف ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا. مظاهرين آءِ جي سنڌ ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي اجالا پروين سولنگي جي وارثن ۽ ٻين گرفتار ٿيل شهرين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، داخل ڪيل ڪيسن جو قانوني جائزو وٺي بي بنياد ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ جيڪڏهن پوليس اهلڪارن طرفان ڪنهن به قسم جي غيرقانوني ڪارروائي ثابت ٿئي ته لاڳاپيل اهلڪارن خلاف قانون موجب قدم کنيا وڃن آخري اطلاعن تائين پوليس يا ضلعي انتظاميا طرفان شهرين ۽ صحافين جي الزامن بابت ڪو باضابطه موقف سامهون نه آيو هو

بقايا 15 روزاني عبرت

جي عزم کي ورجايو اهو سنڌ وڏي وزير چيف منسٽر هائوس ۾ شانڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ جي چيئرمين زو شيانگ جي اڳواڻي ۾ آيل هڪ وفد سان ملاقات دوران ڪيو. وفد ۾ شانڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ جو ڊائريڪٽر وانگ زيٽرونگ شامل هو جڏهن ته تباني گروپ جي نمائندگي چيئرمين حمزه تباني ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر حاتم تباني، ڊائريڪٽرز عبدالواصع تباني ۽ ارحم تباني ۽ جنرل مئنيجر ماجد نصير ڪئي. ملاقات ۾ وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پي پي پي لاءِ خاص مددگار قاسم نويد، پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف ۽ چيئرمين سي ايم آءِ ٽي بلال ميمڻ پڻ شرڪت ڪئي. چيني وفد ۽ تباني گروپ کي ڀليڪار ڪندي وڏي وزير سنڌ ۾ سيڙپڪاري جي وسيع صلاحيت کي اجاگر ڪيو ۽ شانڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ کي پي پي پي ماڊل تحت مختلف ترقياتي قدمن ۾ صوبائي حڪومت سان ڀائيواري ٿيڻ جي دعوت ڏني. هن چيو ته روڊن، فلائي اوورز پاڻي جي علاج جي سهولتن، ڊي سيلينيشن پلانٽس، ٽرانسپورٽ انفراسٽرڪچر ۽ شهري ترقي جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري جا موقعا موجود آهن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن کي هر ممڪن مدد ۽ سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. وفد کي صوبي ۾ جاري انفراسٽرڪچر ٽرانسپورٽ ۽ شهري ترقي جي منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي. شانڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ جي نمائندن سنڌ جي ترقياتي ايجنڊا ۾ حصو وٺڻ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو جڏهن ته چيني ڪمپني ۽ تباني گروپ ٻنهي گڏيل منصوبن تي سنڌ حڪومت سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته پاڪ چين دوستي گڏيل اعتماد ۽ گڏيل خوشحالي جو هڪ روشن مثال آهي. هن وڌيڪ چيو ته وڌندڙ پرڏيهي سيڙپڪاري سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ سنڌ جي اقتصادي ترقي ۾ مدد ملندي. ٻنهي ڌرين انفراسٽرڪچر ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن ۾ تعاون ۽ سيڙپڪاري جا وڌيڪ رستا ڳولڻ تي اتفاق ڪيو. چيني وفد سنڌ جي سيڙپڪار دوست پاليسين جي تعريف ڪئي ۽ مستقبل جي سهڪار کي وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 16 روزاني عبرت

پاڻي جي تحفظ جو عزم سنڌ اندر زرعي پاڻي جي ڪوٽ ۽ سنڌو درياهه جي پاڻي واري معاملي تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سڏ تي مختلف شهرن ۾ "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" جي عنوان هيٺ احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون جن ۾ پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. لکي غلام شاهه ۾ ريلي مهر هائوس وزيرآباد کان نڪتي، جنهن جي اڳواڻي لياقت علي ميمڻ، حاجي اسلم ميمڻ منصور خان مهر ۽ ٻين ڪئي ايم پي اي محمد عارف خان مهر خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي پاڻي واري حق تي ڪو به سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو. گهوٽڪي ۾ پيپلزپارٽي جي ريلي ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاکو عبدالمجيد لاکو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي جڏهن ته سجاول ۾ ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ لياقت جماري، فردوس عزيز ميربحر ۽ ٻين اڳواڻن پاڻي جي ڪوٽ خلاف آواز اٿاريو. چوهڙجمالي، پٺورو ۽ اسلام ڪوٽ ۾ به احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون جتي ساگر ميمڻ، غلام نبي ٿهيم نور محمد ولهاري، حاجي احمد علي آريسر فقير فيصل بلالاڻي ۽ ٻين اڳواڻن سنڌو درياهه جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو. خيرپور نوشهروفيروز ڪنڊيارو ۽ نيوسعيدآباد ۾ پڻ پ پ پ ڪارڪنن ريليون ڪڍيون خيرپور ۾ عتيق الرحمان ڦلپوٽو منير حسين مسعود ۽ ٻين جڏهن ته نوشهروفيروز ۾ سهيل اختر عباسي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو بدين گولاڙچي ٽنڊو محمد خان ٽنڊو آدم هالا ميهڙ ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ احتجاجي مظاهرا ٿيا بدين ۾ فدا حسين منڊرو پير وقار شاهه جيلاني ۽ ٻين گولاڙچي ۾ ڊاڪٽر سجاد چانڊيو ۽ عرفان ڳچ جڏهن ته ٽنڊو آدم ۾ تاج محمد ورياهه ۽ ٻين اڳواڻن ريلي جي اڳواڻي ڪئي. مظاهرين چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي معيشت، زراعت ۽ زندگي جو بنيادي ذريعو آهي، ان جي پاڻي تي ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ يا ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سنڌ کي 1991ع واري پاڻي ٺاهه تحت پنهنجو حصو ڏنو وڃي ۽ پاڻي جي معاملي تي وفاقي ۽ عالمي سطح تي موثر آواز اٿاريو وڃي پيپلزپارٽي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي پاڻي، زمين ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ جمهوري ۽ آئيني جدوجهد جاري رهندي

بقايا 17 روزاني عبرت

ٿيندي ڪراچي کان چمن تائين بن قاسم واري رستي جو 300 ارب رپين جو منصوبو ايندڙ ڏيڍ ٻن سالن ۾ مڪمل ٿي ويندو پنجاب اين ايف سي ايوارڊ جي مد ۾ 150 ارب رپيا بلوچستان کي ڏنا آهن باقي صوبن بلوچستان جي ترقي لاءِ پنهنجو ڀرپور حصو وڌو آهي. بلوچستان کي ليپ ٽاپ ۽ وظيفن جي ورڇ ۾ 10 سيڪڙو وڌيڪ ڪوٽا ڏني پئي وڃي پاڪستان جي مسئلن جو حل شفاف حڪومتي نظام ۾ آهي ملڪ ۾ دهشتگردي جي پٺيان ڀارت جو هٿ آهي دهشتگردي جي چيلينج کي اسان کي گڏجي منهن ڏيڻو پوندو. افغانستان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هو دهشتگرد تنظيمن جي خلاف ڪارروائي ڪري ۽ افغان سرزمين پاڪستان جي خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏي اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي ڏينهن "بلوچستان نيشنل ورڪشاپ" جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف، منصوبابندي ۽ ترقي وارو وفاقي وزير احسن اقبال اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، ناڻي ۽ اوڳاڙين وارو مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني سميت ٻيا پڻ موجود هئا. وزيراعظم چيو ته اسلام آباد صحيح معنيٰ ۾ چئني صوبن جي ماڻهن جو مسڪن آهي. بلوچستان مان آيل غيرتمند محب وطن فرزندن ۽ ڌيئرن کي ڀليڪار چئون ٿا، بلوچستان جاگرافيائي لحاظ کان ملڪ جو سڀ کان وڏو صوبو آهي بلوچستان ۾ رهندڙ اسان جي بهادر بلوچ ۽ پختون ڀائرن ۽ ڀينرن تخليق پاڪستان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو 1947ع ۾ بلوچستان جي ڪيترين ئي رياستن رضاڪارانه طور تي پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪئي. 1948ع ۾ ٻين رياستن جي بلوچ پختون قبائلي اڳواڻن پڻ اڳتي وڌي قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت کي تسليم ڪيو ۽ پاڪستان جو حصو بڻيا. وزيراعظم چيو ته بلوچستان ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي بلوچستان جي قيادت ذاتي مفاد ۽ انا کي هڪ طرف رکندي کلي دل سان وفاق جي حمايت ڪئي. بلوچستان آباديءَ جي لحاظ کان جيتوڻيڪ ملڪ جو سڀ کان ننڍو صوبو آهي پر جاگرافيائي لحاظ کان سڀ کان وڏو صوبو آهي ٻين صوبن ۽ خاص طور تي ڳتيل علائقن ۾ جيڪا وسيلا تعليم صحت ۽ خوشحالي جي لاءِ استعمال ڪري وڌيڪ آبادي کي فائدو پهچائي سگهجي ٿو بلوچستان جي صورتحال ان حوالي سان مختلف آهي فاصلا شهرن ڳوٺن ۽ علائقن جي وچ ۾ وڌيڪ آهن ڏورانهن علائقن جي ترقي جي لاءِ ڊگهي فاصلن جي ڪري وسيلا سراسري طور وڌيڪ هجڻ گهرجن 2010ع ۾ اين ايف سي ايوارڊ ۾ ان معاملي کي تسليم ڪيو ويو ۽ باقي ٽن صوبن خاص طور تي پنجاب گڏجي رضاڪارانه طور تي بلوچستان جو مالي حق 100 سيڪڙو وڌائڻ جي مطالبي کي پورو ڪيو ۽ ان ۾ وڏي حصو وڏي پنجاب 11 ارب رپيا ساليانو ڏنا. وزيراعظم چيو ته اهو ڪو احسان نه هو پر ڀائيچاري جو هڪ عظيم مثال هو ڏک سک ونڊڻ جي جذبي جو مظاهرو ڪيو ويو پنجاب 2010ع کان هيستائين 150 ارب رپيا ان سلسلي ۾ فراهم ڪري چڪو آهي ۽ اهو سلسلو اڃا به جاري آهي. اڳوڻي وزيراعظم ميان محمد نواز شريف جي دور ۾ بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ بي پناهه وسيلا منصوبا ڏنا ويا بعد ۾ ايندڙ حڪومتن خاص طور تي پي ڊي ايم جي حڪومت ۾ ۽ هاڻي به بلوچستان جي جائز مطالبن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ انهن جي بجيٽ کان وڌيڪ وسيلا مهيا ڪيا ويا. وزيراعظم چيو ته بلوچستان ۾ آبادگارن کي ڪيترائي ڪلاڪ بجلي جي بندش درپيش هئي انهن جا ٻيا به مسئلا هئا جن کي حل ڪرڻ جي لاءِ اٽڪل 27 هزار ٽيوب ويلز کي شمسي توانائي تي منتقل ڪيو ويو 75 ارب رپين جي ان منصوبي ۾ 50 ارب رپيا وفاق فراهم ڪيا، اهڙي طرح ڪراچي کان چمن تائين اين 25 جنهن کي خوني رستو چيو ويندو هو ۽ روزانو حادثا ٿيندا آهن ان پراڻي مطالبي کي پورو ڪرڻ جي لاءِ گذريل سال تيل جي قيمت ۾ گهٽتائي جي مد ۾ گڏ ٿيندڙ رقم سان ڪراچي کان چمن تائين بن قاسم وارو رستو ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو 300 ارب رپين جو اهو منصوبو ايندڙ ڏيڍ ٻن سالن ۾ مڪمل ٿيندو ته ان خوني رستي کي امن جو رستو قرار ڏنو ويندو وزيراعظم چيو ته سمورا صوبا برابر ترقي ڪندا ته ملڪ ترقي ڪندو جيڪڏهن هڪ صوبو وڌيڪ ترقي ڪري ٿو ۽ باقي صوبا پٺتي رهجي وڃن ٿا ته اها ملڪي ترقي ناهي هوندي، ترقي جي دوڙ ۾ چئني صوبن جي هڪ جهڙي ڪوشش جي ضرورت آهي. وفاقي حڪومت ان سلسلي ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي. وزيراعظم مستونگ جي سيشن جج عبدالحڪيم جي شهادت کي افسوسناڪ سانحو قرار ڏيندي ان جي درجن جي بلنديءَ ۽ گهرڀاتين جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي هن چيو ته سيشن جج عبدالحڪيم ۽ سندس هڪ اهلڪار شهادت ماڻي، هن چيو ته ملڪ جي حفاظت جي لاءِ عوام سان گڏوگڏ پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا آفيسر ۽ جوان قربانيون ڏئي رهيا آهن هيستائين دهشتگردي جي خاتمي جي جنگ ۾ 90 هزار پاڪستاني شهيد ٿي چڪا آهن پاڪستان ۾ دهشتگردي جي پٺيان ڀارت جو هٿ آهي ۽ اهو وسيلا فراهم ڪري رهيو آهي ان ۾ ٻيا به عمل شامل آهن. 18 — 2017ع ۾ ملڪ مان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ٿي ويو هو پر ان ڪانپوءِ دهشتگردي ٻيهر ڪر کنيو. هڪ انتهائي منظم سازش سان دهشتگردي ٻيهر آئي. دهشتگردي اسان جي لاءِ هڪ چيلينج آهي اسان سڀني کي گڏجي ان جو مقابلو ڪرڻو آهي افغانستان اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي ان سان اسان جي 2 هزار ڪلوميٽر گڏيل سرحد آهي افغان رجيم کي اسان سمجهائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، ته اسان پاڙيسري آهيون ۽ اسان کي گڏجي رهڻو آهي. خطي ۾ امن چاهيو ٿا ته اتي موجود دهشتگرد تنظيمن جي خلاف ڪارروائي ڪريو ۽ افغانستان جي سرزمين پاڪستان جي خلاف استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وڃي افغان عبوري حڪومت انهن تنظيمن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ جي حفاظت جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. تازن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ پاڪستان کي عظيم ڪاميابيون عطا ڪيون آهن معرڪ حق ۾ ڀارت کي چئن ڏينهن ۾ شڪست ملي اهڙي طرح سفارتڪاري جي ذريعي پاڪستان خطي ۾ امن جي بحالي جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان سان دنيا ۾ پاڪستان کي تمام گهڻي عزت ملي آهي. خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ موثر سفارتڪاري تي دنيا پاڪستان کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي اها عزت ۽ وقار دشمن کي هضم نه پيو ٿئي، وقت اچي ويو آهي ته ملڪ کي معاشي ترقي جي دوڙ ۾ اڳتي وٺي وڃون موقعن مان فائدو کڻي اسان کي چئني صوبن ۾ ترقي ۽ خوشحالي آڻڻي پوندي ان جي لاءِ اسان کي ڏينهن رات گڏجي اڻٿڪ محنت ڪرڻي پوندي، جڏهن چار ئي صوبا ۽ 24 ڪروڙ عوام گڏجي ڪوشش ڪندا ته پاڪستان دنيا ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪندو ۽ اسان جون عسڪري ۽ سفارتي ڪاميابيون وڌيڪ وڌنديون ورڪشاپ ۾ سوال جواب جو سيشن پڻ ٿيو وزيراعظم شرڪت ڪندڙن جي سوالن جا دليلن سان جواب ڏنا. هڪ سوال جي جواب ۾ وزيراعظم چيو ته ايف بي آر ۾ بدعنواني جي ڪري اربين کربين رپين جا جيڪي وسيلا خزاني ۾ جمع ٿيڻ گهرجن اهي نه ٿا ٿين جنهن جي ڪري غربت ۽ مسئلا وڌن ٿا ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي قرضن تي قرض وٺڻو پوي ٿو. پاڪستان جي مسئلن جو حل شفاف حڪومتي نظام ۾ آهي. ان جي لاءِ اسان ٽيم ورڪ جي طور تي ڪم ڪيو آهي ۽ گذريل سال سيلز ٽيڪس ۽ ٻين انڊسٽري ٽيڪسن جي مد ۾ 800 ارب رپيا وصول ڪيا ويا آهن اها هڪ وڏي رقم آهي جنهن جو اڳ ۾ مثال نه ٿو ملي اهي ئي قومون ترقي ڪنديون آهن جيڪي فيصلو ڪري وٺن ته ڪي هر چيلينج ۽ مشڪل جو مقابلو ڪرڻو آهي جاپان ۽ جرمني جا مثال اسان جي سامهون آهن ته انهن محنت جي ذريعي دنيا ۾ پنهنجو ٻيهر مقام ٺاهيو آهي جادو منتر سان نه رڳو محنت، ديانت ۽ امانت جي ذريعي ترقي ڪري سگهجي ٿي اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون انشاءَ الله گڏجي بهتري آڻينداسين ته جيئن سمورن صوبن جي عام عوام جي لاءِ گهرن جي درن تي خدمتن جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي ماضي جي غلطين کي سڌارينداسين ۽ ترقي جا ثمر چئني صوبن کي منتقل ڪنداسين شفاف گورننس جي نظام کي صوبن ۾ به لاڳو ڪنداسين ڪڇي ڪينال بابت هڪ سوال جي جواب ۾ وزيراعظم چيو ته پاڻي ذخيرن جي منصوبن جي لاءِ هلندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ 368 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ان ۾ ڪڇي ڪينال جو منصوبو به شامل آهي. ان منصوبي کي تيزي سان مڪمل ڪيو ويندو ان منصوبي کي پاڪستان ڪينال جو نالو ڏيون ته بهتر ٿيندو ضلعي چاغي سان تعلق رکندڙ شاگرديائي خالده يوسف جي سوال جي جواب ۾ وزيراعظم چيو ته توهان جو تعلق به چاغي سان آهي اسان کي توهان تي تمام گهڻو فخر آهي ماضي ۾ پنجاب جي وڏي وزير جي حيثيت سان بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ ليپ ٽاپ ڏنا انهن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف نه ڏنيون اڄ ڊيجيٽل انوويشن اي آءِ ۽ آءِ ٽي جو دور آهي لکين ليپ ٽاپ ورهايا ويا، هنن انهن ٻارن ٻارڙين ۽ خاندانن جي تقدير بدلائي ڇڏي ۽ انهن ملڪ جي ترقي ۽ تعليم جي لاءِ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ گذريل سال به پوري ملڪ ۾ ميرٽ تي هڪ لک ليپ ٽاپ ورهايا ويا. ليپ ٽاپ ۽ وظيفن جي حوالي سان بلوچستان جي ڪوٽا باقي صوبن کان وڌيڪ آهي. ان ڪانسواءِ بلوچستان ۾ 9 دانش اسڪولز ٺاهيا پيا وڃن ٻارن ۽ ٻارڙين جي تعليم جي لاءِ جدا جدا درسگاهون ڪلاس رومز ۽ رانديڪن جا ميدان هوندا. غريب ۽ يتيم ٻارن کي مفت تعليم جي سهولت حاصل هوندي، هزارين ٻار ۽ ٻارڙيون فارغ ٿي ڊاڪٽر ۽ انجنيئرز بڻجي قوم جي ڀرپور خدمت ڪري رهيا آهن. بلوچستان جي تعليمي ادارن جي لاءِ صوبائي حڪومت سان گڏجي سهولتون فراهم ڪنداسين بلوچستان جا شاگرد ۽ شاگرديائيون ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا ۽ ملڪ دشمن عنصرن جي خاتمي ۾ هر اول دستو ثابت ٿيندا. اهڙي طرح پاڪستان تمام جلد دهشتگردي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندو. وزيراعظم چيو ته اسان کي بلوچستان ۾ وڌيڪ وسيلا مهيا ڪرڻا آهن ڪوئيٽا، قلات ۽ چمن سميت بلوچستان جي عام ماڻهو کي جيستائين اهو احساس نه ٿيندو ته ان جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ بلوچستان جي حڪومت ۽ وفاق گڏجي پنجاب، خيبرپختونخواهه ۽ سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي وانگر سوچين ٿا، ان وقت تائين اهي مطمئن نه ٿيندا. وزيراعظم يقين ڏياريو ته بلوچستان جي ترقي، خوشحالي تعليم ۽ علاج جي لاءِ وسيلن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو پاڪستان کي دنيا جو هڪ طاقتور ترين ملڪ بڻائينداسين ورڪشاپ جي شرڪت ڪندڙن سان گڏ وزيراعظم گروپ فوٽو پڻ ڪڍرايو

بقايا 18 روزاني عبرت

ڊويزن وزير جي پهاڙي سلسلي تلگٽي ۾ گجهي اطلاع تي بنون پوليس، سي ٽي ڊي ۽ سيڪيورٽي فورسز گڏيل انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو آپريشن ۾ ايس پي سي ٽي ڊي ۽ ٻين جوانن حصو ورتو آپريشن دوران فتنہ الخوارج جي دهشتگردن سيڪيورٽي فورسز تي شديد فائرنگ ڪئي جنهن جي جواب ۾ فورسز جرئت ۽ پيشورانه مهارت جو مظاهرو ڪندي ڀرپور ڪارروائي ڪئي ۽ اٽڪل 7 ڪلاڪن تائين جاري آپريشن جي نتيجي ۾ 4 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته 5 شڪي دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي مارجي ويل دهشتگردن وٽان 2 ڪلاشنڪوف، هڪ رائيفل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو آهي آپريشن ۾ ايس ايڇ او ۽ هڪ پوليس اهلڪار زخمي پڻ ٿيا آهن جن کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻنهي جي حالت خطري کان ٻاهر آهي علائقي ۾ سرچ آپريشن ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي ته جيئن ڪنهن به امڪاني خطري جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي ۽ علائقي کي هر لحاظ کان محفوظ بڻائي سگهجي

بقايا 19 روزاني عبرت

حڪومت ۾ شروع ڪيل منصوبا اڻپورا رهجي ويا ۽ پنهنجي تڪميل تائين نه پهچي سگهيا هن چيو ته هو ميرپور ۽ آزاد ڪشمير جي تقدير بدلائڻ جي عزم سان آيو آهي. هن ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو ته وزيراعظم جو عهدو ڇڏڻ ڪانپوءِ هو خاموش رهيو پر ان عرصي دوران ڪشمير ۾ ڪا به ترقي نه ٿي هن نواز شريف جي حڪومت کان پوءِ ايندڙ حڪومتن کي - چاهي آزاد ڪشمير ۾ هجن يا پاڪستان ۾ - چيلينج ڪيو ته اهي ٻڌائين ته هنن ان خطي لاءِ اصل ۾ ڇا ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ته انهن جي نشاندهي ڪن هن چيو ته هو ڪشمير کي پنهنجو گهر بلڪ پنهنجو اصل گهر سمجهي ٿو هن لاءِ لاهور ۽ ڪشمير هڪ برابر عزيز آهن هن مزاحيه انداز ۾ وڌيڪ چيو ته هي ڪشمير آهي ڪشمور نه ۽ هي ميرپور آهي، ميرپور خاص نه. بلاول کي مخاطب ٿيندي هن چيس "منهنجي ڳالهين جو برو نه سمجهو توهان مون لاءِ پٽن جهڙا آهيو سياسي پارٽين وچ ۾ خوش اخلاقيءَ تي ٻڌل ٽوڪ يا ڇڪتاڻ هئڻ گهرجي پر ان ۾ ڪا به تلخي، تشدد يا جسماني جهيڙو نه هئڻ گهرجي، اهڙي دوستاڻو نوڪ جهوڪ اصل ۾ هڪ مثبت عمل آهي" نواز شريف چيو ته نوجوانن کي تعليم ڏيڻ اسان جي اولين ترجيح آهي هتي اسڪول ۽ يونيورسٽيون قائم ڪيون وينديون ۽ صحت جي سهولتن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو مريم نواز پنجاب ۾ دل جي بيمارين ۽ ڪينسر جا اهڙا اسپتال قائم ڪري رهي آهي جيڪي سمورين ضروري مشينن سان ليس آهن مان شهباز شريف ۽ مريم کي هدايت ڪندس ته پنجاب ۾ شروع ڪيل انهن قدمن کي هتي جي اسپتالن ۾ پڻ لاڳو ڪن هتي ڪينسر ۽ دل جي بيمارين جا ڪيترائي اسپتال، گڏوگڏ سي ٽي اسڪين (CT scan) ۽ ايم آر آءِ (MRI) جون سهولتون موجود هجڻ گهرجن ته جيئن ماڻهن کي طبي علاج لاءِ اسلام آباد نه وڃڻو پوي هن چيو ته ميرپور ڪوٽلي ڀمبر ۽ سموري آزاد ڪشمير ۾ طبي علاج جون سهولتون موجود هجڻ گهرجن اڳوڻي وزيراعظم ٻڌايو ته مريم نواز لاهور ۾ استعمال ٿيندڙ اليڪٽرڪ بسون هن خطي ۾ به آنديون آهن ان کان علاوه "اسپتال آن ويلز" (هلندڙ اسپتال) جا يونٽ ۽ ڍڳر اسپتالون به هتي پهچ واريون آهن جڏهن ريلي ۾ "ڪشمير جي ضرورت: نواز شريف" جهڙا نعرا لڳايا ويا ته اڳوڻي وزيراعظم جواب ڏيندي چيو ته جيڪڏهن هتي پي ايم ايل-اين (PML-N) جي حڪومت قائم ٿي ۽ پي ايم ايل-اين جو وزيراعظم عهدو سنڀاليائين، ته هو ذاتي طور تي ساڻس گڏ آزاد ڪشمير جي هر ڪنڊ ڪڙڇ جو دورو ڪندو، ڪمن جي پاڻ نگراني ڪندو ۽ منشور تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائيندو هن چيو ته اسپتالون، ڪاليج ۽ موٽر ويز تعمير ڪيون وينديون درياءَ جهلم جي ڪناري سان هڪ موٽر وي ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو - جيڪا مانسهره کي مظفرآباد ۽ مظفرآباد کي ميرپور سان ڳنڍي ها - پر بدقسمتيءَ سان منهنجي دور کان پوءِ ايندڙ حڪومتن ان طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو ۽ اهو منصوبو ڪڏهن به مڪمل نه ٿي سگهيو اهو هڪ اهڙو منصوبو هو جيڪو ڪشمير جي تقدير بدلائي ڇڏي ها ۽ خوشحالي آڻي ها ۽ - خدا جي مرضيءَ سان - اسان ان کي تعمير ڪنداسين هن وڌيڪ چيو ته هو مظفرآباد جي شهرين تائين هڪ پيغام پهچائڻ چاهين ٿا: ايڪسپريس وي - جهڙي اسلام آباد ۽ مري کي ڳنڍيندڙ روڊ آهي - ان کي مظفرآباد تائين وڌايو ويندو نواز شريف چيو ته ليپ ٽاپ جي ورڇ جو بنياد شهباز شريف رکيو هو هاڻي ڪشمير جي هر ذهين شاگرد کي ليپ ٽاپ ملندو آزاد ڪشمير جي آبادگارن کي مناسب قيمت تي ڀاڻ ۽ ٻج فراهم ڪيو ويندو ۽ غريبن کي مفت دوائون ملنديون اڳوڻي وزيراعظم چيو ته هو شهباز شريف سان ملاقات ڪري ميرپور ۾ بين الاقوامي هوائي اڏي جي تعمير ۽ ڪوٽلي-نڪيال روڊ کي ٻٽو (ڊبل) ڪرڻ جي تجويز ڏيندو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ميرپور جي هر گهر تائين قدرتي گيس ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ۽ لوهار گلي توڙي ليپا وادي ۾ سرنگهون (ٽنلز) تعمير ڪيون وڃن— اهو هڪ اهڙو پيغام آهي جنهن کي پهچائڻ جي ضرورت آهي— هن وڌيڪ چيو ته آزاد ڪشمير جي ذهين شاگردن کي اسڪالرشپون ڏنيون وينديون

بقايا 20 روزاني عبرت

عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي ميڊيا رپورٽن موجب صدر جي استعيفيٰ ڏيڻ کان پوءِ عبوري صدر جي چونڊ لاءِ آئيني عمل شروع ڪيو ويو آهي کيس اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد جو ويجهو ساٿي تصور ڪيو ويندو آهي هن پنهنجو آئيني مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي رپورٽن موجب 11 جماعتي اپوزيشن اتحاد پاران صدر کان استعيفيٰ ڏيڻ جي مطالبي کان پوءِ حڪومت صدر تي استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو هو

بقايا 21 روزاني عبرت

مالي سال 2026ع جا ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ جي باقاعده شروعات 27 جولاءِ سومر کان ٿيندي ايف بي آر جي ترجمان موجب سمورن ٽيڪس ڏيندڙن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجا ٽيڪس گوشوارا ديانتداري سان جمع ڪرائين ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته ٽيڪس گوشوارن ۾ فراهم ڪيل معلومات حقيقت تي ٻڌل هوندي

بقايا 22 روزاني عبرت

جي قونصلر صائمه سليم 15 رڪني سلامتي ڪائونسل ۾ ڀارتي نمائندي هريش پرواٿنيني جي بيان جي جواب ۾ چيئي ڀارتي نمائندي يو اين سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار جي خطاب (جنهن ۾ هن قرارداد 2788 جو حوالو ڏنو ۽ ان جي روشنيءَ ۾ سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ڪشمير مسئلي جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو هو) جي جواب ۾ چيو هو ته پاڪستان پنهنجي اندروني مسئلن تي توجهه ڏئي ۽ ڪشمير کي ڀارت جو اٽوٽ ۽ فتح نه ٿيڻ جوڳو حصو قرار ڏنو پاڪستاني قونصلر سلامتي ڪائونسل ۾ ڀارتي نمائندي جي بيان جي ردعمل ۾ چيو ته آزاد جمون ڪشمير ۾ ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير جي صورتحال ۾ واضح فرق آهي. هن چيو ته آزاد جمون ڪشمير ۾ عوام آزاديءَ سان زندگي گذاري رهيو آهي ۽ سياسي عمل ۾ حصو وٺي ٿو ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري ٿو جڏهن ته ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير ۾ اختلاف راءِ کي دٻايو ويندو آهي هزارين ماڻهن کي حراست ۾ رکيو ويو آهي. عدالت کان ماوراءِ قتل جبري گمشدگيون تڪرارن بابت جنسي تشدد، آباديءَ جي شرح ۾ تبديلي ۽ خودارادي واري حق کان محروميءَ جهڙا قدم جاري آهن پاڪستاني قونصلر چيو ته جمون ڪشمير نه ته ڀارت جو اٽوٽ حصو آهي ۽ نه ئي ان جو داخلي معاملو آهي هن چيو ته ڀارت جي ترديد نه تاريخ بدلي سگهي ٿي نه جمون ڪشمير جي عالمي سطح تي تسليم ٿيل تڪراري حيثيت ختم ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي ڪشميري عوام خلاف گذريل تقريبن 8 ڏهاڪن کان جاري انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي لڪائي سگهجي ٿو هن ياد ڏياريو ته ڀارت پاڻ هي مسئلو سلامتي ڪائونسل ۾ کڻي ويو هو پر اڄ به ان قراردادن تي عملدرآمد نه ڪري رهيو آهي هن ڀارتي نمائندي کي چيو ته مان اوهان کي اهو ياد ڏياريان ٿي ته سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جو ڪو مدو ختم نه ٿو ٿئي صائمه سليم سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪري ڀارتي فيصلي کي هڪ طرفو ۽ غير قانوني قرار ڏيندي چيو ته سنڌو درياهه جو پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جي زندگيءَ جي علامت آهي ان کي جنگ جي هٿيار طور استعمال نه ڪرڻ گهرجي ڀارت طرفان اهڙو غير ذميوارانو عمل ڏکڻ ايشيا جي امن ۽ سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو هن چيو ته ڀارت تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي)، بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) ۽ ان جي مجيد برگيڊ جهڙن گروهن جي سرپرستي ڪري ٿو سندس چوڻ هو ته ڀارتي بحريه جو حاضر سروس ڪمانڊر ڪلڀوشن يادو کان وٺي اتر آمريڪا ۾ ڀارتي ايجنٽن سان واڳيل مبينه قتل جي سازشن تائين ڀارت جي مبينه دهشتگرد سرگرمين جو دائرو علائقائي سطح کان وڌي عالمي سطح تائين پهچي چڪو آهي صائمه سليم چيو ته ڀارت ۾ هندو توا کان متاثر ساڄي ڌر جي آر ايس ايس بي جي پي حڪومت اسلاموفوبيا کي رياستي پاليسيءَ جي شڪل ڏئي ڇڏي آهي جنهن جي نتيجي ۾ 20 ڪروڙ کان وڌيڪ مسلمانن خلاف چڙ ڏياريندڙ ۽ مبينه نسل ڪشي جهڙا قدم معمول بڻايا پيا وڃن هن چيو ته عيسائين سميت ٻين مذهبي اقليتن کي به مبينه طور نشانو بڻايو پيو وڃي دلتن سان غير انساني سلوڪ ڪيو ويندو آهي ۽ سکن کي سندن حقن کان محروم رکيو ويو آهي جنهن کي هن دنيا جي سڀ کان وڏي منافقت قرار ڏنو قونصلر چيو ته پاڪستان چڙ ڏياريندڙ ۽ جارحيت باوجود هميشه تحمل جو مظاهرو ڪيو ۽ ڳالهين جا دروازا کليل رکيا ۽ خطي ۾ تڪرارن جي حل لاءِ پرامن رستو اختيار ڪيو هن چيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ امن جو رستو انڪار يا هٺ ڌرميءَ ۾ نه پر گڏيل قومن جي منشور ۽ عالمي قانون تي عمل ڪرڻ ۾ آهي

پي ڊي ايم اي امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تيار آهي: گيانچند ايسراڻي

وڏي وزير جي صلاحڪار صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي هيڊڪوارٽرز جو اوچتو دورو ڪيو

امڪاني برساتن نظر ۾ رکندي ڊي واٽرنگ پمپن سان ليس ريسپانس گاڏيون تيار رکيون ويون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ جي بحالي کاتي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) جي هيڊڪوارٽرز جو اوچتو دورو ڪيو جتي کيس مون سون جي تيارين، امڪاني برساتن ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. گيانچند ايسراڻي چيو ته موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ٿرپارڪر عمرڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ برساتن جو امڪان آهي جڏهن ته ميرپورخاص، حيدرآباد، بدين ٺٽو ۽ سکر ڊويزن جي مختلف علائقن ۾ به ايندڙ ڪجهه ڏينهن دوران برساتون متوقع آهن هن چيو ته پي ڊي ايم اي هر ممڪن صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي. هن چيو ته مون سون جي موسم کي نظر ۾ رکندي ڊي واٽرنگ پمپن سان ليس ريسپانس گاڏيون تيار رکيون ويون آهن ڪراچي ڊويزن لاءِ 10، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن لاءِ 25، جڏهن ته سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن لاءِ 15 ڊي واٽرنگ گاڏيون مختص ڪيون ويون آهن هر گاڏي سان تربيت يافته آپريٽرز ۽ فني عملو مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته نشيبي علائقن جي اڳواٽ سڃاڻپ پڻ مڪمل ڪئي وئي آهي گيانچند ايسراڻي سڀني ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته موجود وسيلن ۽ امدادي سامان بابت جامع رپورٽون پيش ڪن هن زور ڏنو ته پي ڊي ايم اي جي هدايتن موجب گهربل اسٽاڪ هر وقت موجود رکيو وڃي، امدادي سامان جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي، فراهم ڪيل رليف سامان جي بهتر جاچ ڪئي وڃي ۽ گذريل دورن ۾ ورهايل سموري امدادي سامان جو رڪارڊ ڊجيٽل بڻايو وڃي، جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بروقت ۽ مؤثر امدادي ڪارروائي کي يقيني بڻائي سگهجي

اهلڪارن جي جسماني ۽ ذهني صحت مؤثر پوليسنگ لاءِ انتهائي اهم آهي: آءِ جي سنڌ

اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ هميشه اعليٰ پيشه ورانه صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو آهي

سيڪيورٽي ڊويزن هيڊڪوارٽرز ۾ نئين تعمير ٿيل اسپورٽس ايرينا جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو سيڪيورٽي ڊويزن هيڊڪوارٽرز ۾ نئين تعمير ٿيل سيڪيورٽي ڊويزن اسپورٽس ايرينا جو افتتاح ڪيو سندس آمد تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ۽ ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد استقبال ڪيو جڏهن ته اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ جي خصوصي دستي کيس سلامي پيش ڪئي افتتاحي تقريب ۾ اڳوڻن آءِ جين ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ڊي آءِ جي ايسٽ فرخ لنجهار سينيئر پوليس آفيسرن مختلف ملڪن جي قونصل جنرلز ۽ سفارتي شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي ڪمانڊنٽ ايس ايس يو عامر خان نيازي چيو ته جديد اسپورٽس ايرينا جو قيام پوليس اهلڪارن ۾ جسماني فٽنيس، نظم و ضبط ۽ صحتمند طرز زندگي کي هٿي ڏيڻ جي عزم جو عملي اظهار آهي ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد چيو ته هي اسپورٽس ايرينا اهلڪارن جي ڀلائي لاءِ اهم قدم آهي، جتي جديد بيڊمنٽن، پيڊل ۽ والي بال ڪورٽن سان گڏ معياري تربيتي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته هتي آفيسرن ۽ جوانن وچ ۾ بنا ڪنهن عهدي جي فرق جي گڏجي رانديون ۽ ٽيم ورڪ کي فروغ ڏنو ويندو، جڏهن ته هڪ ريفريشمينٽ پوائنٽ تي تازا جوس ۽ صحتمند مشروبات پڻ فراهم ڪيا ويندا. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سيڪيورٽي ڊويزن اسپورٽس ايرينا جو افتتاح سندس لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي هن ان کي سيڪيورٽي ڊويزن جي قيادت جي ويژن، محنت ۽ اهلڪارن جي فلاح لاءِ ڪيل عزم جو بهترين مثال قرار ڏنو هن ڊاڪٽر مقصود احمد ۽ سندس ٽيم کي ساراهيندي چيو ته هنن هڪ بهترين تصور کي حقيقت جو روپ ڏنو آهي ۽ هي اسپورٽس ايرينا بين الاقوامي معيار جي سهولتن سان ليس آهي. هن چيو ته اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ هميشه اعليٰ پيشه ورانه صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ سنڌ ۾ امن امان جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن ٻڌايو ته تازن سالن ۾ ڀتن پيرو قتل جي واقعن ۾ لڳ ڀڳ 23 سيڪڙو ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ 11.8 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي جڏهن ته پوليس ڪارروائين دوران 230 کان وڌيڪ خطرناڪ ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ سرگرم ڏوهاري عنصرن خلاف پڻ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون آهن آءِ جي سنڌ زور ڀريو ته اهلڪارن جي جسماني ۽ ذهني صحت مؤثر پوليسنگ لاءِ انتهائي اهم آهي تنهنڪري سڀني آفيسرن ۽ اهلڪارن کي راندين ۽ صحتمند سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، جيئن هو هر وقت پيشه ورانه چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن. تقريب جي پڄاڻي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي يادگاري شيلڊون پيش ڪيون ويون

بقايا 23 روزاني عبرت

جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس جي موقعي تي ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي سان ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻنهي اڳواڻن پاڪ-ايران ويجهن ۽ تاريخي لاڳاپن جي اهميت تي زور ڏيندي علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ملاقات دوران اسحاق ڊار تازي علائقائي ڇڪتاڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين صبر ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ مسلسل سفارتي رابطن کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي هن جون 2026ع ۾ اسلام آباد ۾ ٿيل مفاهمتي يادداشت (ايم او يو) تحت ٿيل اڳڀرائي کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ايراني پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ پاڪستان جي مسلسل سفارتي سهڪار ۽ تعميري ڪردار کي ساراهيو هن ايراني ماڻهن ۽ عملي جي محفوظ واپسي ۾ پاڪستان جي سهڪار تي به ٿورا مڃيا، جن ۾ اهي ماڻهو به شامل هئا جيڪي آمريڪي اختيارين طرفان روڪيل جهازن تي سوار هئا. عباس عراقچي ايران آمريڪا ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين سان پاڪستان جي ويجهي رابطي کي به ساراهيو جنهن جي نتيجي ۾ انهن ماڻهن جي پاڪستان رستي محفوظ واپسي کي يقيني بڻايو ويو ٻنهي ڌرين گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ويجهي رابطي ۽ باقاعدا مشاورت جاري رکڻ تي اتفاق ڪندي علائقائي امن استحڪام ۽ گڏيل خوشحالي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو عزم پڻ ورجايو

بقايا 24 روزاني عبرت

تحت سپريم ڪورٽ کي نيب ڪيسن جي ٻڌڻي جو اختيار حاصل ناهي تنهن ڪري اهڙن ڪيسن جي اپيلن ۽ ضمانت بابت درخواستن تي وفاقي آئيني عدالت فيصلو ڪندي. فيصلي ڪانپوءِ پي ٽي آءِ باني جي ضمانت وارو ڪيس به وفاقي آئيني عدالت ٻڌندي. جڏهن ته آرٽيڪل 175-اي ۽ 175-ايف تحت نيب جا لاڳاپيل سمورا ڪيس وفاقي آئيني عدالت ڏانهن منتقل ٿيل تصور ڪيا ويندا. واضح رهي ته پي ٽي آءِ باني هاءِ ڪورٽ جي ضمانت واري فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو پر رجسٽرار سپريم ڪورٽ اعتراض هڻي درخواست واپس ڪري ڇڏي هئي ياد رهي ته سپريم ڪورٽ ۾ نيب جي هڪ زيرالتوا ڪيس دوران ٻڌڻي جي اختيار بابت سوال اٿاريو ويو هو نيب قانون ۾ 5 مارچ 2026ع تي ترميم ڪانپوءِ شق 32-اي تحت اپيلن جي ٻڌڻي جو اختيار وفاقي آئيني عدالت کي ڏنو ويو هو ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس محمد علي مظهر جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ ڪئي جنهن ۾ جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس شاهد بلال حسن پڻ شامل هئا ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل عباد الرحمان لوڌي سپريم ڪورٽ ۾ ضمانت واري ڪيس جي ٻڌڻي جاري رکڻ جا دليل ڏنا

بقايا 25 روزاني عبرت

چيو آهي ته بلوچستان جي عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ صوبي جي ترقي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب، صدر اهڙن خيالن جو اظهار بلوچستان جي وزيرن سان بلاول هائوس ڪراچي ۾ ڳالهائيندي ڪيو ملاقات ۾ بلوچستان ۾ امن امان ترقياتي منصوبن ۽ صوبي جي مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي صدر ان موقعي تي بلوچستان ۾ جاري ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته بلوچستان جي ترقي امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ عوامي ڀلائي ۽ صوبي ۾ معاشي سرگرمين جي فروغ لاءِ سڀئي لاڳاپيل ادارا جامع انداز ۾ ڪم ڪن ملاقات ۾ آبپاشي وارو صوبائي وزير صادق عمراڻي، منصوبابندي ۽ ترقي وارو وزير ظهور بليدي، صحت وارو وزير مير بخت ڪاڪڙ لائيو اسٽاڪ وارو وزير سردار فيصل جمالي صنعت ۽ واپار وارو وزير ڪوهيار ڊومڪي پورهيتن وارو وزير غلام رسول عمراڻي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي بلوچستان جو سينيئر نائب صدر مير علي حسن زهري شريڪ هئا

سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالوجي کاتو

تصحيح

آڇ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي وقت جي تصحيح

پراجيڪٽ عنوان "ڊولپمينٽ، مئنيجمينٽ، ٽيڪنيڪل سپورٽ ۽ آپريشن آف دي اي-دفتر" لاءِ هارڊويئر جي خريداري

(هارڊويئر جي مرڪزي پروڪيورمينٽ)

ٽينڊر نوٽيس نمبر INF-KRY/3112/26 براءِ پراجيڪٽ عنوان "ڊولپمينٽ، مئنيجمينٽ، ٽيڪنيڪل سپورٽ ۽ آپريشن آف دي اي-دفتر" لاءِ هارڊويئر جي خريداريءَ جو حوالو ڏنو وڃي ٿو، جيڪو روزاني عبرت، نوائي وقت ۽ دي نيشن ۾ 24 جولاءِ 2026 تي شائع ٿيو هو.

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي رول 22 تحت، اهااطلاع ڏني وڃي ٿي ته EPADS سسٽم تي آڇ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو وقت هيٺين ريت پڙهيو وڃي:

تفصيل	EPADS تي اڳوڻو شيڊيول	EPADS تي ترميم ٿيل شيڊيول
آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت	10 آگسٽ، 2026 صبح 02:00 وڳي تائين	10 آگسٽ، 2026 منجهند 02:00 وڳي تائين
آڇ کولڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت	10 آگسٽ، 2026 صبح 02:30 وڳي تائين	10 آگسٽ، 2026 منجهند 02:45 وڳي تائين

ٽينڊر/واڌ دستاويزن جو تصحيح نامو هيٺين ويب سائيٽن تان به ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو:

- www.sindh.gov.pk
- https://portalsindh.eprocure.gov.pk
- www.istd.sindh.gov.pk

ٽينڊر جا باقي سڀ شرط ۽ ضابطا بغير تبديل جي برقرار رهندا.

سيڪشن آفيسر (جنرل)
سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالوجي کاتو
پهرين منزل، بلڊنگ نمبر 6، شاهراهه ڪمال اتاترڪ، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي.
فون: 021-99213811 | يو آر ايل: www.istd.gov.pk

INF-KRY/3135/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ ڌرڻو ۽ رياستي ذميواري
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
نفرتن جي ذريعي دنيا تي حڪمراني ممڪن ناهي!
صفحو 4

قاضي فيض محمد: سنڌ جو اصول پسند سياستدان
ذوالفقار لاکو
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن ـــ 25 جولاءِ
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد ۾ پارٽ جي آبي جارحيت ۽ سنڌو طاس معاهدي جي مبينا ڀڃڪڙي خلاف ريلي

پ پ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پرگڙي هائوس کان پريس ڪلب تائين پيادل احتجاجي ريلي ڪڍي، نعريبازي

پنجاب پاران ٽل ڪئنال ۽ ٻين ڪئنالن ذريعي سنڌ جي پاڻي جي حق تي مبينا ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي:مظاهرين

سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي هر حال ۾ ملڻ گهرجي ۽ پاڻي جي حق لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو

ڪوٽ غلام محمد پارٽ جي آبي جارحيت ۽ سنڌو طاس معاهدي جي مبينا ڀڃڪڙي خلاف پ پ جي ريلي

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڪوٽ غلام محمد پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کوڙو ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي پارٽ طرفان سنڌو طاس معاهدي جي مبينا ڀڃڪڙي ۽ آبي جارحيت خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي ڪوٽ غلام محمد جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن پاران پرگڙي هائوس کان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تائين پيادل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرگڙي، تعلقه جنرل سيڪريٽري رزاق ڏنو ٻنگلاڻي انفارميشن سيڪريٽري دليپ ڪمار ڊاڪٽر رزاق خاصخيلي يوسي وائيس چيئرمين رياض احمد ڪالرو ۽ اعجاز نوناڻي ڪئي. جڏهن ته وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن ۽ جيالن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پارٽ طرفان سنڌو درياهه جي پاڻي تي مبينا ناجائز ڪنٽرول ۽ سنڌو طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي خلاف آواز اٿارڻ سان گڏ سنڌ اندر پاڻي جي ورڇ ۾ ٿيندڙ مبينا ناانصافين کي به ختم ڪرڻ ضروري آهي هنن چيو ته سنڌ جي پوڇڙين ۾ پيئڻ لاءِ به پاڻي دستياب ناهي، جڏهن ته معين علائقن ۾ بااثر ماڻهن پاران پابندي باوجود سارين جي پوک ۽ پاڻي جي مبينا ضايع ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي. پ پ اڳواڻن جو چوڻ هو ته پنجاب پاران ٽل ڪئنال ۽ ٻين ڪئنالن ذريعي سنڌ جي پاڻي جي حق تي مبينا ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي هنن چيو ته سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي هر حال ۾ ملڻ گهرجي ۽ پاڻي جي حق لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيستائين سنڌ جي پاڻي جي حق تي ڌاڙو هڻڻ جو سلسلو جاري رکيو ويو ته هو سخت احتجاج ڪندا ۽ پنهنجي حق لاءِ جدوجهد جاري رکندا. پوءِ ڀلي سامهون بيوروڪريٽس هجن يا چونڊيل نمائندا، سنڌ جا ماڻهو پنهنجي پاڻي جو حق وٺڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهندا.

ڪوٽ غلام محمد تعلقه اسپتال مسئلن جي ور چڙهيل، مريض علاج کان محروم

دوائن جي کوٽ، ڊاڪٽرن جي غيرحاضري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب سادا چار لک آبادي پريشان

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جون 22 کان 23 پوسٽون موجود هجڻ باوجود اڌ کان وڌيڪ ڊاڪٽر مبينا طور ڊيوٽي تان غيرحاضر آهن:شهري

آپريشن ٿيٽر ۽ ڊائلاسس سينٽر غيرفعال بڻيل، اسپتال کي بهتر بڻائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي سادا چار لک آبادي کي مفت علاج جي سهوليت فراهم ڪندڙ تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد اڄ پاڻ ئي سلي علاج ڪرائڻ جي اوسيئڙي ۾ نظر اچي پئي. اسپتال ۾ دوائن جي مبينا کوٽ، مريضن لاءِ صاف پيئڻ جي پاڻي جي سهولت نه هجڻ، ڊاڪٽرن جي کوٽ ۽ اسپتال جي انتظامي معاملن بابت مريضن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين پاران سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي مريضن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جون 22 کان 23 پوسٽون موجود هجڻ باوجود اڌ کان وڌيڪ ڊاڪٽر مبينا طور ڊيوٽي تان غيرحاضر آهن. جڏهن ته ليبارٽري لاءِ پيٿالوجسٽ جي پوسٽ پڻ خالي پيئي آهي گائني ڊاڪٽر ڊيوٽي تان غيرحاضري هئڻ سبب عورت مريضن کي پڻ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو مريضن جو چوڻ آهي ته اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ سبب کين مجبور ٿي پرائيويٽ اسپتالن ۾ هزارين رپيا خرچ ڪرڻا پون ٿا عورتن جا لاش ڪلاڪن جا ڪلاڪ اسپتال جي سرد خاني ۾ پيل رهن ٿيون ليڊي ڊاڪٽر غائب هجڻ ٿي ٻي طرف تعلقه اسپتال جي نئين مالي سال جي بجيٽ ۽ دوائن توڙي مريضن جي خوراڪ جي خريداري بابت سيپرا رولز تحت اوپن ٽينڊر اجلاس پڻ ٿيو جنهن ۾ سول اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر خالد موسيٰ ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر ريحان ڏيگهه ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني تعلقه بار صدر عمران قائمخاني وائيس چيئرمين ميان امجد سعيد آرائين مختلف ميڊيسن ڪمپنين جا نمائندا ۽ پاپوليشن جا ميمبر شريڪ ٿيا. اوپن ٽينڊر اجلاس دوران ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني ڳالهائيندي چيو ته اسپتال جي بجيٽ ۽ ٽينڊرن جي نيلامي سيپرا رولز تحت ٿيڻ گهرجي، پر هو موجوده ٽينڊر جي عمل مان مطمئن ناهن سندس چوڻ هو ته سيپرا رولز تحت ٽينڊر جي عمل بابت هر ميمبر کي ويب سائيٽ ۽ آر ٽي پي ذريعي شفاف طريقي سان رسائي حاصل ٿيڻ گهرجي، جيڪا مبينا طور تي نه ٿي سگهي آهي ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني ۽ سول سوسائٽيءَ الزام لڳائيندي چيو ته هڪ بااثر ڪلارڪ منير رنڌاول بدلي ٿيڻ باوجود دوائن جي ٽينڊر واري عمل ۾ مبينا طور مداخلت ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ الزام لڳايو ته هر سال پراڻي سال جون دوائون نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ ڏيکاري، مبينا طور وينڊرن سان ملي ڀڳت ذريعي صحت کاتي کي لکين رپين جو نقصان پهچايو پيو وڃي هنن چيو ته اسپتال جي مختلف هنڌن تي لڳل قيمتي بيٽريون ائرڪنڊيشن به گم ٿي ويا آهن ڪيترن سالن کان آپريشن ٿيٽر ڊائيلاسز سينٽر غير فعال بڻيل هو هاڻ ته سامان به نظر نٿو اچي هن چيو ته هن ڀيري به ٽينڊر ۾ حصو وٺندڙ دواساز ڪمپنين جي ڊي پي مبينا طور نه کولي وئي ۽ ڪمپنين جي نمائندن کي به واضح جواب نه ملي سگهيو ته ڪهڙيون دوائون منظور ٿيون آهن ٽائون چيئرمين چيو ته پنج لک کان وڌيڪ آبادي کي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ هيڊڪوارٽر سول اسپتال کي بنيادي سهولتن کان محروم ڪري تباهي جي ڪناري تي پهچايو ويو آهي

گهوٽڪي ۾ سيپڪو جو بجلي چورن ۽ بقايادارن خلاف گرينڊ آپريشن

مختلف علائقن ۾ ڪارروائي ڪري غير قانوني تارون ڪٽيون ويون

بجلي چوري قومي معيشت ۽ ايماندار صارفين جي حقن تي ڌاڙو آهي: ايس ڊي ا

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي سيپڪو پاران بجلي چورن بقايادارن ۽ غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن هلائيندڙن خلاف وڏي پيماني تي گرينڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران سوين غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪري بجلي چوري ۾ استعمال ٿيندڙ تارون قبضي ۾ ورتيون ويون. جڏهن ته بقايادارن جي مد ۾ لکين رپين جي وصولي پڻ ڪئي وئي ايڪسين سيپڪو گهوٽڪي تاج محمد ماڪو جي هدايتن تي ايس ڊي او ڪو نويد عمران شيخ پنهنجي ٽيم زاهد حميد قريشي غلام حسين سومرو، عبدالرؤف ڪولاچي ۽ ٻين عملي سان گڏ شهر جي مختلف علائقن پٽي محلو رحمواڻي روڊ، شاهي بازار ۽ ٻين هنڌن تي بجلي چورن بقايادارن ۽ غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف گرينڊ آپريشن ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ڊي او ڪو نويد عمران شيخ چيو ته بجلي چوري نه رڳو قومي معيشت کي نقصان پهچائڻ سان گڏ ايمانداري سان بجلي جا بل ادا ڪندڙ صارفين جي حقن تي به ڌاڙو آهي هن چيو ته سيپڪو طرفان بجلي چورن، بقايادارن ۽ غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن هلائيندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق ڪارروايون جاري رهنديون ۽ ڪنهن به شخص کي قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي هن شهرين کي اپيل ڪئي ته بجلي چوري کان پاسو ڪن پنهنجا بجلي جا بل وقت سر ادا ڪن ۽ غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪري سيپڪو کان قانوني ڪنيڪشن حاصل ڪن، جيئن بجلي جي فراهمي وارو نظام وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي

گهوٽڪي ايس ڊي او نويد عمران شيخ جي اڳواڻي ۾ بجلي چوري خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

مٽياري ۾ جسقم جو پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

اڳواڻن پاران پريا ڪماري جي آزادي لاءِ سٽي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

ذميوار ادارن کان پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرائڻ جو مطالبو

مٽياري (د ر) جسقم (شهيد بشير خان) پاران پريا ڪماري جي آزاديءَ لاءِ سٽي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. مظاهري جي اڳواڻي ضلعي صدر عابد حسين شاهاڻي ، ضلعي نائب صدر دائود آرائين ، بلاول وسيم جواد شيخ ٻين ڪئي، اڳواڻن جو چوڻ هو ته ٻيرلوءِ ڌرڻي تي پوليس جي تشدد جي سخت مذمت ڪريون ٿا اهڙي عمل سان اسان جي تحريڪ اڃان وڌيڪ زور وٺندي، اسان رياست پاڪستان جي تمام ذميدار ادارن کي پريا ڪماري کي جلد کان جلد آزاد ڪرائڻ جي اپيل ڪريون ٿا

مٽياري جسقم پاران پريا ڪماري جي آزاديءَ لاءِ سٽي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

مورو ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌو درياهه بچايو ريلي، پاڻيءَ جي حقن لاءِ احتجاج

شهر ۾ گشت ڪري "مرسون مرسون سنڌوءَ نه ڏيسون" جي نعريبازي

سنڌوءَ تي ڪنهن به قسم جو ڌاڙو قبول نه ڪنداسين، پاڻي سنڌ جو جيابو آهي: اڳواڻ

مورو(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران مرسون مرسون سنڌوءَ نه ڏيسون جي نعري هيٺ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جو گشت ڪندي مورو پريس ڪلب اڳيان پهتي جنهن جي اڳواڻي سٽي صدر نذير احمد ميمڻ، احمد نواز ٻهڻ، خان محمد اعوان، محمد اسماعيل ڪورائي، رحيم بخش زرداري، حاجي اسلم امين آرائين، اصغر انور ڪورائي، حاجي بادل زرداري علي اڪبر سمون، اڪبر وينجهو، اڪرم چانڊيو، نور سولنگي، غلام حسين سولنگي، رئيس الهه بخش ڪلهوڙو، اشفاق پنهور، يوسي گجيرو چيئرمين اڪرم علي صابري، خليل يوسف نول، سليمان چانڊيو، مزمل سولنگي، ذوالفقار چوهاڻ، منظور سولنگي، لالا محمد خان ڪورائي، غلام مرتضيٰ آرائين، اڪرم آرائين، محمد اقبال ٻرڙو، مير حسن چنڊ، آصف لنجاڻ، محبت ڏلو، احمد علي چنڊ، محمد قاسم ٻگهيو، يونين ڪائونسل ڪهڪاٽ جي چيئرمين قادر بخش عرف پيو ڏاهري، رئيس رضوان ڏاهري، ماجد لياقت ڏاهري، بابر حسين عرف ٻبلو ڏاهري، اسد اشرف ڏاهري، فرحان راجپوت، غلام شبير لطيف رحماڻي، شهباز عدنان يوسفزئي، امتياز چانڊيو، علي بخش لاشاري سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي مورو شهر جي دادو روڊ اولڊ لنجار هائوس کان ڪڍي وئي جيڪا مختلف هنڌن کان ٿيندي مورو پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي پارٽي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان مري وينداسون پر ڪڏهن سنڌوءَ تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسون سنڌ ۽ سنڌوءَ لاءِ جان به حاضر آهي ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ مان وهندڙ پاڻي اسان جو جيابو آهي جنهن جيابي خلاف اٿندڙ آواز دٻايو ويندو ۽ ان کي بند ڪرڻ جي ناڪام سازش ڪندڙ هٿ وڍي ڇڏبا. هنن چيو ته مودي سرڪار پاڪستان ۽ سنڌ مٿان وار ڪري رهي آهي اڳ به هن کي پاڪ فوج جواب ڏنو هو هاڻي وري تيار ٿئي جواب ڀرپور ملندو

مورو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران مرسون مرسون سنڌوءَ نه ڏيسون جي نعري هيٺ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پ پ هميشه عوام جي خدمت کي پنهنجي سياست جو محور بڻايو آهي:اسفند يار ڪرل

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي پي ايس-30 خيرپور جي ضمني چونڊ لاءِ اميدوار اسفند يار ڪرل چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام جي خدمت کي پنهنجي سياست جو محور بڻايو آهي ۽ اسان جا دروازا هر وقت عوام لاءِ کليل آهن هن دعويٰ ڪئي ته سنڌ اندر پيپلز پارٽي رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائي عوام جي دلين ۾ جاءِ ٺاهي آهي، جڏهن ته عوامي مقبوليت ڏسي مخالف سياسي قوتون پريشان ۽ گهرائجي ويون آهن هنن خيالن جو اظهار هن سوڀوديرو جي مختلف علائقن ۾ منعقد ڪيل ڪارنر گڏجاڻين کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي علائقي جي معززين، پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اسفند يار ڪرل چيو ته پيپلز پارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عوامي سوچ ۽ فلسفي تي عمل ڪندي عوام جي حقن جي تحفظ، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ مسلسل جدوجهد ڪري رهي آهي هن چيو ته سنڌ ۾ روڊن، صحت، تعليم، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ تاريخي ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن، جن جا فائدا عوام کي ملي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي هڪ عوامي پارٽي آهي، جيڪا هر ڏکي وقت ۾ عوام سان گڏ بيٺي آهي، جڏهن ته مخالف ڌريون رڳو چونڊن دوران عوام کي ياد ڪن ٿيون هن دعويٰ ڪئي ته پي ايس-30 جي عوام جو ڀرپور ساٿ پيپلز پارٽي سان آهي ۽ 16 آگسٽ تي تير جي نشان تي ووٽ ڏئي تاريخي ڪاميابي ماڻينداسين اسفنديار ڪرل ڪارڪنن تي زور ڏنو ته هو گهر گهر پهچي پارٽي جو پيغام هر ووٽر تائين پهچائين ۽ چونڊ مهم کي وڌيڪ تيز ڪن هن چيو ته عوام جي اعتماد سان پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ مخالفن جون سڀ اميدون ناڪام ٿينديون ڪارنر گڏجاڻين دوران مقامي اڳواڻن پڻ خطاب ڪندي اسفند يار ڪرل جي حمايت جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته علائقي جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پيپلز پارٽي جي اميدوار کي ڪامياب بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي.

نيو چور ۽ ڀرپاسي منشيات جو ڪاروبار عروج تي، پوليس ننڊ ستل

چور (رپورٽ: لالچي سوڍو) نيو چور شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مبينا طور آفيم، چرس ۽ آئيس جهڙين منشيات جو ڪاروبار تيزي سان وڌڻ لڳو جنهن سبب شهرين، سماجي حلقن ۽ والدين ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي، مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته منشيات جي مبينا سرعام وڪري سبب نوجوان نسل جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي، جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ منشيات فروشن خلاف مؤثر ڪارروائي نظر نٿي اچي، علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ايس ايڇ او چور اڳهوري ننڊ ستل آهي، يا ته ڪاروبار ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي جنهن سبب هنن خلاف ڪارروائي سواليه نشان بڻيل آهي، جڏهن ته سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي زيرو آهي.

ٺرڙي محبت ۾ چورن جي گهر تي ڪاهه، هٿيار ۽ روڪ رقم چوري، شڪي گرفتار

ٺرڙي محبت (ن ع) ٺرڙي محبت تي ڏوهارين ماڻهن جو راڄ گذريل رات شهر جي مصروف ترين پٽا ڪالوني مان نامعلوم ڏوهارين پاران آٽوز جو دڪان هلائيندڙ اويس پٽ عباس سومرو جي گهر ۾ داخل ٿي اتي پيل لائسنس وارو ريپيٽر موبائيل فون هزارين رپيا روڪ ۽ ٻيو سامان کڻي فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته پيرين ۽ کوجي کڻي ذريعي پيرو کنيو ويو جيڪو گهر کان ڪجهه مفاصلي تي انور خاصخيلي جي ڪارخاني جي پٺيان ٺهيل مال جي واڙي تي پهتو جتان پوليس ڪارروائي ڪندي شڪ جي بنيادن تي واڙي جي مالڪ انور خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو آهي ٻئي پاسي شهر جي مصروف ترين علائقي مان ڏوهي وارداتون ٿيڻ ڪري خوف واري صورتحال ٿي وئي آهي

سيهڙ سيهڙ پريس ڪلب پاران سينيئر صحافي راشد علي شيخ جي وڇوڙي تي منعقد تعزيتي ميڙاڪي جو ڏيک

سيهڙ پريس ڪلب پاران سينيئر صحافي راشد علي شيخ جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙاڪو

صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين پاران مرحوم جي صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش

راشد علي شيخ حق ۽ سچ لاءِ آواز اٿاريندڙ بيباڪ ۽ اصول پرست صحافي هو: مقرر

سيهڙ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سيهڙ پريس ڪلب پاران سينيئر صحافي راشد علي شيخ جي وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش سيهڙ پريس ڪلب پاران سينيئر صحافي راشد علي شيخ جي لاڏاڻي تي سيهڙ اسٽيشن تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت سيهڙ پريس ڪلب جي صدر فدا حسين جوڻيجو ڪئي، ميڙاڪي ۾ علي جان چانڊيو، وسيم علي نثار احمد سرگاڻي، وقار علي هيسباڻي سميت ٻين صحافين شرڪت ڪئي تعزيتي ميڙاڪي ۾ ڏوڪري پريس ڪلب، راڌڻ پريس ڪلب، موهن جو دڙو پريس ڪلب، ٺرڙي محبت پريس ڪلب، نئون ڳوٺ پريس ڪلب ۽ ٻين مختلف پريس ڪلبن جي صحافين، سياسي سماجي ۽ ادبي تنظيمن جي اڳواڻن توڙي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم راشد علي شيخ کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي مقرر صحافين خطاب ڪندي چيو ته مرحوم راشد علي شيخ هڪ بيباڪ بهادر ۽ اصول پرست صحافي هو جنهن پنهنجي ٽن ڏهاڪن تي ٻڌل صحافتي زندگي دوران هميشه حق ۽ سچ جو ساٿ ڏنو ۽ هر قسم جي دٻاءُ باوجود عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هنن چيو ته راشد علي شيخ ڊگهي عرصي تائين جيري جي بيماري ۾ مبتلا رهيو پر مالي تنگدستي سبب مناسب علاج نه ڪرائي سگهيو جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ننڍن شهرن ۽ اسٽيشنن سان لاڳاپيل صحافين کي مسلسل نظرانداز ڪندي پئي اچي صحافين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته صحافين لاءِ فلاحي پاليسيون جوڙيون وڃن تعزيتي ميڙاڪي جي پڄاڻي تي مرحوم راشد علي شيخ جي مغفرت، بلند درجات ۽ سوڳوار وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري وئي

سڪرنڊ ۾ شهباز شاخ جي پاڻي ورڇ تي آبادگارن ۾ ڇڪتاڻ جو خدشو، احتجاج

آبپاشي عملي جي ناقص انتظام سبب مُنڍ ۽ پڇڙيءَ وارن ۾ اختلاف وڌي رهيا آهن: آبادگار

قاضي سرفراز چوڪ تي مظاهرو، فصلن لاءِ مقرر حصي موجب پاڻي ڏيڻ جو مطالبو

سڪرنڊ (س ر) آبپاشي عملي جي نااهلي سبب شهباز شاخ سڪرنڊ جي مُنڍ ۽ پڇڙيءَ جي آبادگارن ۾ تڪرار جو خدشو پيدا ٿي ويو جنهن ۾ آبپاشي عملي جي ناقص انتظام سبب شهباز شاخ سڪرنڊ جي مُنڍ ۽ پڇڙيءَ جي آبادگارن وچ ۾ تڪرار جي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي جنهن تي اڄ سوين آبادگارن قاضي سرفراز سيمنٽ چوڪ تي آبادگار چيڙ ڪيريو، وڏيرو علي نواز ڪيريو ۽ رئيس جمال الدين جلالاڻي جي اڳواڻي ۾ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو جتي احتجاج ڪندڙ آبادگارن مطالبو ڪيو ته شهباز شاخ تي موجود سڀني آبادگارن کي بنا فرق جي سندن فصلن لاءِ مقرر حصي موجب پاڻي ڏنو وڃي هنن چيو ته آبپاشي عملو پنهنجي ذميوارين کي ايمانداري سان نڀائي ۽ اهڙو انتظام ڪري جنهن سان آبادگارن ۾ ڪنهن به قسم جو اختلاف يا ٽڪراءُ پيدا نه ٿئي آبادگارن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن آبپاشي عملي جي لاپرواهي سبب زميندارن وچ ۾ ڪو به جهيڙو نقصان يا اڻ وڻندڙ واقعو پيش آيو ته ان جي سموري ذميواري آبپاشي عملدارن تي هوندي هوڏانهن ساڃهه وند ڌرين پڻ مطالبو ڪيو آهي ته آبپاشي عملو پنهنجو رويو درست ڪري پاڻيءَ جي ورڇ کي درست ڪري

سڪرنڊ آبپاشي عملي جي نااهلي سبب شهباز شاخ جا آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪندي

گهوٽڪي ضلعي ڪائونسل جي 2026-27ع لاءِ هڪ ارب 70 ڪروڙ رپين جي بجيٽ منظور

چيئرمين بنگل خان مهر جي صدارت هيٺ اجلاس، ترقياتي ڪمن لاءِ 70 ڪروڙ کان وڌيڪ رقم مختص

بجيٽ ۾ پگهارن، پينشن ۽ ٻين انتظامي خرچن لاءِ هڪ ارب 6 ڪروڙ 69 لک رپيا رکيا

گهوٽڪي(ن ع) چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي بنگل خان مهر جي صدارت هيٺ مالي سال 2026-27 جو بجيٽ اجلاس ٿي گذريو چيئرمين ضلع ڪائونسل هڪ ارب 70 ڪروڙ جي بجيٽ پيش ڪئي جيڪا اتفاق راءِ سان منظور ڪئي وئي. خبر موجب چيئرمين ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي بنگل خان مهر جي صدارت هيٺ ضلع ڪائونسل هال ميرپور ماٿيلو ۾ مالي سال 2026-27 جو بجيٽ اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل مير بابر خان لنڊ سميت ضلعي ڪائونسل جي ميمبرن ۽ لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين ضلع ڪائونسل هڪ ارب 70 ڪروڙ جي بجيٽ پيش ڪئي جيڪا اتفاق راءِ سان منظور ڪئي وئي. منظور ڪيل بجيٽ ۾ نون ترقياتي منصوبن لاءِ 65 ڪروڙ 71 لک ۽ جاري ترقياتي ڪمن لاءِ 5 ڪروڙ 41 لک مختص ڪيا ويا آهن. اهڙي ريت روينيو خرچن جهڙوڪ ملازمن جي پگهارن، پينشن، ميڊيڪل ري ايمبرسمينٽ، آفيس مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ هڪ ارب 6 ڪروڙ 69 لک رپيا رکيا ويا آهن. بجيٽ ۾ نئين مالي سال دوران ڪل آمدني جو ڪاٿو هڪ ارب 70 ڪروڙ 4 لک لڳايو ويو آهي جنهن ۾ روينيو آمدني هڪ ارب 57 ڪروڙ جڏهن ته ڪيپيٽل آمدني تحت 12 ڪروڙ 54 لک ڄاڻايا ويا آهن. آمدني جا اهم ذريعا او زيڊ ٽي منتقلي، ٽيڪسون، ڪرائي جي آمدني ۽ سيڪيورٽي ڊپازٽ ٻڌايو ويو آهي. وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته نئين مالي سال دوران ڪل خرچن بعد 2 لک 49 هزار بچت ٿيندي. ان موقعي تي بجيٽ اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين ضلع ڪائونسل بنگل خان مهر چيو ته سمورن ميمبرن سان گڏجي ضلع ڪائونسل کي هلائي رهيا آهيون. گهٽ وسيلن باوجود ڪوشش ڪنداسون ته وڌ کان وڌ ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن ته جيئن عوام کي ڪجهه فائدو حاصل ٿي سگهي

گهوٽڪي چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل بنگل خان مهر بجيٽ پيش ڪندي

مٽياري ۾ قومي عوامي تحريڪ جو مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي مارچ

فريد ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بينظير چوڪ کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو

سنڌ ۾ بدامني، ڪرپشن ۽ منشيات جي واپار کي هٿي ڏني پئي وڃي: اڳواڻ

مٽياري (د ر) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي وسيلن ڦرلٽ، ڪرپشن، منشيات، بدامني خلاف بينظير چوڪ کان پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪڍيو ويو آهي، جنهن جي اڳواڻي فريد ملاح، نعيم ملاح ۽ ٻين ڪئي، اڳواڻن جو چوڻ آهي سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙا هنيا ويا آهن جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن هنن چيو سنڌ ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي روز روز معصوم ٻارڙا به اغوا ٿي رهيا آهن جنهن تي سنڌ حڪومت جي خاموشي سواليه نشان آهي جڏهن ته منشيات کي به هٿ وٺي عام ڪيو پيو وڃي ته جيئن سنڌ جا نوجوان پڙهائي بدران منشيات جا عادي ٿين هوڏانهن سنڌ اندر ڪرپشن به عام ٿي وئي آهي جنهن کي روڪڻ بدران هٿي ڏني وئي آهي

سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙا نامنظور
مٽياري قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي وسيلن ڦرلٽ، ڪرپشن منشيات بدامني خلاف بينظير چوڪ کان پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪيو پيو وڃي

ملي ۾ پيپلز پارٽي جو سنڌو طاس معاهدي جي مبينا ڀڃڪڙين خلاف احتجاجي ريلي

ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي اڳواڻي ۾ پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت

سنڌ جي پاڻي واري حق تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي

ملي (د ر) پارٽ پاران سنڌو طاس معاهدي جي خلاف ورزي ۽ پاڻي واري پاليسين خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي ملي پاران پيپلز پارٽي جي ڊويزنل صدر ۽ قومي اسيمبلي ميمبر ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ، سراج سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو ته پارٽ مسلسل پاڻي معاهدن جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي. ضرورت وقت پاڻي بند ڪرڻ ۽ ٻوڏ جي صورت ۾ پاڻي ڇڏڻ پارٽ جو معمول بڻجي چڪو آهي. هن چيو ته سنڌ جي پاڻي واري حق تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو. ڊاڪٽر مهيش ملاڻي وڌيڪ چيو ته پارٽي حڪومت جي پاڻي واري پاليسين جو هر سطح تي مقابلو ڪيو ويندو. هن جو چوڻ هو ته جنهن طريقي سان پاڪ فوج دفاعي محاذ تي ڪاميابي حاصل ڪئي انهي طريقي سان سفارتي ۽ سياسي محاذ تي به پاڪستان پنهنجن حقن جو دفاع ڪندو. سراج سومرو چيو ته پ پ هميشه پنهنجي پاڻي جي حفاظت ڪئي آهي انڊيا جيڪو آبي دهشتگردي ڪري پيو انهي کي منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين پنهنجي حقن ۽ ملڪي وقار لاءِ پوري قوم هڪ آواز آهي.

سڪرنڊ ۾ سيد علي حيدر شاهه لڪياري جي پهرين عرس تي ادبي ڪانفرنس

اديبن ۽ شاعرن پاران صوفي بزرگ جي فڪر، شاعري ۽ امن واري پيغام کي ڀيٽا پيش

"سور نه سار پرينءَ جي" ڪتاب جي مهورتي تقريب، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اديبن جي شرڪت

صوفي راڳ رنگ جي محفل ۾ فنڪارن سرن ذريعي سيد علي حيدر شاهه لڪياري کي خراج عقيدت پيش ڪيو

سڪرنڊ شاعر ۽ صوفي بزرگ سيد علي حيدر شاهه لڪياري جي پهرئين عرس مبارڪ جي موقعي تي منعقد ادبي ڪانفرنس

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي پرويز سنائي) شاعر ۽ صوفي بزرگ سيد علي حيدر شاهه لڪياري جي پهرئين عرس مبارڪ جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۽ سندس شاعري جي ڪتاب "سور نه سار پرينءَ جي" ڪتاب جي مهورتي تقريب سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاکو جي ميزباني ۾ ٿي گذري تقريب ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اديبن ، شاعرن شرڪت ڪري لفظن ذريعي ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي سيد تاج علي شاهه بودلائي جي درگاهه جي گادي نشين سيد ممتاز علي شاهه بودلائي چيو ته اسان جو جيئڻ سنڌ امڙ لاءِ آهي حق ۽ سچ جي ڳالهه تي بيٺا رهون سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين چيو ته سيد علي حيدر شاهه بودلائي پنهنجي وجود ، سوچ ۽ فڪر ۾ سادو انسان هو هن هميشه روحاني فيض ، روحاني تعليم ڏني دنيا ۾ جنگ جا ٽبل وڄي رهيا آهن پر اسان اڄ ۾ امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏئي رهيا آهيون سيد علي حيدر شاهه بودلائي جي شاعري جي ڪتاب کي سهيڙي پهريون جلد آندو اٿم جنهن سان سنڌ جي ماڻهن کي وڏو لاڀ ملندو شاعر معشوق ڏاريجو ، ڪهاڻيڪار امداد رند ۽ ظفر علي ڪوڪرچيو ته سنڌ ڌرتي صوفين ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي هن ڌرتي تي ڪڏهن به نفرت جي گنجائش نه رهي آهي ان موقعي تي ممتاز علي ملاح آجياڻو ڏنو جڏهن ته قربان علي اوٺو ، فقير شان علي سيوهاڻي ، جهانگير شاهه ، محمد علي ملاح ، اصغر تنها ، جنرل خير محمد لاکو، نور ڪيريو ، محمد عالم ڪيريو ، محمد حنيف سومرو ، امجد خانزاده ، سارنگ ملاح ، اياز علي راڄپر ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته ساگر بلال ۽ قلندر بخش ملاح شاعري ذريعي ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي صوفي راڳ رنگ جي محفل ٿي گذري جنهن ۾ صوفي فنڪار استاد رجب علي گلزار، عنايت علي گلزار سر وڪيري سنڌ ڌرتي ۽ سيد علي حيدر شاهه لڪياري کي ڀيٽا پيش ڪئي

ٺٽي لڳ ڳوٺ عارب سولنگي جي رهواسين جو پوليس چڙهائي، گهر ڊاهڻ احتجاجي ڌرڻو

اي ايس پي ٺٽو جي اڳواڻي ۾ وڏي پوليس نفري ۽ هيوي مشينري سان ڪارروائي ڪري گهر ڊاٺا ويا

گهريلو سامان، زيور، روڪ رقم ۽ چوپايو مال کڻي ويا، خاندان کليل آسمان هيٺ اچي ويا آهن:مظاهرين

تڪراري پلاٽ بدران سرڪاري ايراضي ۽ پڊي تي قائم قديم ڳوٺ جي گهرن کي ڊاهي وڏو ناحق ڪيو ويو آهي

غلام الله (ن ع) ٺٽي لڳ ڳوٺ عارب سولنگي تي ضلعي جي سمورن ٿاڻن جي وڏن پوليس آفيسرن جي چڙهائي ڪري گهرن کي ڊاهي مسمار ڪري گهرن مان قيمتي ڪري چوپايو مال به پوليس ڪاهي وئي، متاثر ڳوٺاڻن جون ڏانهون انصاف جو مطالبو تفصيل موجب 3 ڏينهن اڳ عدالتي حڪم تي پهتل پوليس ۽ روينيو انتظاميه ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال ڪانپوءِ متاثر ڳوٺ عارب سولنگي جي هڪ سئو کان مٿي ڳوٺاڻن ۽ عورتن خلاف ڊيوٽي اٽڪاءِ ۽ پوليس تي حملي جو ڪيس ٺٽي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو جنهن بعد پوليس جي وڏن آفيسرن اي ايس پي ٺٽو عبدالله افضل جي اڳواڻي ۾ صبح سوير ڳوٺ عارب سولنگي تي چڙهائي ڪري 2 سئو کان مٿي اهلڪارن پاڻ سان گڏ هيوي مشينري آڻي هوائي فائرنگ ڪري خوف ۽ هراس ڦهلائڻ ڪانپوءِ تڪراري زمين واري حصي جي گهرن کان علاوه 80 سالن کان قائم ڳوٺ عارب سولنگي جي سمورن گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڳوٺاڻن کي پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪري ڇڏيو پوليس انتظاميه تازو سنڌ حڪومت جي پيپلز هائوسنگ اسڪيم تعمير ڪرايل گهرن کي به نه بخشيو ڳوٺ ۾ سينيئر صحافي علم دوست شخصيت حاجن سولنگي پاران قائم لائبريري کي به ڊاهي ڪتابن کي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو پوليس جي خوف ۽ هراس سبب مرد ڳوٺ خالي ڪري ويا، عورتون جون ڏانهون ۽ رڙيون ڳوٺاڻن موجب سندن گهرن مان پوليس اهلڪارن گهريلو سامان سونا زيور روڪ رقم پنکا، پئسا سميت سمورو سامان کڻي سان گڏ عورتن جون ڪڪڙيون ۽ چوپايو مال به پوليس سان پاڻ سان گڏ کڻي وئي آهي، هنن چيو ته شاول مشين سان پوليس گردي ڪندي گهرن کي ڊاهي آثار ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ڳوٺاڻا هن وقت کليل آسمان هيٺ سخت گرمي ۾ بي يارو مددگار بڻيل آهن پر سندن ڪير به سار لهڻ وارو ناهي. چونڊيل نمائنده به خاموش تماشائي بڻيل آهن هنن چيو ته اسان سان پوليس گردي ڪري وڏو ظلم ڪيو ويو آهي اسان پورهيو ڪري پائي پائي گڏ ڪري پنهنجا گهر ٺاهيا پر پوليس ٺهري ڪارروائي ڪري اسانجا اجها ڊاهي اسانجي معصوم ٻارڙن کي بي گهر ڪيو ويو آهي ۽ تڪراري پلاٽ بدران سرڪاري ايراضي ۽ پڊي تي قائم قديم ڳوٺ جي گهرن کي ڊاهي وڏو ناحق ڪيو ويو آهي متاثر ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ڪرڻ ۽ ٿيل نقصان جي ازالي جي گهر ڪندي ڪاهي ويل چوپايو مال ۽ سامان واپس ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي جڏهن ته متاثر ڳوٺاڻن سان ٿيل هيڏي ساري ناحق تي به سندس ڪير پوڇڻ وارو ڪرڻ توڙي آٿت ڏيڻ وارو ناهي. جن سڀ ڪجهه الله پاڪ تي ڇڏي ڏنو آهي ٻئي طرف ٺٽي لڳ ڳوٺ عارب سولنگي تي ٿيل پوليس گردي واري معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سينيئر وڪيل سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ اشرف سمون متاثر ڳوٺ پهچي متاثرين سان ملاقاتون ڪري انهن سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته پوليس گردي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي، متاثر ڳوٺاڻن کي هاءِ ڪورٽ تائين مفت قانوني مدد فراهم ڪئي ويندي

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس جي ناانصافين خلاف احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين ڪيريا شاخ بائي پاس روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

ڊاسوڙي پوليس سول ڪپڙن ۾ گاڏي روڪي پئسا ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا:مظاهرين

اسان جي گهرن مٿان پڪيٽ قائم ڪري ڇڏي آهي، پئسا ۽ سامان جي واپسي جي ڳالهه ڪريون ٿا ته وڌيڪ ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ملن ٿيون

ٽنڊوالهيار (ڌ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ حاجي نور محمد ٿيٻو جي رهواسين پاران پوليس جي ناانصافين خلاف ڪيريا شاخ بائي پاس روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي ڳوٺاڻن لال محمد ٿيٻو. فتح محمد ٿيٻو. امير محمد ٿيٻو. غلام شبير ملاح ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته ڊاسوڙي پوليس اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس سول ڪپڙن ۾ گاڏي روڪي ڦورون وانگر پئسا ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڇڏيا هنن چيو ته پوليس اسان جي گهرن مٿان پڪيٽ قائم ڪري ڇڏي آهي اسان پئسا ۽ سامان جي واپسي جي ڳالهه ڪريون ٿا ته وڌيڪ ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ملن ٿيون مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته پهرين به اسان تي تيل چوري جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا اسان علائقي جا معزز ۽ شريف ماڻهون آهيون بنا جواز تنگ ڪيو پيو وڃي جيڪڏهن اسان تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري پئسا ۽ سامان واپس نه ڪيو ويو ته سخت احتجاج ڪنداسين ٻي پاسي پوليس عملدارن ڌرڻي ۾ پهچي ڌرڻين سان ڳالهيون ڪيون ڊي ايس پي سي آءِ اي اصغر هاليپوٽو ۽ ڌرڻين ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪري ٽريفڪ بحال ڪئي وئي

هالا: اڳوڻي چيف انجنيئر آبپاشي حاجي هدايت الله ميمڻ جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

هالا(ن ع) اڳوڻي چيف انجنيئر آبپاشي حاجي هدايت الله ميمڻ جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي، سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ تدفين اڳوڻي چيف انجنيئر آبپاشي مرحوم حاجي هدايت الله ميمڻ جي گهرواري ۽ سعودي ڪنسلٽنٽ وسول سوسائٽي جي ميمبر انجنيئر عنايت الله ميمڻ جي والده ڊگهي علالت بعد لاڏاڻو ڪري وئي مرحوم جي جنازي نماز پراڻا هالا ڳوٺ ۾ سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ ادا ڪرڻ بعد کيس مڪيءَ شاهه حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جي وارثن ۾ انعام الله وحيدالله حبيب الله نعمان اڪرام ۽ ثناءُ الله سميت ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

هالا ۾ بجلي جي پول تي ڪم ڪندڙ حيسڪو ملازم ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

هالا(ن ع) هالا ۾ بجلي جي پول تي ڪم ڪندڙ حيسڪو ملازم شبير ملاح ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو کيس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي ڪانپوءِ وڏي انگ ۾ حيسڪو ملازم ايس ڊي او حيسڪو اسد ابڙو ملازم بهادر ابڙو ۽ ٻين اسپتال پهچي ويا. حيسڪو ملازم شبير ملاح جو مڙهه سندس آبائي ڳوٺ ڪنڊولي منتقل ڪيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو فيض الله ڏاهري، ڊائريڪٽر حيسڪو آپريشنز اعجاز شيخ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر مٽياري ڊويزن فاروق ڪينيو ۽ ٻين فوتي ملازم جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي

مورو ۾ ڪير ۾ مبينا ڪيميڪل ملاوٽ خلاف ڪارروائي، ڪيترن ئي هوٽلن جو ڪير ضايع

مورو(ن ع) اڄ اسسٽنٽ ڪمشنر مورو ۽ فوڊ اٿارٽي نوشهروفيروز پنهنجي عملي ۽ پوليس سان گڏجي ڪير ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل ۽ صرف ملاوٽ جو انڪشاف، مين روڊ ڪوئٽا هوٽل تي ڪير هاريو ويو ۽ پڻ سندس مٿان ڳرو ڏنڊ هنيو ويو دادو روڊ سيٺارن جي هوٽل تي ڇاپو هنيو ته انهيءَ هوٽل تي به ڪير ۾ ڪيميڪل ملاوٽ وارو ڪير هو انهيءَ جي هوٽل مالڪ کي وارننگ جو چٽي ۽ ڳرو ڏنڊ هنيو ويو جڏهن ته فوڊ گدام ڪلهوڙا پمپ جي پرسان قائم ڪير جي اسٽال تي ڇاپو هنيو ويو ڇاپي دوران ڪير ۾ ڪيميڪل ملاوٽ هئڻ جي پروف ملڻ تي سندس مٿان ڏهه هزار ڏنڊ وجهي کين وارننگ ڏني وئي ته جيڪڏهن آئينده ڪير ۾ ملاوٽ ڪئي وئي .

مورو پوليس ڪارروائي، منشيات هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

مورو (ن ع) موروپوليس ڪارروائي ڪندي ڳوٺ ڪيال ماڇي مان نشي آور سوپاريون وڪرو ڪندڙ غلام سرور عرف حاجي ولد الهرکيو ماڇي کي گرفتار ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

هنگورجا ۾ جسقم جو پريا ڪماري ۽ گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي

پنجهٽي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي، ڪارڪنن پاران پوليس ڪارروائي خلاف نعريبازي

ٻيرلوءِ ڌرڻي تي تشدد ۽ ڪارڪنن جون گرفتاريون جمهوريت خلاف آهن: مظاهرين

هنگورجا(ن ع) جسقم شهيد بشير خان قريشي جي سڏ تي هنگورجا ۾ پريا ڪماري سميت گم ٿيل ٻارن جي بازيابي، ٻيرلوءِ ۾ پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي جي احتجاجي ڌرڻي تي مبينا پوليس تشدد ۽ ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻن جي گرفتارين خلاف جسقم پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا پنجهٽي چوڪ کان شروع ٿي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي پريس ڪلب هنگورجا آڏو پهتي، جتي ڪارڪنن ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي. ريلي ۽ ڌرڻي جي اڳواڻي جسقم جي مرڪزي اڳواڻ مجيب آزاد پيلان ڪرم خان ساميٽيو ۽ قلب عباس سولنگي ڪئي، جڏهن ته وڏي انگ ۾ جسقم ڪارڪنن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جن تي پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي، گرفتار ڪارڪنن جي آزادي ۽ مبينا پوليس تشدد خلاف نعرا درج هئا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ٻيرلوءِ ۾ پريا ڪماري سميت 25 گم ٿيل معصوم ٻارن جي بازيابي لاءِ پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي پاران پرامن احتجاجي ڌرڻو جاري هو، جنهن تي پوليس مبينا طور لٺبازي ڪري سهٽي پارس، پنهل ساريو، لياقت جلباڻي ۽ ٻين ڪارڪنن کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو، جيڪو جمهوريت، انساني حقن ۽ اظهار جي آزادي تي کليل حملو آهي

هنگورجا جسقم پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي چونڊون: نديم عمر پينل جي شاندار ڪاميابي

نديم عمر 15 ووٽ کڻي ٽئين ڀيري صدر چونڊجي هيٽ ٽرڪ مڪمل ڪري ورتي

علي حسين به 15 ووٽن سان سيڪريٽري چونڊجي ويو، مخالف اميدوارن کي ڪو به ووٽ نه مليو

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي چونڊن ۾ نديم عمر پينل شاندار ڪاميابي حاصل ڪندي سڀئي 15 ووٽ پنهنجي ٿالي ڪري ورتا. صدارتي اميدوار نديم عمر 15 ووٽ حاصل ڪري ايندڙ ٽن سالن لاءِ ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جو صدر چونڊيو ويو. هن شاندار ڪاميابي سان نديم عمر لاڳيتو ٽئين ڀيري صدارتي چونڊ کٽي پنهنجي هيٽ ٽرڪ (Hat-trick) پڻ مڪمل ڪري ورتي اهڙيءَ طرح سيڪريٽري جي اميدوار علي حسين به 15 ووٽ حاصل ڪري ايندڙ ٽن سالن لاءِ ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جو سيڪريٽري چونڊجي ويو ٻئي طرف صدارتي اميدوار شهزاد عالم ۽ سيڪريٽري جي اميدوار شاهه شفيع الدين هڪ به ووٽ حاصل ڪري نه سگهيا. چونڊ نتيجن جي اعلان کان پوءِ نون چونڊيل صدر نديم عمر ۽ نون چونڊيل سيڪريٽري علي حسين سڀني 15 ووٽرن، ڪلب نمائندن ۽ پنهنجي پينل جي ميمبرن جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪندي ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو ڪراچي ڪرڪيٽ جي ترقي، شفافيت، ميرٽ، باصلاحيت نوجوان ڪرڪيٽرن جي سرپرستي ۽ گراس روٽ سطح تي ڪرڪيٽ جي واڌاري لاءِ ڀرپور انداز ۾ ڪم ڪندا. هنن چيو ته سڀني اسٽيڪ هولڊرن کي گڏ ڪري ڪراچي جي ڪرڪيٽ کي وڌيڪ مضبوط، منظم ۽ فعال بڻايو ويندو.

قائداعظم ٽرافي ۾ ڪراچي جي ٻي ٽيم جي شموليت، نديم عمر پاران پي سي بي چيئرمين جا ٿورا

ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي صدر چيو فيصلو رانديگرن لاءِ خوشي ۽ حوصلي جو سبب بڻيو

ڪراچي جون ٻئي ٽيمون هاڻي ملڪ جي اهم فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو حصو بڻجنديون

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي صدر نديم عمر پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي جا ٿورا مڃيندي چيو آهي ته ڪراچي جي ٻي ٽيم کي قائداعظم ٽرافي ۾ شامل ڪري هنن ڪراچي واسين جون دليون کٽي ورتيون آهن ۽ هاڻي ڪراچي جي ٻي ٽيم کي پڻ قائداعظم ٽرافي ۾ کيڏڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ تي ڪراچي جا عوام جناب محسن نقوي جا بيحد ٿورائتا آهن. نديم عمر چيو ته هن اهم فيصلي سان ڪراچي جي رانديگرن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته هاڻي ڪراچي جون ٻئي ٽيمون ملڪ جي اعليٰ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ قائداعظم ٽرافي جو حصو بڻجنديون. هن چيو ته ڪراچي پاڪستاني ڪرڪيٽ جو هڪ اهم مرڪز آهي، جتي بي پناهه صلاحيت رکندڙ رانديگر موجود آهن جن کي اڳتي وڌڻ لاءِ وڌيڪ ۽ بهتر موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته محسن نقوي جو هي فيصلو ڪراچي جي نوجوان ڪرڪيٽرن لاءِ انتهائي همت افزا ۽ حوصلا افزائيندڙ آهي. ان سان نه رڳو مقامي ڪرڪيٽ کي وڌيڪ هٿي ملندي، پر ملڪ ۾ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ جو معيار پڻ وڌيڪ مضبوط ٿيندو. نديم عمر اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ مستقبل ۾ به اهڙا مثبت ۽ رانديگر دوست فيصلا ڪندو رهندو، جن جي نتيجي ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪرڪيٽ کي وڌيڪ فروغ حاصل ٿيندو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 25 جولاءِ 2026ع

ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ ڌرڻو ۽ رياستي ذميواري

ڀيرلوءِ وٽ 27 ڏينهن تائين جاري رهندڙ ڌرڻو اهڙي تڪليف ۽ بي وسيءَ جو اظهار هو جيڪو گم ۽ اغوا ٿيل ٻارڙن جي وارثن انصاف ۽ پنهنجي پيارن جي واپسيءَ لاءِ هنيو هو. پريا ڪماري سميت سنڌ مان گم ٿيل 27 ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ وارثن، سماجي ڪارڪنن ۽ مختلف ڌرين پاران شروع ڪيل احتجاج جو بنيادي مقصد رياستي ادارن کي سندن ذميواري ياد ڏيارڻ هو پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته مسئلي جي حل لاءِ اثرائتي قدم کڻڻ بدران احتجاج ڪندڙن خلاف طاقت جو استعمال ڪيو ويو. رات جي اونداهيءَ ۾ پوليس ڪارروائي، ڌرڻي واري ڪيمپ ختم ڪرڻ ۽ عورتن، ٻارڙن جي وارثن اڳواڻن ۽ صحافين کي گرفتار ڪرڻ واري عمل ڪيترائي سوال پيدا ڪيا آهن. رياست جي پهرين ذميواري پنهنجي شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ آهي، خاص طور تي ٻارڙن جي حفاظت هر حڪومت ۽ انتظاميا جي بنيادي ترجيح هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن خاندان جو ٻار مهينن ۽ سالن تائين واپس نٿو اچي ته ان خاندان جي تڪليف جو اندازو لڳائڻ ڏکيو ناهي. اهڙي صورتحال ۾ احتجاج ڪندڙن سان ڳالهه ٻولهه، اعتماد سازي ۽ قانوني طريقي سان مسئلو حل ڪرڻ وڌيڪ مناسب رستو هوندو آهي، نه وري طاقت جو استعمال. پوليس جو موقف هوندو آهي ته رستا بند ٿيڻ سبب عام ماڻهن کي تڪليف ٿئي ٿي ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا آهن اها به هڪ حقيقت آهي ته عوامي رستن جي بندش سان مسافرن ۽ شهرين کي مسئلا پيش اچن ٿا، پر ان سان گڏ اهو سوال به اهم آهي ته آخر اهي خاندان ڪهڙي مجبوريءَ سبب روڊن تي اچن ٿا؟ جيڪڏهن ادارا شروعاتي مرحلي ۾ سندن دانهن ٻڌن، جاچ ۾ اڳڀرائي ڪن ۽ کين يقين ڏيارين ته شايد اهڙن احتجاجن جي ضرورت ئي پيدا نه ٿئي. پريا ڪماري ڪيس سميت گم ٿيل ٻارڙن جا معاملا سنڌ جي عوام لاءِ حساس بڻجي چڪا آهن. هر نئون ڏينهن انهن خاندانن لاءِ اميد ۽ مايوسيءَ جي وچ ۾ گذري ٿو. حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهرجي ته انهن ڪيسن کي رڳو قانوني ڪارروائي تائين محدود نه رکن، پر انساني همدرديءَ سان به ڏسن. هر گم ٿيل ٻار هڪ انگ نه، پر ڪنهن ماءُ پيءُ جي دل جو ٽڪرو آهي. احتجاج ڪندڙن جي گرفتاريءَ بدران حڪومت کي گهرجي ها ته هڪ اعليٰ سطحي ٽيم جوڙي، متاثر خاندانن سان مسلسل رابطو رکي ۽ تحقيقاتي عمل کي تيز ڪري. جديد دور ۾ ٽيڪنالاجي، جاچ جا نوان طريقا ۽ مختلف ادارن جي سهڪار سان اهڙن ڪيسن ۾ اڳڀرائي آڻي سگهجي ٿي. ضرورت رڳو سنجيدگي ۽ سياسي ارادي جي آهي. حڪمرانن کي اِها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙي زيادتي ڪنهن وڏي تحريڪ جو سبب بڻجي پوندي آهي جنهن جو مثال پاڙ هندستان ۾ ڪجهه ڏينهن کان ڏسي رهيا آهيون، جتي لکن جي تعداد ۾ نوجوان ميرٽ کي ماڻ ڏيڻ لاءِ روڊن تي آيل آهن. جيڪڏهن هتي جي ماڻهن سان اهڙا ڪلور ٿيندا رهيا ته پوءِ بنگلاديش، نيپال ۽ هندستان جيان هتان جا ماڻهو به روڊن تي اچڻ تي مجبور ٿي پوندا، جا ڳالهه ڪنهن به ريت حڪومت جي حق ۾ نه هوندي. تنهنڪري سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته ڀيرلوءِ واري واقعي ڪانپوءِ صورتحال کي وڌيڪ ڇڪتاڻ طرف وٺي وڃڻ بدران اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ قدم کڻن. گرفتار ٿيل ماڻهن جي معاملي کي قانون موجب حل ڪيو وڃي ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته گم ٿيل ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ عملي نتيجا سامهون آندا وڃن. سنڌ جا والدين اهو سوال ڪرڻ جو حق رکن ٿا ته سندن ٻار ڪٿي آهن ۽ کين واپس آڻڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن. هي رڳو هڪ خاندان يا هڪ احتجاج جو مسئلو ناهي پر سڄي سماج جي مستقبل جو سوال آهي. ٻارڙن جي حفاظت، انصاف جي فراهمي ۽ عوام جي اعتماد جي بحاليءَ لاءِ حڪومت کي هاڻي وڌيڪ سنجيده ۽ واضح قدم کڻڻا پوندا.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪُڪِڪَنِ ڪَانڌُ ڇتِ ڪِئُو پَسِئُو جُهڙُ جُهڪَنِ،
سَٽِئُو رَڙِ رَعَدَ جِي، ڪَلهِيُون ٿِيُون ڪَنبَنِ،
وَارِثَ وَرِي ٿَنِ، اَچِي شَالَ اولُو ڪَري.

جڏهن ساونڻي جي رُت ۾ زور جا مينهن پون ٿا، آسمان گهاٽي جهڙ يا ڪڪرن سان ڍڪيل آهي ته اهڙي صورتحال ۾ انهن عورتن جي من ۾ پنهنجي وارثن، محبوب مڙسن جي ياد پئي ٿي ۽ انهن سان ملڻ لاءِ هورا کورا پيدا ٿئي پئي جيڪي پنهنجي ماڳ کان پرانهين پنڌ تي آهن هڪ ته باراني علائقن جي حساب سان موسم ڏاڍي پياري ۽ وڻندڙ آهي جنهن پنهنجي سڄڻ سان گڏ هجڻ لاءِ دل سڏون پئي ڪٽيندي آهي سندن اندر ۾ انهن سان ملڻ لاءِ بي چيني آهي جڏهن اپ تي چانيل اهي ڪڪر وڏي ۽ خوفناڪ گجگوڙ ڪن ٿا ۽ وچ جا تيز تجلا آهن جنهن ۾ اهو انديشو خوف ۽ ڊپ به سمايل ٿئي ٿو متان وچ مٿان اچي نه ڪري، تيز برسات جي ڪري جهويا جهڙي پون ٿا ته اهڙي صورتحال ۾ انهن اڪيلين عورتن کي خوف مان ڏڪڻي وٺيو ٿي وڃي سندن اهڙي حالت ڏسي لطيف سائين کين دعا ڏئي ٿو ته الله ڪري شال انهن جا ور، سندن محبوب مڙس خير سلامتيءَ سان ساڻن اچي ملن ڇو جو اهي سندن پناهه. پردو آهن انهن جي اچڻ سان ماندين دلين کي قرار ۽ سڪون ملندو، سندن تڪليفون ۽ اڪيلائپ دور ٿي پوندي، سندن گهرن ۾ خوشيون موٽي اينديون

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سياسي خال جي قيمت!



اعظم ملڪ

پاڪستان هن وقت هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي جتي ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر پيدا ٿيندڙ ڪيترائي مسئلا هڪ ئي وقت رياست جي دروازي تي دستڪ ڏئي رهيا آهن ملڪي معيشت اڃا مڪمل طور تي سنڀلجي نه سگهي آهي بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جو خطرو برقرار آهي خيبرپختونخوا ۾ امن امان جا مسئلا اڃا مڪمل طور ختم نه ٿيا آهن جڏهن ته آزاد ڪشمير ۾ سياسي ڇڪتاڻ وقت بوقت ٻيهر سامهون اچي رهي آهي ان سان گڏ خطي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سڄي علائقي کي غيريقيني صورتحال ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي اهڙي ڏکئي ماحول ۾ هر ملڪ اِها اُميد رکندو آهي ته سندس سياسي قيادت ڏاهپ، دور انديشي، گڏيل سوچ ۽ صحيح وقت تي درست فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت ڏيکاري، پر پاڪستان ۾ هاڻي اِهو سوال اڀري رهيو آهي ته ڇا اسان جي سياست ۽ سياسي قيادت اهڙين وڏين ذميوارين کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نظر اچي ٿي يا وري سياسي جماعتن پنهنجي عملن سبب پنهنجو ڪردار پاڻ محدود ڪري ڇڏيو آهي؟ جمهوريت جي اصل طاقت رڳو چونڊن تائين محدود نه هوندي آهي پر هڪ فعال ۽ ذميوار حڪومت، مضبوط مخالف ڌر، اثرائتي پارليامينٽ ۽ عوام آڏو جوابده سياسي قيادت به جمهوريت جا اهم بنياد هوندا آهن جڏهن انهن مان ڪو به هڪ بنياد ڪمزور ٿي وڃي ٿو ته سڄي سياسي نظام جو توازن متاثر ٿيڻ لڳي ٿو اڄ پاڪستان ۾ به ڪجهه اهڙي ئي صورتحال نظر اچي رهي آهي هڪ طرف مسلم ليگ (ن) وفاق ۾ حڪومت هلائي رهي آهي ۽ پيپلزپارٽي ان جي اهم اتحادي جماعت آهي جڏهن ته ٻئي طرف تحريڪ انصاف ۽ ان جي مرڪزي قيادت مختلف قانوني ۽ سياسي مسئلن سبب اهو اثرائتو سياسي ڪردار ادا نه ڪري رهي آهي جيڪو هڪ وڏي مخالف ڌر واري جماعت کان اميد ڪيو ويندو آهي ان صورتحال سياسي ميدان ۾ هڪ خال پيدا ڪري ڇڏيو آهي جنهن تي مختلف زخن کان بحث جاري آهي اِها به حقيقت آهي ته جڏهن ڪنهن رياست کي دهشتگردي، سرحدي ڇڪتاڻ يا قومي سلامتي جهڙن غيرمعمولي خطرن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ته اهڙي صورتحال ۾ سيڪيورٽي ادارن جو ڪردار فطري طور وڌيڪ نمايان ٿي وڃي ٿو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙو ٿيندو آهي ۽ پاڪستان به ان کان مختلف ناهي پر جيڪڏهن سياسي قيادت پنهنجون ذميواريون مڪمل طاقت ۽ سنجيدگيءَ سان ادا ڪري، پارليامينٽ فعال طريقي سان ڪم ڪري ۽ حڪومت توڙي مخالف ڌر قومي معاملن تي گهٽ ۾ گهٽ بنيادي اتفاق پيدا ڪري وٺن ته رياستي نظام ۾ توازن وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم رهندو ان جي ابتڙ جيڪڏهن سياسي ميدان مسلسل ورهاست، ٽڪراءَ ۽ هڪٻئي تي بي اعتماديءَ جو شڪار رهي ته پوءِ رياست جا ٻيا ادارا نسبتاً وڌيڪ نمايان نظر اچڻ لڳندا آهن اها صورتحال ضروري ناهي ته ڪنهن هڪ اداري جي خواهش يا ڪوشش جو نتيجو هجي پر اها سياسي خال پيدا ٿيڻ جو نتيجو به ٿي سگهي ٿي جڏهن سياست پنهنجو ڪردار اثرائتي نموني ادا نه ڪري سگهندي آهي ته ٻين ادارن جي اهميت پاڻمرادو وڌندي نظر ايندي آهي اڄ پاڪستان جنهن بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي اِهو رڳو حڪومت ۽ مخالف ڌر جو بحران ناهي پر اهو اعتماد جو بحران به آهي حڪومت مخالف ڌر تي ڀروسو نٿي ڪري، مخالف ڌر حڪومت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿي اچي ادارن بابت شڪ ۽ خدشا پنهنجي جاءِ تي موجود آهن جڏهن ته عوام به سياسي نظام مان مايوسيءَ جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو اهڙي ماحول ۾ ڪو به فيصلو شايد ڪجهه وقت لاءِ مسئلا دٻائي سگهي ٿو پر اِهو مستقل استحڪام پيدا نٿو ڪري سگهي پاڪستان کي هن وقت نه ته محاذ آرائي واري سياست جي ضرورت آهي ۽ نه ئي خاموش سياسي بي عمليءَ جي ملڪ کي اهڙي بالغ نظر ۽ ڏاهپ واري قيادت جي ضرورت آهي جيڪا پنهنجن اختلافن جي باوجود قومي مفاد جي معاملن تي گڏ ويهي سگهي پارليامينٽ کي فيصلا ڪرڻ جو اصل مرڪز بڻائي، عوام جو اعتماد ٻيهر بحال ڪري ۽ اِهو ثابت ڪري ته پاڪستان جي سياسي مسئلن جو حل صرف ۽ صرف سياست وٽ ئي موجود آهي رياست جي طاقت سندس ادارن ۾ هوندي آهي پر جمهوريت جي اصل طاقت سندس سياست ۾ هوندي آهي جيڪڏهن سياست پنهنجو ڪردار مضبوط طريقي سان ادا ڪندي رهندي ته رياست جو توازن به مضبوط رهندو پر جيڪڏهن سياست پاڻ پنهنجي جاءِ خالي ڪري ڇڏيندي ته پوءِ اهو خال ڪو نه ڪو ضرور ڀريندو تاريخ جو سبق اِهو آهي ته سياسي خال ڪڏهن به گهڻي وقت تائين خالي نه رهندو آهي جڏهن سياسي قوتون پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿينديون آهن ته ٻيون قوتون ان جاءِ تي اثرانداز ٿيڻ لڳنديون آهن پر اهڙي صورتحال جي قيمت اڪثر سڄي جمهوريت کي ادا ڪرڻي پوندي آهي ان ڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته سياسي جماعتون ذاتي ۽ پارٽي مفادن کان مٿي ٿي قومي مسئلن تي گڏيل سوچ پيدا ڪن، آئيني ادارن کي مضبوط ڪن ۽ عوام کي اِهو يقين ڏيارين ته ملڪ جا فيصلا عوامي نمائندن ۽ جمهوري طريقي سان ئي ٿيندا مضبوط سياست ئي مضبوط رياست جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي

نفرتن جي ذريعي دنيا تي حڪمراني ممڪن ناهي!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن کان شروع ڪري رهيو آهيان ته دنيا ۾ اصولن جا قدآور وڻ پروپيگنڊا جي تلي تي وڍايا ويا، جيڪي ڪنهن حد تائين ثمرجهلندڙ ۽ قوم جي لاءِ ڇانو ڏيندڙ هئا، انهن جي جاءِ تي هاڻ ڪنڊن جون ولهون ئي رستن ۾ وڇايل نظر اچي رهيون آهن جيڪڏهن اِهي بي پاڙون ولهون رستن تان نه هٽايون ويون ته ڊپ اِهو آهي ته اُهي ڪافي اڳتي تائين وينديون ۽ دنيا جي اصولن کي زيرزبر ڪري ڇڏينديون، جنهن جي مثال هتي آئون ماضيءَ جي هڪڙي ڪردار جي ذريعي پيش ڪريان ٿو، ايڊولف هٽلر ايڊولف الوئس جي ٽين گهرواري ڪلارا پولزل جي ڇهن ٻارن مان چوٿين نمبر تي هو، هن جي خاندان جو تعلق آسٽريا جي هيٺاهين پاسي جي والدوائرٽيل علائقي سان هو، سندس پيءُ ايلوس آسٽريا هنگري رياست جي اترئين پاسي واقع صوبي لنزجي هڪ ننڍڙي شهر برائنائو ايم ان ۾ رهندڙ هو ۽ موچڪو ڌنڌو ڪندو هو، ايڊولف هٽلر جي پيدائش به انهيءَ ننڍڙي شهر برائنائو ايم ان ۾ ٿي جيڪو جرمنيءَ جي رياست بويريا جي سرحد جي لڳ واقع هو، ايڊولف هٽلر پيدائش کان 21 سالن جي عمر تائين انهيءَ ڳوٺ ۾ رهندو آيو، تعليم به اتي ئي ورتائين هٽلر جي تعليم نهايت ئي گهٽ هئي، آسٽريا جي گاديءَ واري هنڌ ويانا جي آرٽس ڪاليج ۾ ڪيس صرف اُن ڪري داخلا نه ملي ته هو انهن جي بنيادي ضرورتن تي پورو لهي نه سگهيو هيءَ هڪ بهترين مصور هو 1909ع ۾ هن ويانا جي آرٽس اڪيڊمي ۾ داخلا جو امتحان ڏنو پر هيءَ فيل ٿي ويو 1913ع ۾ آسٽريا-هنگري ۾ نوجوانن کي فوج ۾ ڀرتي ڪيو پئي ويو پر هٽلر آسٽريائي فوج ۾ شامل ٿيڻ نه پئي چاهيو ان ڪري هيءَ جرمني لڏي آيو ۽ ميونخ ۾ رهائش اختيار ڪيائين آخرڪار 21 سالن جي عمر ۾ هو جرمنيءَ جي ميونخ شهر ۾ رازڪو ڪم ڪرڻ لڳو، روز ڪم کان واندو ٿيڻ کانپوءِ هيءَ ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو ۽ ملڪي سياست جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو هو ۽ ٿوري وقت کانپوءِ هيءَ جرمن فوج ۾ شامل ٿي ويو پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هن جرمني طرفان جنگ ۾ ڀرپور نموني سان حصو ورتو پر باوجود بهترين لشڪر، شاندار هٿيارن ۽ پوري تيارين جي باوجود جرمنيءَ کي شڪست ملي انهيءَ ڪري هر محب وطن جرمن کي ارمان ۽ پشيماني پيدا ٿي ويتر ورسيلز جي عهدنامي هٿن جي حالت ابتر بڻائي ڇڏي جنگ ۾ شڪست کائڻ جي سببن کي معلوم ڪرڻ ۽ وڃايل طاقت ۽ وقار کي ورِي هٿ ڪرڻ جي لاءِ سڄي ملڪ ۾ جرمن قوم جا وطن دوست دانشور ۽ نوجوان غور ۽ فڪر ڪرڻ لڳا، هٽلر به نوڪري ڇڏي ڏني ۽ اُنهيءَ مسئلي تي سوچ ويچار ڪندي ڪندي هو ڪِن خاص نتيجن تي پهتو، هن کي جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ شڪست جا ٻه وڏا ڪارڻ ڏسڻ ۾ آيا، هڪ ته هن جمهوري نظامِ حڪومت کي اُن شڪست جي لاءِ جوابدار ٺهرايو، جنهن ۾ هن جي راءِ مطابق پارٽي بازيءَ جي اختلافن جي ڪري سڄو قومي نظام بگڙي ۽ ڪمزور ٿي چڪو هو ۽ ٻيو ڪارڻ جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ ڪمزوريءَ جو هن جي نظر ۾ اِهو آيو ته جرمنين جي دل ۽ دماغ تان پنهنجي جرمن قوميت جي اهميت جو اثر گهٽجي ويو آهي 1919ع ۾ هن پروپيگنڊا تي ٿيل تربيتي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي جنهن ڪانپوءِ هيءَ هڪ ننڍي جماعت جرمن ورڪرس پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ ٻن سالن ۾ هيءَ انهيءَ پارٽي جو اڳواڻ ٿي ويو هن انهيءَ پارٽي جو نالو تبديل ڪري نيشنل سوشلسٽ جرمن ورڪرس پارٽي رکيو، جنهن جو مختصر نالو نازي پارٽي پئجي ويو 1923ع ۾ هن پنهنجي پارٽي جي سوين ڪارڪنن جي مدد سان ويمر ريپبلڪ جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ۽ بغاوت ۾ نازي پارٽي جا 13 رڪن مارجي ويا ۽ هٽلر کي گرفتار ڪري لينڊسبرگ جيل ۾ رکيو ويو ۽ 9 مهينن بعد ڪيس آزاد ڪيو ويو انهيءَ قيد واري دؤر ۾ هن پنهنجي دوست روڊلف هيس جي سهڪار سان پنهنجو جڳ مشهور ڪتاب مين ڪيمف (منهنجي جدوجهد) لکيو انهيءَ ڪتاب ۾ هن پنهنجا نوان خيال ۽ وضاحتون پيش ڪيون، انهن خيالن ۾ جرمن قوم جي آريائي نسل جي بنياد تي برتري پڻ شامل هئي

ياد رکو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ شڪست کائڻ ۽ ناجائز صلح جي شرطن جي ڪري جرمن قوم ۾ غيرت ۽ انتقام وارو ردعمل پيدا ٿيو ۽ جنگ کانپوءِ هٽلر قوم جي وڃايل طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ هڪ اخبار جي ذريعي هن پنهنجا مقصد ۽ پروگرام پکيڙڻ شروع ڪيا اُن ۾ هن جمهوري نظامِ حڪومت کي ملڪ لاءِ نقصانڪار هئڻ جي پرچار ڪئي ۽ جنگي عهدنامن کي رد ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا شروع ڪئي ابتدا ۾ هو سوشلزم ذريعي مڪمل اقتصادي انقلاب آڻڻ طرف زياده مائل هو ۽ عام ماڻهن کي اُنهيءَ ئي آسري ۽ آڌار تي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو پر اڳتي هلي هن کي محسوس ٿيو ته ملڪ ۾ شاهوڪار طبقو به ڪافي اثر رکندڙ آهي انهن جي مدد کانسواءِ سڄي جرمن قوم کي هڪ جاءِ تي متحد ۽ منظم ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري انهن جي همدردي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن نشنلزم جي ڳالهه کي ترجيح ڏني جرمن قوم کي آريا نسل جي بنياد تي منظم ڪرڻ شروع ڪيو، هن 1923ع کان پنهنجي انهن خيالن جي آڌار تي ڪم ڪرڻ جو آغاز ڪيو، سن 1930ع ڌاري سندس پارٽي زور وٺي وئي جنهن ۾ ڪيترائي لک ميمبر شامل ٿي ويا 1932ع ۾ جڏهن پريزيڊنٽ جي چونڊ ٿي ته هن جي ڌُر کي ڏيڍ ڪروڙ ووٽ مليا، انهيءَ ڪري هن کي وزارت ۾ شرڪت جي لاءِ دعوت ڏني وئي پر هن مستقبل کي خيال ۾ رکي انهيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو انهيءَ ڪانپوءِ 30 جنوري 1933ع تي چانسلر سليشر جي جاءِ تي هو جرمن قوم جو چانسلر مقرر ٿيو هن پريس کي ضابطي ۾ رکيو ۽ مخالفن کي سزائون ڏنيون 1934ع ۾ خود پنهنجي پارٽيءَ ۾ جيڪي هن کي پنهنجا رقيب ٿي نظر آيا تن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين ياد رکو هٽلر غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ هو، گوشت نه کائيندو هو، شراب پيئڻ کان پري هوندو هو، عورتن جي صحبت طرف مائل نه هو، پيسي سان ڪاٻه رغبت نه هوندي هئس. ڪم ڪرڻ کان جڏهن واندو ٿيندو هو ته اڪيلائيءَ ۾ غور ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو، سواءِ مخصوص ماڻهن جي هو عام ماڻهن سان گهٽ ته ملندو هو شخصي دوست ڇڏا هوندا هئس ابتدا ۾ هيءَ رومن ڪيٿولڪ مذهب جو پوئلڳ هو پر جڏهن هُو اقتدار ۾ آيو ته جرمن قومپرستيءَ جي واٽ ۾ مذهب کي رڪاوٽ سمجهي ان کان لاتعلقي اختيار ڪرڻ ۽ متنفر ٿيڻ لڳو هن جي ڪم جا طريقا ۽ رٿائون بدلبيون رهنديون هيون پر هن جا بنيادي مقصد ڪڏهن به نه بدليا هئا، جيڪي هر حلت ۾ هڪ مضبوط ۽ طاقتور جرمنيءَ کي ٻيهر پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جي لاءِ مخصوص ۽ وقف هوندا هئا

ياد رکو هُو پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جي ابن الوقتي ڦيرين گهيرين ۽ سياسي چالاڪين کان به نه ڪيٻائيندو هو، جو نه سندس بنيادي مقصد هر حال ۾ ۽ هر وقت سندس نظرن آڏو هوندو هو هُو باهمت ۽ مضبوط ارادي جو مالڪ هو جيئن ڪم گهٽو ٿيندو هئس يا سندس راهه ۾ رڪاوٽون پونديون هيون، تيئن سندس ارادي جي قوت ۽ عمل جو جذبو زور وٺندو هو. ٿوري وقت اندر ساڻس جي مدد سان تماشي طريقن ۽ سخت پروپيگنڊا ذريعي هن جرمن قوم جي ڪثير تعداد ۾ ماڻهن کي جوش ۽ نفرت جي لهر ۾ لوڙهي فڪر ۽ سمجهه کان موڙي پنهنجي اقتدار جي لاءِ نسلي بنياد تي منظم ڪري ورتو هن پنهنجن ماڻهن کي قومي وقار حاصل ڪرڻ جي لاءِ جوش ڏياريو ۽ اُنهن جي غيرت کي للڪاريو ۽ جرمنيءَ جي سمورين ڪمزورين جي لاءِ يهودين کي جوابدار ٺهرائي اُنهن جي لاءِ جرمن قوم جي دلين ۾ نفرت جا آڙاهه ٻاري ڇڏيا، اُهي ٻئي هن جا نسخا جرمن قوم ۾ عارضي اتحاد ۽ جوش پيدا ڪرڻ جي لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيا، اِهي طريقا استعمال ڪري هٽلر اقتدار جي ڪرسي تائين پهچي ويو، افسوس اِهو آهي ته اڄ دنيا جو سياسي نظام به هٽلر مزاجي ڏانهن ويندي نظر اچي رهيو آهي آئون پنهنجي نوجوانن جي لاءِ عرض ڪندو هلان ته جتي مقصد حصول صرف اقتدار هوندو آهي اُتي اسان ڏٺو آهي ته هميشه قوم ۽ مذهب کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪري عوام جا جذبا اڀاريا ويندا آهن انهيءَ ڪري آئون عرض ڪريان ته هاڻ دنيا وٽ به سياست جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ نه بلڪ حصول طاقت بڻجي ويو آهي اسان ڏسون ٿا ته دنيا جي سياست اڄ به ماضيءَ وانگر ڏاڍ جي زور تي ٻين قومن کي زير ڪرڻ ۾ رڌل نظر اچي ٿي نه رڳو روايتون ۽ اخلاقي قدر لتاڙيا پيا وڃن پر پروپيگنڊا کي به اهڙي هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي جنهن ذريعي پنهنجن مقصدن کي حق ۽ ٻين کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ڏاڍ جي نشي ۾ مبتلا قوتون اِهو سمجهن ٿيون ته رڳو اُهي ئي هر فيصلي ۽ هر عمل جو حق رکن ٿيون اِها پروپيگنڊا بظاهر تمام خوبصورت هوندي آهي پر اُها پروپيگنڊا هڪ لڪيل سوچ جي عڪاسي ڪندي آهي ۽ آخرڪار اها پروپيگنڊا مقصد حاصل ڪرڻ جي بدران پروپيگنڊا ئي رهجي ويندي آهي

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ڏاڍ هميشه قومن کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ مختلف بهانا تلاش ڪندو آهي، جنهن مطابق قومن کي نشانو بڻائڻ جي باقاعده مهم شروع ڪئي وئي ويندي آهي اِهو ڏاڍين قومن جو مزاج ماضيءَ جيان اڄ تائين مسلسل جاري آهي ۽ ڪيستائين جاري رهي انهي جو ڪو به اندازو نٿو لڳائي سگهجي انهيءَ سڄي عمل ۾ اُهي ماڻهو پيش پيش هوندا آهن جيڪي هٽلر جيان حادثاتي طور تي اقتدار جي ڪرسي تي اچي ويندا آهن ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو انهيءَ غلط فهميءَ ۾ نه رهو ته دنيا جو نظام شتر بي مهار رهندو ۽ جيڪو جيءَ ۾ ايندو ڏاڍا اُهو ڪندا رهندا. اِهو سلسلو گهڻي دير نه هلندو ڇو ته اڃا ته گهڻو ڪجهه دنيا جي سامهون اچڻو آهي، ڪافي فيصلا ٿيڻ وارا آهن، بس گهڻو ٿي ڪجهه پروپيگنڊا ۽ بيانن ڏيکاري ڇڏيو آهي هيءَ ڪهڙو نظام آهي جنهن ۾ فيصلو خلافِ مرضي اچي ته اُهو قبول نه آهي جيڪي ڪجهه ٿيو ۽ جيڪي اڃان به ٿي رهيو آهي انهيءَ ۾ اِها ئي سوچ ڏسڻ ۾ اچي پئي ته دنيا ۾ فساد پکڙيو رهي، طاقت ٻجهن ۾ جنهن قسم جي ٻولي استعمال ڪري رهي آهي ۽ جنهن طرح بنا ثبوت جي ملڪن تي الزام هڻي حملن جا سلسلا جاري رکيو اچي اِهو افسوسناڪ عمل آهي، اِهي رويا دنيا کي خطرناڪ رُخ ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن، جنهن جي ڪري دنيا جي حڪمرانن کي هاڻ هوش کان ڪم وٺڻ گهرجي، آئون عرض ڪريان ته دنيا ۾ معاشرتي ۽ اخلاقي بگاڙ جون ذميوار اُهي سگهيون طاقتون ئي نظر اچي رهيو آهن جيڪي اڃا تائين نفرت جو ٻج ڇٽي رهيون آهن، ياد رکو دنيا ۾ امن ۽ رواداري جي فضا قائم ڪرڻ جي لاءِ سيني کي گنجي ڪم ڪرڻو پوندو دنيا جي قيادت ڪرڻ جو شوق رکندڙن کي گهرجي ته آهي پنهنجي قومن جي اهڙي تربيت ڪن جنهن سان اُنهن ۾ ٻين قومن، مذهبن سان محبت ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ياد رکو ڌمڪيون، بدزباني مسئلا حل ڪرڻ بدران مسئلا وڌائڻ جوئي سبب بڻبا. اوهان حقيقي مسئلن کي سمجهو ۽ انهي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن توهان طاقت جي نشي کان ٻاهر نڪري دنيا تي نظر وجهندا. آخر ۾ آئون پنهنجي گفتگو انهن لفظن تي ختم ڪريان ٿو ته الله تعالىٰ دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو خواب ڏسڻ وارن کي هدايت ڏي ته هُو مسئلن کي حل ڪري دنيا ۾ امن ۽ پيار جو پرچار ڪن، نه ڪي هٿيارن جي ذريعي انسانيت کي ماري امن جي ڳالهه ڪن ۽ انسانيت تي ڏاڍ جو روپ وجهي ماڻهن کي پنهنجي طرف راغب ڪن. ياد رکو ڏاڍ جي نظام سان نفرت جي لهر مستقبل ۾ تمام خطرناڪ ثابت ٿيندي، ڪاش اِها حقيقت دنيا تي حڪومت ڪرڻ جا خواب ڏسڻ وارا سمجهن!

قاضي فيض محمد: سنڌ جو اصول پسند سياستدان

ذوالفقار لاکو

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ اهڙيون شخصيتون تمام گهٽ ملن ٿيون جن پنهنجي سڄي حياتي اقتدار، دولت يا ذاتي مفادن بدران عوام جي حقن جمهوريت، قومي سڃاڻپ ۽ سماجي انصاف لاءِ وقف ڪئي هجي قاضي فيض محمد اهڙن ئي بيباڪ، اصول پسند ۽ باوقار اڳواڻن مان هڪ هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جو هر دور عوامي ڀلائي، هارين جي حقن، جمهوريت جي بحالي ۽ سنڌ جي وجود جي حفاظت لاءِ جدوجهد ڪندي گذاريو هُو رڳو سياستدان نه، پر هڪ مدبر، وڪيل، اديب، دانشور، قومي ڪارڪن ۽ عوامي اڳواڻ هو جنهن پنهنجي عملي زندگيءَ سان اِهو ثابت ڪيو ته سياست جو اصل مقصد عوام جي خدمت ۽ حق جي ڳالهه ڪرڻ آهي

قاضي فيض محمد 23 نومبر 1908ع تي ضلعي نوشهري فيروز جي تاريخي ڳوٺ هالاڻي ۾ قاضي نبي بخش صديقي جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس خاندان علم، دين ۽ سماجي خدمت جي حوالي سان سڃاتو ويندو هو ننڍپڻ ۾ ئي ڪيس والد جي وفات جو صدمو سهڻو پيو پر هن همت نه هاري، ابتدائي تعليم هالاڻيءَ ۾ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ خيرپور هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ ويو، جتي ڪيس علامه آءِ آءِ قاضي جهڙي وڏي عالم ۽ مفڪر جي صحبت نصيب ٿي ان علمي ماحول سندس شخصيت تي گهرو اثر ڇڏيو 1929ع ۾ نوشهري فيروز مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين 1935ع ۾ بي ايس سي ۽ پوءِ 1940ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان قانون جي ڊگري حاصل ڪري وڪالت شروع ڪيائين پر جلد ئي ڪيس احساس ٿيو ته سندس اصل ميدان عدالت کان وڌيڪ عوام جي وچ ۾ آهي

قاضي فيض محمد جو سياسي شعور تمام ننڍي عمر ۾ جاڳي چڪو هو 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۽ آزاديءَ جي تحريڪن سان سندس دلچسپي پيدا ٿي 1927ع ۾ جڏهن سائمن ڪميشن برصغير ۾ آئي ته هن ٻين شاگردن سان گڏ پڊعيدن اسٽيشن تي احتجاج ڪيو ۽ 'سائمن واپس وڃ' جا نعرا هنيا، ان جرئت سبب ڪيس تعليمي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو پر هن پنهنجي موقف تان هٽ نه ڪئي، اِها سندس سياسي جدوجهد جي شروعات هئي جنهن ڪيس سڄي عمر حق ۽ انصاف جي راهه تي هلڻ جو حوصلو ڏنو

1933ع ۾ هُو خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو، جنهن جو مقصد ماڻهن ۾ نظم، قرباني ۽ قومي خدمت جو جذبو پيدا ڪرڻ هو قاضي صاحب تنظيم جي رڳو نالي ماتر ميمبر نه رهيو پر عملي طور عوام جي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهندو هو 1942ع ۾ جڏهن بنگال ۾ خوفناڪ ڏڪار سبب لکين ماڻهو بُک ۽ بيمارين جو شڪار ٿيا، تڏهن هُو رضاڪار طور اُتي پهتو ۽ ٻن مهينن تائين امدادي سرگرمين ۾ حصو ورتائين هن رڳو خوراڪ ۽ دوائن جي ورهاست نه ڪئي پر ڪيترن ئي يتيم ٻارن کي سنڌ آڻي سندن تعليم ۽ پرورش جا بندوبست پڻ ڪيا، اِها سندس انساني همدرديءَ جو روشن مثال آهي



هارين ۽ پورهيتن جي حقن لاءِ قاضي فيض محمد جي جدوجهد سندس سياسي زندگيءَ جو سڀ کان نمايان باب آهي 1941ع ڌاري هو سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1951ع ۾ ان جو صدر چونڊيو ويو، ان دور ۾ هاري جاگيردارن جي ظلم، بي انصافي ۽ استحصال جو شڪار هئا قاضي صاحب سندن حقن لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي جڏهن حڪومت هارين کي الاٽ ٿيل زمينون واپس وٺي ٻين کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ته هن محرابپور مان 'الاٽي تحريڪ' شروع ڪئي ۽ بُک هڙتال ڪئي هن اڌوَ اڌ بٽائي واري تحريڪ، سنڌ ٽيننسي قانون ۽ زرعي سڌارن لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو سندس جدوجهد سبب ڪيترن ئي هارين کي پنهنجا حق حاصل ٿيا

1950ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ون يونٽ لاڳو ڪري سنڌ جي الڳ سڃاڻپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته قاضي فيض محمد اُن خلاف صفِ اول جي اڳواڻ طور اڀريو هن سنڌ متحده محاذ، اينٽي ون يونٽ فرنٽ، پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ پوءِ نيشنل عوامي پارٽيءَ ذريعي سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو عوامي ليگ ۾ به جنرل سيڪريٽري طور ڪم ڪيائين پر جڏهن وزيراعظم حسين شهيد سهروردي ون يونٽ جي حمايت ڪئي ته قاضي صاحب اختلاف ڪندي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، اِهو سندس اصول پسنديءَ جو وڏو ثبوت هو ته هن اقتدار يا عهدي خاطر پنهنجي ضمير سان سوديبازي نه ڪئي

ون يونٽ خلاف جدوجهد دوران ڪيس ڪيترائي ڀيرا گرفتار ڪيو ويو، مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا، جيل اماڻيو ويو ۽ تشدد جو نشانو بڻايو ويو پر هن ڪڏهن به هٿيار نه وڌا ساڻگهڙ واري ٽڪ تان وقت جي بااثر سياسي شخصيت ايوب کهڙي جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ سندس بي مثال جرئت جو ثبوت آهي حڪومتي ترين ڪيس نامزدگي داخل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ اغوا ڪري جهنگ ۾ ڇڏي ڏنو پر هُو وري به پنهنجي جدوجهد جاري رکندو رهيو

سٺ واري ڏهاڪي جي آخر ۾ هو شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن نڪتن کان متاثر ٿيو ۽ عوامي ليگ ۾ شامل ٿيو، جتي ڪيس سينيئر نائب صدر جي ذميواري سونپي وئي 1970ع جي چونڊن ۾ نوابشاهه مان قومي اسيمبليءَ جي اميدوار طور چونڊ وڙهيو پر ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو 1971ع ۾ بنگلاديش جي قيام ڪانپوءِ هن ڪنهن به سياسي جماعت سان مستقل وابستگي نه رکي ڪجهه عرصو بنگلاديش ۽ پوءِ انگلينڊ ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي به گذاريائين وطن موٽڻ ڪانپوءِ به ڪيس نظر بند ڪيو ويو، پر سندس حوصلي ۾ ڪا به گهٽتائي نه آئي قاضي فيض محمد علم ۽ ادب سان به گهرو لاڳاپو رکندو هو سياسي مصروفيتن باوجود هن ڪيترائي اهم ڪتاب لکيا، جن ۾ 'جنسار'، 'ٻاويهه سؤ ٻاويهه'، 'اڳواڻ'، 'علامه آءِ آءِ قاضي: شخصيت ۽ فن'، 'منهنجو سفر'، 'هاري ڪميٽي ۽ الاٽي تحريڪ' ۽ شاعريءَ جو مجموعو 'دردن جو داستان' شامل آهن انگريزيءَ ۾ به سندس ڪتاب ڇپيا، جن مان سندس فڪري پختگي ۽ علمي مطالعي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس آتم ڪهاڻي 'منهنجو سفر' سنڌ جي سياسي تاريخ جو هڪ اهم دستاويز سمجهي وڃي ٿي 13 آڪٽوبر 1982ع تي 74 ورهين جي عمر ۾ قاضي فيض محمد هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو پر سندس فڪر، جدوجهد ۽ اصول اڄ به سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ۾ زنده آهن هُو انهن شخصيتن مان هو، جن ثابت ڪيو ته سچي سياست تعريبازي يا اقتدار حاصل ڪرڻ جو نالو نه پر مظلومن جي ساٿ ڏيڻ حق لاءِ بيهڻ قومي سڃاڻپ جي حفاظت ڪرڻ ۽ هر حال ۾ اصولن تي قائم رهڻ جو نالو آهي

اڄوڪو ڏينهن ...... 25 جولاءِ

امام بخش صابر

اڄ مشهور شاعر ۽ سماج سڌارڪ امام بخش صابر جي جنم جو ڏينهن آهي امام بخش صابر جو جنم 25 جولاءِ 1881ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ ملڪ ۾ ٿيو هن جو پورو نالو حاجي امام بخش عرف شاهنواز خان ولد خانبهادر غلام رسول خان هو، هن قرآن شريف، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم خانگي طور قاضي عبدالرئوف کان حاصل ڪئي ننڍي هوندي کان ئي فقيري طبيعت جو مالڪ هو، راڳ رنگ، موسيقيءَ ۽ شاعريءَ جو شوق هئس شاعريءَ ۾ سندس تخلص صابر هو خاص طور تي ڪافيءَ جي صنف تي وڏو عبور حاصل هئس سندس اصلوڪو ڳوٺ درياءَ ۾ ٻوڏ اچڻ سبب ٻڏي ويو هن پنهنجو نئون ڳوٺ ٺاهيو جيڪو اڄڪلهه نئون جتوئيءَ جي نالي سان مشهور آهي انگريز سرڪار پاران کيس 1912ع ۾ خانصاحب ۽ 1926ع ۾ خانبهادر جو لقب مليو هو 1916ع کان 1938ع تائين موري تعلقي جو فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ رهيو 1920ع کان 1932ع تائين بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ 1933ع کان 1936ع تائين نوابشاهه ضلعي لوڪل بورڊ جو صدر رهيو هن 7 نومبر 1938ع تي وفات ڪئي

ميان جان محمد عباسي شاد ٻوڙائي

هن نامور شاعر جو جنم 25 جولاءِ 1934ع تي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ ٻوڙٽي شريف ۾ ٿيو پاڻ اڃا ننڍڙو معصوم ٻار هو جو سندس والد ميان حسن علي عباسيءَ وفات ڪئي ان ڪري سندس چاچي ميان فيض محمد عباسيءَ هن جي تربيت ڪئي هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور سڄي عمر قوم جي ٻارن کي علم جهڙي املهه وٿ سان مالامال ڪندو رهيو هن جو ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ طرف لاڙو رهيو ۽ الحاج محمد حافظ محمد احسن چنه کان شاعريءَ ۾ اصلاح وٺندو هو هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي شاعريءَ سان گڏ ولي بال جو به سٺو رانديگر هو هن 29 سيپٽمبر 1981ع تي هي جهان ڇڏيو

محمد يوسف ميمڻ

اڄ مشهور سرڪاري ڪاموري ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن اسلام آباد جي باني محمد يوسف ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن سڄڻ جو جنم شمس الدين ميمڻ جي اڱڻ تي 25 جولاءِ 1949ع ۾ دادوءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اڪنامڪس ڊولپمينٽ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي اڳتي هلي يونيورسٽي آف سنسناٽي آمريڪا مان ميڪرو ۽ مائڪرو اڪنامڪس ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين هن 1997ع کان 2012ع تائين پاڪستان جي ماليائي ۽ ٻين ادارن ۾ اعليٰ عهدن تي رهي ملڪ جي خدمت ڪئي انهن عهدن ۾ سيڙپڪاريءَ جي مرڪز ۽ اسٽيبلشمينٽ جو سيڪريٽري، ڪنسلٽنٽ نيشنل ريڪنسٽرڪشن بيورو جو چيف ايگزيڪيوٽو بجلي ۽ پاڻيءَ جي وزارت جو سيڪريٽري، متبادل توانائي جي ترقيءَ واري بورڊ اسلام آباد جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر، پرائيويٽ پاور ۽ انفرااسٽرڪچر بورڊ اسلام آباد جو مينيجنگ ڊائريڪٽر، بجليءَ ۽ پاڻيءَ واري وزارت جو صلاحڪار ۽ ٻيا اهم عهدا شامل آهن. هن 1976ع ۾ اسلام آباد ۾ سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئيشن (سگا) جو بنياد وڌو ۽ پاڻ انهيءَ ائسوسيئيشن جو اسلام آباد ۾ پهريون صدر چونڊيو، هن سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ ڪشمير جي ٻوڏ ۽ زلزلي متاثرين ماڻهن لاءِ طبي امداد ۽ رهائش لاءِ ڪيمپ قائم ڪئي ۽ ان سان گڏوگڏ ضلع اٽڪ ۽ اسلام آباد ۾ رهندڙ ملاح برادري جي ماڻهن لاءِ ڪاڌي ۽ طبي امداد جو پڻ بندوبست ڪيو. هن جي ئي اڻٿڪ ڪوششن سان اسلام آباد ۾ مٺي سنڌ ورڪنگ وومين هاسٽل، ڪميونٽي هال، آڊيٽوريم ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي لائبريريءَ جو قيام عمل ۾ آيو. هن جي سماجي ۽ ثقافتي خدمتن جي فهرست تمام ڊگهي آهي جنهن جو مڪمل تفصيل هن ننڍڙي ڪالم ۾ ڏيڻ ممڪن نه آهي



مهر سيمي

ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي هن مشهور گلوڪاره جو جنم 25 جولاءِ 1959ع تي حيدرآباد ۾ جميل الدين جي گهر ۾ ٿيو هن حيدرآباد ۾ اٺ درجا پڙهڻ کان پوءِ ڳائڻ شروع ڪيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سندس پهريون گيت "گيت گلن جا هار" پروڊيوسر غلام حسين شيخ 1971ع ۾ رڪارڊ ڪيو. 1973ع کان پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجا سر وکيرڻ شروع ڪيائين 1976ع ۾ مستقل طور ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين جتي خانصاحب ٻيبي خان ۽ استاد غلام عليءَ کان موسيقيءَ جا گر سکيائين. هن سنڌي فلمن بادل، البيلي ۽ سنڌڙيءَ تان صدقي لاءِ به ڪجهه گيت ڳايا. سنڌي نجي ٽيليويزن چينل ڪي ٽي اين پاران به هن جي آواز ۾ ڪيترائي گيت رڪارڊ ڪيا آهن.

منظور مراد

اڄ اسٽيج، ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار منظور مراد جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 25 جولاءِ 1961ع تي مراد علي مرزا جي گهر ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن پنهنجي فنڪارانه زندگيءَ جي ابتدا اسٽيج ڊرامن سان ڪئي. بعد ۾ ريڊيو جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. 1982ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. ٽيليويزن تي سندس پهريون ڊرامون "انڪوائري آفيسر" (ليکڪ: مرزا قليچ بيگ) هو. ان بعد بيشمار سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ شاندار ڪردار ادا ڪري ملڪ گير شهرت ماڻيائين. هن ڪجهه سنڌي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو جن ۾ سهڻا سائين، محب شيدي، برسات جي رات، ڏنو ويندو پلاٽ ۽ سڄاول وغيره شامل آهن. هن ٽن اردو فلمن ۾ به ڪم ڪيو جن ۾ خطرناڪ حسينه، آتڪين ۽ خوبصورت شامل آهن. هن ڪجهه نجي ٽيليويزن چينلن تان نشر ٿيندڙ ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي



مختيار انڙ

ٻيو آڏواڻي

اڄ اسٽيج ۽ فلم جي مشهور اداڪار ٻيي آڏواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 17 آگسٽ 1905ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو هن جو اصل نالو دولترام آڏواڻي هو. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين 1933ع ۾ فلم "حور حرم" ۾ ڪم ڪرڻ سان پنهنجي فلمي سفر جي شروعات ڪيائين 1933ع کان 1977ع تائين هن 90 کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو هو عمر جي آخري حصي تائين سنڌي اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪندو رهيو هن 25 جولاءِ 1985ع تي ممبئيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو.

ملڪ انوکو

ملڪ انوکو ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جو مشهور مزاحيه اداڪار هو جيتوڻيڪ هن جي جنم جي صحيح تاريخ معلوم ناهي پر هڪ اندازي موجب هو 1943ع ڌاري سنڌ جي شهر ميرپورخاص ۾ ڄائو سندس اصل نالو ملڪ اڪبر عباس هو. هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪئي 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ هن بيشمار سنڌي فلمن ۾ پنهنجي مزاحيه اداڪاريءَ سان ڏسندڙن جو من موهيو. انهن فلمن ۾ شهرو فيروز، منهنجو پيار پڪاري، بادل ۽ برسات، رت جا رشتا، ڌرتي لال ڪنوار، دشمن، پنوعاقل، مٺڙا شال ملن، ڌرتي دل وارن جي ۽ ٻيون فلمون شامل آهن سنڌي فلمن جي زوال کان پوءِ هو لاهور هليو ويو جتي اردو ۽ پنجابي فلمن ۽ ٽيليويزن ڊرامن ۾ اداڪاري ڪيائين هن جي مشهور اردو فلمن ۾ ايسا ڀي هوتا هئي، دبئي چلو ۽ ٻيون فلمون شامل آهن عمر جو آخري حصو ڪراچيءَ ۾ گذاريائين هن پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان نشر ٿيندڙ ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ پڻ اداڪاري ڪئي هن انوکي اداڪار 52 جولاءِ 2008ع تي هن فاني دنيا جي اسٽيج تان موڪلايو.

ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو

اڄ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ نثرنويس عبدالخالق راز سومري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو پهرين جولاءِ 1934ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ حاجي خان ڪلهوڙي ۾ ڄائو هن اديب فاضل سنڌي، بي ايڊ، ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. 1949ع ۾ پرائمري ٽيچر مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪري 1994ع ۾ رٽائر ڪيائين هن 1951ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو هن سنڌيءَ کان علاوه اردو، سرائڪي ۽ فارسي ٻولين ۾ به ڪافي مواد ڇڏيو آهي سندس ڪهاڻيون، شاعري ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا، هن جي لکيل ڪتابن ۾ "ڪليات علوي"، "شڪارپور صدين کان" ۽ "بکر جي تاريخ" شامل آهن هن 25 جولاءِ 2011ع تي وفات ڪئي

ڪامريڊ شانتا بخاري

ڪامريڊ شانتا بخاري پنهنجي سموري حياتي پورهيت عورتن جي حقن جي حصول لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري هوءَ نامور ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ جمال الدين شاهه بخاريءَ جي ونيءَ هئي ۽ پاڻ به ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اهم اڳواڻن ۾ شمار ٿيندي هئي هن هندستاني رياست راجستان جي هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو اڃا ننڍڙي ٻار هئي جو سندس والده وفات ڪري وئي. انڪري سندس پرورش سندس چاچيءَ ۽ ڏاڏيءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿي هوءَ صبح جي وقت اسڪول ويندي هئي ۽ شام جو هڪ ٽيڪسٽائل مل ۾ ڪم ڪندي هئي 12 سالن جي عمر ۾ پڙهائيءَ کي خيرباد چئي مل ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين انهيءَ ئي دور ۾ هن مل ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت عورتن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائڻ شروع ڪيو ۽ گڏوگڏ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ سان شادي ڪرڻ پوءِ سندس اسلامي نالو "زيب النساء" رکيو ويو ۽ هيءَ زال مڙس پورهيتن جي حقن جي حاصلات واري جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳا. انهيءَ جدوجهد واري سفر ۾ ٻنهي ڄڻن ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون تڪليفون به برداشت ڪيون 1940ع واري ڏهاڪي ۾ سندس خاندان ڪراچيءَ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي جتي سندس گهر ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مرڪز بڻيل رهيو. اڳتي هلي قاضي فضل الله جي صلاح سان ڪامريڊ جمال الدين پنهنجي ڪٽنب سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي ڪامريڊ شانتا لاڙڪاڻي ۾ به پورهيت عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکي لاڙڪاڻي جا ماڻهو ڪيس عقيدت وچان "امان" سڏيندا هئا هن 25 جولاءِ 2014ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪئي

ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 6 جولاءِ 1945ع تي سجاول ضلعي جي مشهور شهر دڙي ۾ ٿيو مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين هن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان زرعي معاشيات ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي هن ٻه ڊاڪٽريٽ جون سندون حاصل ڪيون پهرين سنڌ فيصل آباد جي زرعي يونيورسٽيءَ مان ۽ ٻي آمريڪا جي مينيسوٽا يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن فل برائٽ اسڪالرشپ تي آمريڪا جي آئيووا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ ڊاڪٽريٽ تحقيق پڻ ڪئي هن ليڪچرار کان وٺي پروفيسر تائين سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪيو. زرعي يونيورسٽيءَ جي سوشل سائنس فيڪلٽيءَ کي ترقي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين هن 1995ع کان 1998ع تائين سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور پڻ ڪم ڪيو. سياسي طور تي هو رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو زرعي يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو هڪ اهم عهديدار رهيو هن 25 جولاءِ 2021ع تي وفات ڪئي



“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات روبينا کوسو.. پلينٽف. بخلاف. مير مرتضيٰ ولد محمد زمان ذات کوسو رهندڙ ڳوٺ محبوب خان تعلقو واره ضلعو قمبر شهدادڪوٽ سيل نمبر 03711037223......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو
ايف سي سوٽ نمبر 12 سال 2026

(1) حسن علي ولد غلام رسول (2) نگارخان ولد حسن علي (3) دريا خان ولد حسن علي (4) مسمات ماروي ولد حسن علي (5) مسمات بختاور ڌيءِ حسن علي (6) مسمات پرهه ڌيءِ حسن علي ذات عطار رهندڙ گهر نمبر B-15 سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ضلعو ڄامشورو معرفت اسپيشل آٽارني پلينٽف نمبر 3 دريا خان ولد حسن علي .. پلينٽف. بخلاف. (1) ڊي سي ڄامشورو (2) مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (3) ڊپٽي ڊائريڪٽر نادرا تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (4) مسمات صائمه بنت صدرالدين اڄڻ رهندڙ اسرا وليج بنگلو نمبر 795 حيدرآباد (5) جنرل پبلڪ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن آف ليگل هيئرز، مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 750 سال 2026

مسمات فرزانه .. پلينٽف. بخلاف. محسن رضا ولد غلام محمد داپو رهندڙ هڪڙا محلہ فقير والي گلي ضلعو قمبر شهدادڪوٽ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 71 سال 2026

مسمات جميلان ڌيءِ محمد علي ڪوريجو رهندڙ ڳوٺ تالي سڪرنڊ .. پلينٽف. بخلاف. رجب علي ولد مولابخش ڪيريو رهندڙ ڳوٺ تالي سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 277 سال 2026

شريمتي پوجا ڌيءِ Ghanno Jandawaro هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ برڪت چوڙري نزد ڪينجي پل نوابشاهه .. پلينٽف. بخلاف. پگوان داس ولد ڪرسچن ٺاڪر رهندڙ لطيف ڪالوني مورو ضلعو نوشهروفيروز...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 203 سال 2026

مسمات شبانه ڌيءِ مرحوم محمد بچل خاصخيلي رهندڙ محلہ عمر درس ڪالوني 60ميل روڊ نوابشاهه .. پلينٽف. بخلاف. اسد علي ولد حيدر علي خاصخيلي رهندڙ سياڳو خاصخيلي ديهه 87 نصرت تعلقو ضلعو نوابشاهه 03228793827....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

مسمات عزيز النساء زال فدا حسين رهندڙ بنگلو نمبر 70 سامهون زرعي ترقياتي بينڪ ميرپورخاص گارڊين مائنر (1) حمزا علي بلوچ (2) احمد رضا بلوچ .. ايپليڪينٽ. بخلاف. مسمات شهزادي بلوچ زال مرحوم عبدالقيوم بلوچ....رسپونڊنٽس

جنرل پبلڪ ايٽ لارج ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ رڪوري اماؤنٽ ميزان بينڪ ميرپورخاص برانچ کان جيڪو نالي شهزادي زال عبدالقيوم جي نالي تي جاري آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 10 سال 2026

مسمات گل بانو ڌيءِ عبدالغفور اعوان زال عمران رهندڙ ڳوٺ قاسم اعوان ديهه ستاري تعلقو ٽنڊو محمد خان .. پلينٽف. بخلاف. عمران ولد محمد صديق اعوان رهندڙ علي محمد اعوان تعلقو ضلعو ٽي اير خان.....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي IV ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات عظميٰ زال محمد صالح ڌيءِ قادر بخش قمبراڻي رهندڙ ڳوٺ غلام مصطفيٰ نظاماڻي ديهه سومرڪي شيخ پرڪيو ضلعو ٽنڊو محمد خان .. ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات حاجره زال قادر بخش قمبراڻي رهندڙ ڳوٺ غلام مصطفيٰ نظاماڻي ديهه سومرڪي شيخ پرڪيو ضلعو ٽنڊو محمد خان (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج......اپونٽس (1) ماهنور ڌيءِ مرحوم محمد صالح ..... مائنر

.نالي مٿئين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي IV ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

اٺون مسمات سڪي بيواهه گومون مرحوم ذات پيل رهندڙ ڳوٺ غلام محمد پرڳڙي ديهه 209 ساڪ سان ٻڌايان ٿي ته منهنجو مڙس گومون پيل ولد ڏگر تاريخ 21-11-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جو ڊيٿ سرٽيفڪيٽ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ڇهن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض يو سي عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ داخل ڪرائي سگهي ٿو مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مسمات سڪي بيواهه گومون مرحوم ذات پيل رهندڙ ڳوٺ غلام محمد پرڳڙي ديهه 209 ميرپورخاص شناختي ڪارڊ 4410234743480

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مسمات شهزادي زال محمد انور ڌيءِ الهه بچايو رهندڙ ڳوٺ علي مراد پرهياڙ تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي الهه بچايو ولد گهنور خان تاريخ 15-04-2001تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 96 ،337 ايراضي حصي موجب ديهه چچا ڏيٺا ٽپو ٽنبو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني اهي فوتي فقه جعفريه سان واسطو رکندڙ هو(1) مسمات شهزادي (ڌي) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرآلائيٽ ميرپور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي علي نواز ولد علي گل ذات ورياه رهندڙ جمعون ورياه پي او عثمان شاهه هڙي تعلقوجهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي علي گل ولد احمد خان تاريخ 05-05-2024 صاحبان ولد / زوجه علي گل تاريخ 23-03-2026 تي فوت ٿي ويا آهن جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هرهڪ (1) جانب علي ولد علي مراد رهندڙ جمعون ورياه پي او عثمان شاهه هڙي (2) رجب علي ولد احمد خان رهندڙ جمعون ورياه پي او عثمان شاهه هڙي يونين ڪائونسل آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي علي گل ولد احمد خان/ صاحبان ولد/ زوجه علي گل سنڌس پويان هيٺيان وارث (1) علي نواز (پٽ) (2) نبي گل (پٽ) (3) علي محمد (4) سنڌراڻي (ڌي) (5) نورالنساء (ڌي) (6) خيرالنساء (ڌي) (7) ثمينه (بيواهه)ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواست گذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي هنگوراڻي تعلقوجهنڊو مري

عام اطلاع

عرضدار نالي ڊاڪٽر آغا تاج محمد ولد آغا شهاب الدين اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد آغا شهاب الدين جيڪو تاريخ 26-07-2011 تي وفات ڪري ويو هو جنهن جو فوتي کاتو سندس وارثن جي نالي بدل ڪري ڏنو وڃي وارثن ۾ (1) ڊاڪٽر آغا تاج محمد (پٽ) (2) فوزيه آغا (ڌي)(3) آغا شاهد حسين (پٽ) (4) آغا عابد حسين (پٽ) پراپرٽي ۾ پلاٽ نمبر 286 ايراضي 400 اسڪوائر يارڊ واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لطيف آباد حيدرآباد اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ذڪر ڪيل فوتي کاتي بدل تي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لطيف آباد جي آفيس واقع شهباز بلڊنگ حيدرآباد وٽ لکت ۾ جمع ڪرائي معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

ڊاڪٽر آغا تاج محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130485673907 رهندڙ گهر نمبر C-9 جي او آر ڪالوني حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالغفار آرائين ولد عبدالستار آرائين درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي عبدالستار آرائين ولد عبدالرحمان آرائين جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 40جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالغفار آرائين ولد عبدالستار آرائين درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي عبدالستار آرائين ولد عبدالرحمان آرائين جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 408_406 ۽ بين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ صديق ڪنبار ڪينٽ روڊ بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي عبدالستار آرائين ولد عبدالرحمان آرائين جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالغفار آرائين پٽ فوتي جو 2 سرفراز پٽ فوتي جو 3 فرزانه زال رياض احمد ڌي فوتي جي 4 ڪوثر پروين زال محمد زاهد ڌي فوتي جي5 رضوانا ته اختر ڌي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇيڇڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ ن ايندو 8_406 ۽ بين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ صديق ڪنبار ڪينٽ روڊ بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي عبدالستار آرائين ولد عبدالرحمان آرائين جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالغفار آرائين پٽ فوتي جو 2 سرفراز پٽ فوتي جو 3 فرزانه زال رياض احمد ڌي فوتي جي 4 ڪوثر پروين زال محمد زاهد ڌي فوتي جي5 رضوانا ته اختر ڌي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇيڇڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ ن ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جواظهار

جيئن ته آءٌ نالي مسمات مدان زال مرحوم علي خان جوڻيجو ويٺل ڳوٺ بادل خان جوڻيجو سيدارجا بالا تعلقو سوڀوديرو ضلع خيرپور جيئن ته مون کي چار پٽ ۽ چار ڌيئرن جو اولاد آهي سڀني ڌيئرن جي شادي ٿيل آهي مان ٻن پٽن علي مراد ۽ مريد حسين جوڻيجو سان گڏ رهندي آهيان جيڪي فرمابردار آهن ۾ منهجا ٻه پٽ دلمراد ۽ ميانداد جيڪي ٻئي پٽ نافرمان ٿي ويا آهن ۽ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويا آهن جيڪي منهجي چوڻ ۾ ناهن مان هن کان انهنجي ملڪيت مان لاتعلق ڪيان ٿي اگر هي ڪو به ڪيس وغيره ڪن ته ان کي ڪوڙو سمجهو وڃي اگر هي قرض يا ڏيتي ڪندا ته ان جا ذميوار هي خود رهندا هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

مسمات مدان زال مرحوم علي خان جوڻيجو ويٺل ڳوٺ بادل خان جوڻيجو سيدارجا بالا تعلقو سوڀوديرو ضلع خيرپور شناختي ڪارڊ نمبر3-45208-8565953

بقايا 1 10زخمي

حادثي کان پوءِ ڏکڻي پوليس، مقامي نوجوانن ۽ امدادي ٽيمن فوري ڪارروائي ڪندي زخمين کي سول اسپتال ڏکڻي منتقل ڪيوحادثي ۾ فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ مختيار علي ولد سردار علي طور ٿي آهي جڏهن ته زخمين مان 6 ڄڻن جي حالت نازڪ ڄاڻائي وڃي ٿي جنهن سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو.واقعي جي اطلاع ملندي ئي سول اسپتال ڏکڻي جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر الياس جت اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي، جنهن بعد ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻئي عملي زخمين کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي حادثي جي خبر پکڙجڻ سان شهرين جو وڏو انگ پڻ سول اسپتال پهچي ويو.

بقايا 2 چٺا گرفتار

سرفراز ڪنڊ سان زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار منظور ڪنڊ کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي ، ايس ايس پي امير سعود مگسي موجب گرفتار سڀني جوابدارن کان پڇا ڳاڇا جاري آهي

بقايا 3 احتجاجي مظاهرو

ڪيو جڏهن ته ٻارن جي رڙين تي علائقي واسي گڏ ٿي ويا ۽ علائقي واسين کي ڏسي فرار ٿي ويا هتن جو وڌيڪ آهو ۾ چوڻ هو ته اسان جي مٿان ڪنهن به قسم جو ڪو به ڪيس داخل نه آهي ۽ سپاهي عباس ملڪ ڪنهن جي چوڻ تي ناجائز حملو ڪيو آهي هتن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس ڪشمور ايٽ ڪنڊ ڪوٽ ۽ ايس ايس پي خيرپور ميرس کي اپيل ڪندي گهر ڪئي ته معملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 4 وارثن وٽ پهتو

پيپلز پارٽي تعلقي ڪيرو جي انفارميشن سيڪريٽري وارث درس، راجا شر حاجي هاشم مري ۽ ٻيا پارٽي اڳواڻ پڻ ساڻس گڏ موجود هئا.

بقايا 5 تنصيب مڪمل

سيد ارشاد حسين ڪاظمي نئين انسينيريٽر جي عمارت جو دورو ڪيو ۽ ان جو باضابطہ افتتاح پڻ ڪيو ان موقعي تي اسپتال انتظاميه جا آفيسر پڻ ساڻس گڏ موجود هئا. ترجمان جو چوڻ آهي ته هي جديد انسينيريٽر نه رڳو اسپتال جي هيلٿ ڪيئر ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم کي وڌيڪ مؤثر بڻائيندو ۽ هيپاٽائيٽس، ٽي بي ۽ ايچ آءِ وي جهڙين بيمارين جي ڦهلاءَ جي خطرن کي گهٽ ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو ان کان علاوه هي سهولت نه رڳو ضلعي ڄامشورو جي سرڪاري ۽ نجي اسپتالن مان نڪرندڙ خطرناڪ طبي فضلي کي محفوظ، ماحول دوست ۽ سائنسي طريقي سان تلف ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي پر اسپتالن جي خطرناڪ طبي فضلي کي محفوظ نموني ٺڪاڻي لڳائڻ کي پڻ يقيني بڻائيندي

بقايا 6 احتجاجي مظاهرو

مظاهرو ڪري شاميانا لڳائي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ايس ايڇ او ٿلجي خلاف سخت نعريبازي ڪري هٽائڻ جو مطالبو ڪيو ويو جڏهن ته ڌرڻي سبب دادو کان سيتا روڊ طرف مسافر گاڏيون بيهجي ويون ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن عبدالمطلب پنهور مصدق پنهور نادرامام دين سعيد ۽ ٻين چيو ته هڪ هفتي اندر ٿلجي پوليس ۽ مخدوم بلاول ٿاڻي جي حد مان چار موٽر سائيڪلون ڦر ڪيو ويو آهن مصدق پنهور کان ڦر ڪيل موٽر سائيڪل جا جوابدار سڃاتا آهن اسان ٿلجي پوليس ٿاڻي تي بار بار ايس ايڇ او غلام مصطفيٰ پٽي جي اڳيان دانهيو پر هو اسان کي اهو چئي ٽاري رهيو آهي ته ايس ايس پي دادو عمري تي ويل آهي دادو ضلعي جي چارج ايس ايس پي ڄامشورو وٽ آهي ان کان اجازت وٺڻي پوندي جڏهن ته ٿلجي شهر ۾ ٻيا ٻه ڌوهه ٿيا آهن انهن جي ايف آءِ آر ڦيون آهن ايس ايڇ او ڌوهارين سان ٻٽ بڻيل آهي هو ڌوهارين کي بچائڻ چاهي ٿو علائقي ۾ چوريون ڏاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن گذريل ڏينهن تبيدار الله بخش ملڪل کان ٻه ڏريم 2025 ماڊل موٽر سائيڪل ۽ پنجها هزار روق رکم ڦر ڪئي ڪئي جڏهن ته پريس ڪلب جي صحافي راڻا محفوظ جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل پوليس باذياب نه ڪرائي سگهي آهي ۽ نه وري هن وقت تائين ٿلجي پوليس ڪوبه ڌوهاري گرفتار نه ڪري سگهي آهي ۽ نه وري ڌوهارين خلاف ڪو آپريشن شروع ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته جيستائين ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل نٿو ڪيو وڃي تيستائين اسان جو روزاني جي بنياد تي احتجاج جاري رهندو

بقايا 7 ماڻهو گرفتار

وٺي گرفتار ڪيو ويو آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ دستاويزن جي جاچ جو عمل جاري آهي جڏهن ته وڌيڪ گرفتاريون پڻ متوقع آهن

بقايا 8 هڪ ٻڏي فوت

ڪلوهي وڃڻ سبب ٻڏي فوت ٿي وئي. ننگرپارڪر ۾ تيز برسات سبب ٽنيا ڊيم به پاڻي سان ڀرجي ويا آهن. جڏهن ته سڄي رات ضلع ٿرپارڪر مان بجلي پڻ غائب رهي. وڌيڪ برسات جا به امڪان آهن.

بقايا 9 بازياب نه ٿيو

بلوچ جي پيءُ جميل بلوچ، اڳوڻي يو سي چيئرمين محمد اسماعيل بلوچ، شهمير چنو ۽ ٻين ٻڌايو ته شڪيل بلوچ خميس ڏينهن صبح جو لڳ ڀڳ 11 وڳي ڪجهه دوستن سان رابطو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي هنڊا سٽي ڪار ۾ گهران نڪتو جنهن کان پوءِ سندس موبائل فون لڳ ڀڳ ساڍي ٻارهين وڳي کان بند ٿي ويو ۽ ساڻس هر قسم جو رابطو ختم ٿي ويو هنن چيو ته مسلسل رابطي جي ناڪام ڪوشش کان پوءِ شڪيل بلوچ جي گاڏي ۾ لڳل ٽريڪر ذريعي لوڪيشن معلوم ڪئي وئي، جنهن موجب گاڏي شهدادپور جي وابدا روڊ تان ملي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي گاڏي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي وارثن دعوي ڪئي ته گاڏي جون نمبر پليٽون ٽوڙي ان کي بغير نمبر پليٽن جي ڇڏيو ويو هو جنهن سبب سندن اغوا وارو شڪ وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي هنن چيو ته شڪيل بلوچ هڪ معزز ڪاروباري شخص ۽ ٽرانسپورٽرن جو چونڊيل اڳواڻ آهي جنهن جي ڪنهن سان به ذاتي دشمني نه آهي ٻئي پاسي ڄاڻايل واپاري جي بازياب نه ٿيڻ تي گڏز ٽرانسپورٽ يونين ٽنڊو آدم ٻارن يونين جي نائب صدر غلام مصطفيٰ ملڪ، سيڪريٽري شهمير چنو آصف آرائين راڻا ادريس، آفتاب جوڻيجو محمد ابراهيم بلوچ ۽ مغوي جي پٽ مهر الله بلوچ جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوآدم پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو هنن ٻڌايو ته سندس غائب ٿيڻ کي 36 ڪلاڪن جو وقت ٿي ويو آهي پرا جا تائين هو بازياب نه ٿي سگهيو آهي احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته شڪيل بلوچ کي بنا دير بازياب ڪرائي واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي

بقايا 10 خلاف ريلي

ڪيو ويو جلسي ۾ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جلاليور ڪينال بند ڪريو سنڌو درياهه تي ڏاڙو نامنظور،لاقانونيت جي راڄ نامنظور پيرو ڪولهي جا قاتل گرفتار ڪريو جا نعرا هنيا ويا جلسي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پنجاب جي حڪمران طبقي غير قانوني جلاليور ڪينال ٺاهي ان کي کولي ڇڏيو سنڌ ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري ڪربلا واري صورتحال آهي ته ٻئي پاسي ٻه ڏاڙيل واهه چشمه ۽ ٽونسه پنجند ڪينالن جي ذريعي سنڌ جي پاڻي تي ڏاڙو هنيو پيو وڃي پيپلزپارٽي جو وطن فروش ۽ اقتدار پرست وڏيرڪو ٽولو عوام کي گمراهه ڪرڻ لاءِ" مرسون مرسون ،سنڌ نه ڏيسون" جو ناٽڪ ڪري رهيو آهي پيپلزپارٽي جي وزير ۽ سنڌ جي پاڻي معاملن بابت ڪميٽي جي چيئرمين فرمايو آهي ته جلاليور ڪينال کولي وهائڻ جي مون کي ڪا خبر ڪونهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي جي وڏيرڪي ۽ عوام دشمن حڪومت جا وزير مشير صلاحڪار سنڌ جي مسئلن کان لاتعلق ٿيل آهن اڳواڻن چيو ته سنڌ کي پوليس اسٽيٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي،اغوا ڪيل معصوم ٻارن جي آزادي لاءِ پرامن ڌرڻو هڻندڙن تي رياستي تشدد ڪري گرفتار ڪرڻ فل فراءِ ۽ هاف فراءِ ڪرڻ،صدين کان آباد سنڌي ڳوٺن تي چڙهائي ڪري گهر ڊاهڻ جا سياهه ڪارناما

بقايا 11

xعبدالواحد سنڌي، ايڊووڪيٽ ڪشش خواجه ۽ ٻين چيو ته گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ هيرلو ٻاءِ پاس تي لڳل پرامن ڌرڻي تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران طاقت جو ناجائز استعمال ڪيو ڪري سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن تي تشدد ڪري ڪيترن ئي اڳواڻن کي گرفتار ڪري گم ڪيو ويو آهي هنن چيو ته پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي جا اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن صرف گم ٿيل ٻارن جي بازيابي ۽ انصاف لاءِ پرامن احتجاج ڪري رهيا هئا، پر سندن آواز کي دٻائڻ لاءِ گرفتارين، تشدد ۽ دهشتگردي جا قلم لاڳو ڪيا ويا، جيڪي انتهائي افسوسناڪ عمل آهن اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي جي ميمبرن جن ۾ سهڻي پارس سميت سڀني گرفتار اڳواڻ ۽ ڪارڪن کي آزاد ڪيو وڃي سياسي سماجي ڪارڪنن ۽ صحافين خلاف داخل ڪيل دهشتگردي جا سمورا ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ۽ احتجاج ڪندڙن تي تشدد ڪندڙ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 12 وفات ڪري ويو

۾ حب چوڪي ۾ ميجر هارٽ اٽيڪ سبب اسپتال پهچڻ کان هن فاني جهان مان سندس روح پرواز ڪري ويو جتي هو پنهنجي پوريهيت پٽ سان ملڻ لاءِ ويل هو اطلاع تي تبليغ جماعت جا ساٿي ڳوٺاڻا ڏک ۾ رڄي ويا لاش گهر پهچڻ تي اولاد پيءُ جي لاش کي چمبڙي پيا مرحوم جي جنازه نماز ۽ تدفين ۾ شادي لارج ڪوسڪي بدين ٺٽون ڪوٽ ڦر ڪلوئي ونگو پنگريو ٽندو ڪيڻ سانگهڙ حب چوڪي سميت پوري علائقي مان اداڻي هزار کان مٿي ماڻهن شرڪت ڪئي جنازه نماز عالم دين پنگريو تبليغ جماعت جو امير مولانا محمد صالح احمداڻي پڙهائي سندس جسد خاڪي کي قبائلي چڪ جي قبرستان ۾ آلين اکين مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو تعزيت لاءِ قبائلي چڪ لڳ نئين سوري ڳوٺ حاجي مولا بخش بروهي ۾ تڏو وڇايو ويو آهي جتي برادري جي اڳواڻن حاجي ساڻينداڻ بروهي منظور احمد بروهي حاجي محمد ڪريم بروهي سيٺ نذير احمد بروهي شفيع محمد بروهي عبدالخالق بروهي سيٺ لعل بخش بروهي سنڌس ڀاءُ خميسو بروهي ۽ فرزندن نورالله بروهي غلام رسول بروهي محمد عارف محمد سليم بروهي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جنازه نماز تدفين ۽ تعزيت ڪندڙن ۾ مفتي عبدالحميد قاري لياقت علي راجپوت پروفيسر رياض احمد زهري پائي ايم ايس لاڪو رئيس سعدالله خان لهڙي سردار عبدالشڪور خان لهڙي صحافي غلام رسول بروهي ڊاڪٽر محمد ايوب زهري ۽ ٻيا شامل آهن.

بقايا 13 ڊپٽي ڪمشنر

مائرن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هنن خيالن جو اظهار هن لطيف هال ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري ۾ صحت کاتي جي معاملن بابت جائزه اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ضلعي مٽياري ۾ پوليو مهم ايڪسپينڊڊ پروگرام آن اميونائيزيشن (EPI)، روٽين اميونائيزيشن، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، بنيادي صحت مرڪزن جي ڪارڪردگي، دوائن جي دستيابي، طبي عملي جي حاضري، بيمارين جي نگراني ۽ ٻين اهم صحت بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ڏاڪر هدايت ڪئي ته پوليو مهم دوران ڪو به ٻار حفاظتي ڦڙن کان محروم نه رهي، روٽين اميونائيزيشن جي ڪوريج ۾ وڌيڪ بهتري آندي وڃي، ڏورانهن علائقن تائين طبي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل سهڪار سان قومي صحت پروگرامن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن

بقايا 14 فوٽن جو گهارو

گهاري جي اطلاع فوري طور لاڳاپيل آبپاشي اختيارين کي ڏني وئي ۾ ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ باوجود آبپاشي عملو واقعي واري هنڌ نه پهتو جنهن سبب علائقي واسين کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو مجبور ٿي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت گڏجي گهارو بند ڪرڻ جو ڪيو ويو علائقي جي آبادگارن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته آبپاشي عملي جي مبينا غفلت جو نوٽيس وٺي ڦاضي واهه جي فوري مرمت ڪرائي وڃي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 15 والد زخمي

سندن موٽرسائيڪل کي زور سان ٽڪر هنيو ٽڪر لڳڻ سبب ٻئي پيءُ ۽ پٽ روڊ تي ڪري سخت زخمي ٿي پيا. واقعي کان پوءِ علائقي واسين ۽ ريسڪيو عملي زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو، جتي ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر معصوم نينگر مهراڻ مهيسر جي حالت انتهائي نازڪ ڄاڻائي جوڳي قرار ڏيندي کيس وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻو منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۾ نينگر لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد فوتي نينگر جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن ۽ علائقي واسين پاران ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو ويو.ٻئي طرف حادثي کان پوءِ ٽريڪٽر ٽرالي جو ڊرائيور گاڏي سميت فرار ٿي ويو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ زخمي ٿيل نظير مهيسر ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هو پنهنجي پٽ سان گڏ ميهڙ اچي رهيو هو ته سامهون کان ايندڙ تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي سندن موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن سبب هو ٻئي زخمي ٿي پيا. هن چيو ته حادثي ۾ سندس معصوم پٽ حياتي وڃائي ويٺو جڏهن ته پاڻ به زخمي ٿيو آهي هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فرار ٿيل ڊرائيور کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 16 ڪرم الله وقاصي

راشد منهاس روڊ تي واقع الدين پارڪ جي زمين کي جديد اربن فاريسٽ ۾ تبديل ڪرڻ واري منصوبي تي عملي ڪم شروع ٿي چڪو آهي منصوبي تحت وڏي پيماني تي وڻ ۽ ٻوٽا پوکيا پيا وڃن جڏهن ته ڪي ايم سي جي لڳ ڀڳ 50 ايڪڙ زمين کي شجرڪاري، ماحولياتي تحفظ ۽ ماحول دوست سرگرمين لاءِ وقف ڪيو ويو آهي ڪرم الله وقاصي چيو ته اربن فاريسٽ منصوبو شهر ۾ وڌندڙ آلودگي، موسمياتي تبديلين ۽ گرمي پد ۾ واڌ جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته هي منصوبو نوجوانن ٻارن ۽ خاندانن لاءِ قدرتي ماحول سان ويجهڙائپ پيدا ڪرڻ، صحتمند طرز زندگي کي هٿي ڏيڻ ۽ معياري تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ جو ذريعو بڻجندو مستقبل ۾ هتي واڪنگ ٽريڪس، خوبصورت سائي ميدان، ماحولياتي آگاهي پروگرام ۽ ٻين ماحول دوست سرگرمين لاءِ جديد سهولتون پڻ فراهم ڪيون وينديون جنهن سان هي هنڌ ڪراچي جي اهم گرين اسپيسز مان هڪ بڻجي ويندي، هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن موجب شهرين جي وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي جديد ڪميونٽي سينٽر پڻ تعمير ڪيا پيا وڃن انهن مرڪزن جو مقصد شهرين کي سماجي، ثقافتي، تعليمي ۽ فلاحي سرگرمين لاءِ باوقار ۽ معياري سهولتون مهيا ڪرڻ آهي هن ٻڌايو ته گزري ۾ جديد ڪميونٽي سينٽر مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهن جو جلد افتتاح ڪيو ويندو، جڏهن ته موروڙ مير بحر ۾ تعمير ٿيندڙ ڪميونٽي سينٽر پڻ آخري مرحلن ۾ آهي ۽ تمام جلد عوام لاءِ کوليو ويندو انهن مرڪزن ۾ مختلف سماجي تقريبون، تعليمي پروگرام، عورتن، نوجوانن ۽ بزرگ شهرين لاءِ فلاحي سرگرمين جي انعقاد جون سهولتون موجود هونديون، جن مان مقامي آبادي کي سڌو سنئون فائدو حاصل ٿيندو، ڪرم الله وقاصي چيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن شهر جي ترقي، ماحولياتي بهتري ۽ عوامي ڀلائي لاءِ جامع حڪمت عملي تحت ڪم ڪري رهي آهي، شجرڪاري، سرسبز عوامي جڳهن جي قيام ۽ جديد ڪميونٽي انفراسٽرڪچر جي تعمير جهڙا منصوبا صاف، سرسبز، صحتمند ۽ رهڻ لائق ڪراچي جي تعمير ڏانهن اهم قدم آهن هن شهرين کي پڻ اپيل ڪئي ته هو شجرڪاري مهم ۽ ماحولياتي تحفظ جي ڪوشش ۾ ڀرپور حصو وٺن ته جيئن ايندڙ نسلن لاءِ پائيدار ۽ خوشحال ڪراچي جو بنياد مضبوط بڻائي سگهجي

بقايا 17 جواب طلب

خيرپور جي وڪيلن فياض خميساڻي ايڊووڪيٽ ۽ غضنفر علي جتوئي ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سکر ضلعي جي علائقي سنگرار مان معصوم نينگري پريا ڪماري کي اغوا ڪري گم ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻين علائقن مان به ڪيترائي ٻار لاپتا آهن انهن جي بازيابي لاءِ سهڻي پارس ۽ ٻيا سماجي ڪارڪن هيرلو بائي پاس تي احتجاج ڪري رهيا هئا، جتي پوليس کين گرفتار ڪيو آهي درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي .

بقايا 18 امام فوت

۽سڪندر ولد احسن رند فوت ٿي ويو ڳوٺاڻن موجب، پيش امام سڪندر رند اذان ڏيڻ شروع ڪئي ۾ ارجنو مائيڪ ۾ بجلي جو ڪرنٽ اچڻ سبب ڪيس زوردار بجلي جو جهٽڪو لڳو جنهن سبب بيهوش ٿي ويو ڳوٺاڻا ڪيس فوري طور تي تعلقہ اسپتال ڪوٽ غلام محمد ڪاٺائي پهتا، جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي فوتي پيش امام سڪندر رند جهلوري پرسان ڳوٺ عبدالله رند جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو واقعي کانپوءِ فوتي جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته ڳوٺ طالب جت ۽ پرپاسي واري علائقي ۾ سوڳوار ماحول ڇانيل آهي

بقايا 19 وارثن حوالي

کي سيني ۾ شديد سور جي شڪايت ٿيڻ تي هنگامي بنيادن تي اسپتال منتقل ڪيو ويو پر هو بچي نه سگهيو قيدي بابت ٻڌايو ويو ته هو ٽنڊو آدم جو رهواسي هو ۽ درياخان مري پوليس ڪيس 6 ڊسمبر 2025 ع تي چرس رکڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪري ايف آءِ آر نمبر 119/2025 داخل ڪئي هئي جڏهن ته سندس خلاف دوڙ ٿاڻي تي به ايف آءِ آر نمبر 135/2025 داخل ٿيل هئي هو ٻنهي ڪيسن ۾ انڊر ٽرائل قيدي طور ڊسٽرڪٽ جيل نوشهرو فيروز ۾ قيد هو جيل انتظاميا موجب قانوني گهرجن تحت پوسٽ مارٽم لاءِ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج شهيد بينظير آباد کي خط لکيو ويو جنهن بعد جج جي نگراني ۾ پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه ۾ پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 20 خلاف احتجاج

جلالاڻي انو ڊيشي ۽ ٻين ڪارڪنن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ٻيرلوءِ ۾ پريا ڪماري جي آزادي لاءِ پرامن احتجاج ڪرڻ تي جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري پنهل ساريو ۽ ٻين قومي ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ سياسي انتقام جو ڪليل مثال آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي هنن مطالبو ڪيو ته پنهل ساريو ۽ ٻين قومي ڪارڪنن خلاف داخل ڪيل ڪوڙي ايف آءِ آر فوري طور تي ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ ۾ وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 21 پيادل

ٻارن ريليون ۽ هيٺ ٻل وڙهايا ويا. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن فرحان لاڙڪ، نظير بليدي، فضا ملاح ۽ مسڪان سجاڳ سهرياڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پاڻي جي ڪوٽ، بدامني، ڪرپشن ۽ لاقانونيت جو شڪار آهي هنن جلاليور ڪينال سنڌو درياهه جي پاڻي ۽ سنڌ جي وسيلن بابت خدشن جو اظهار ڪندي حڪومت کان مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ بيروزگاري، بدامني ۽ ڪرپشن سبب عوام پريشان آهي حڪومت کي انصاف ميرٽ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن هن چيو ته سنڌ جي حقن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 22 خلاف احتجاج

مظاهرو ڪيو وياحتجاجي مظاهري جي اڳواڻي يونين جو سرپرست اعليٰ قادر بخش پيرزادو لطيف ڏنو اڄڻ مدا حسين بلوچ جع گلال مشتاق شيخ نديم قريشي ذوالفقار شيخ انور شيخ عبدالخالق خاصخيلي ۽ آصف حسين سوريجو ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪئي

بقايا 23 جو احتجاج

ڪيو ويو آهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پريا ڪماري اجالا سولنگي سميت گم ٿيل ٻارن کي بازياب ڪرايو وڃي ٻيرلوءِ لڳل ڪئمپ جي اڳيرن مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن جيڪڏهن ڪوڙا ڪيس ۽ گرفتار ٿيلن کي آزاد نه ڪيو ويو ته قومي شاهراهه مڪمل بند ڪيو ويندو جنهن جو ذميوار سنڌ حڪومت هوندي

بقايا 24 عوام پريشان

ڪندي چيو آهي ته روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ پورهيت، جيڪو اڳ ئي محدود آمدني تي پنهنجو گهر هلائيندو هو هاڻي وڌندڙ مهانگائي سبب سخت معاشي بحران جو شڪار ٿي ويو آهي هنن چيو ته ڪپڙا، علاج، تعليم ۽ ٻين ضروري خرچن سان گڏ کوراڪ ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ سبب گهر جو گذر سفر ڪرڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي. شهرين حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ تي ضابطو آندو وڃي، مارڪيٽن ۾ ناجائز منافعي خوري ۽ من پسند اگهن جي وصولي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن عام ماڻهو کي وڌندڙ مهانگائي جي عذاب مان رليف ملي سگهي.

بقايا 25 نينگري فوت

جتي ڊاڪٽر فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي جنهن بعد لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 26 جي مهورت

ويو جنهن جي صدارت ڪندي ڪوڙهي ڦاٽڪ جي اسير ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي جي چيئرمين گل محمد جکراڻي چيو ته شهيد يوسف جکراڻي شاگرد سياست جو هيرو هيو ۽ هن سائين جي ايم سيد سان ناتو ڪڏهن به نه ٽوڙيو ، نيڪ محمد جکراڻي شهيد تي ڪتاب ترتيب ڏئي هڪ نئين تاريخ لکي آهي ڪيس جس ڏيون ٿا ، چار مارچ جي هيري خاص مهمان يوسف لغاري چيو ته ٻيرلو واري ڌرتي تي اسين خاموش آهيون ، هن وقت سنڌي شاهه ملهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو وڃي جيڪو يوسف جکراڻي سنڌ يونيورسٽي ۾ ملهائي جو اعلان ڪيو هيو ،جساف جي اڳوڻي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مدد علي سنڌي چيو ته يوسف جکراڻي سان گڏجي سياست ڪئي سين هو هڪ بهادر اڳواڻ هيو ، سنڌ هن کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي ، نامور ليکڪ تاج جويو چيو ته يوسف جکراڻيءَ پاڻ تي تشدد برداشت ڪيو ، هڪ بهادر اڳواڻ هيو سيد جو محافظ رهيو ، مير حيدر ڏاليرچيو ته شهيد يوسف جکراڻي بهادري جو مثال هيو ، ايس يو پي جي سينئر وائيس چيئرمين روشن برڙي چيو ته يوسف جکراڻي شاگرد سياست ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون جيڪي رائيگان نه وينديون ، جساف جي اڳوڻي مرڪزي قمر راڄپر چيو ته يوسف جکراڻي نه رڳو جساف جو ليڪن نواب يوسف ڏاليرجي جماعت جيئي سنڌ نوجوان محاذ جو شاگرد اڳواڻ رهيو ، پروگرام ۾ منصور قادر جوڻيجي، فهيم نوناري ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن ته پروگرام جي ڪارروائي غفار مهر هلائي ، شروعات ۾ طالب ينهري شاهه جي وائي ڳائي، پروگرام ۾ شاعرن اديبن ، صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ بزم روح رهاڻ جي سيڪريٽري جنرل ، غلام مصطفيٰ عباسي ، خالد ڪوڪر هارون عباسي ، انور ٻڙدي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 27 وفات ڪري وئي

وڏيرو مشتاق حسين پلهه جي سوٽ هن فاني جهان ۾ لاڏاڻو ڪري وئي اهڙي اطلاع سروري جماعت سان تعلق رکندڙن علائقي جي سياسي سماجي ماڻهو پلهه هائوس ڳوٺ حاجي محمد پلهه ۾ پهچي ويا جڏهن ته جنازي ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سميت يوسي سلطان آباد يوسي پاڪ سنگهار يوسي دريا خان مري ۽ يوسي مسڻ جي معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحومه تدفين يوسي پاڪ سنگهار جي درگاهه پاڪ سنگهار جي قبرستان ۾ ڪئي وئي جڏهن ته يوسي سلطان آباد جي ڳوٺ حاجي محمد پلهه ۾ سروري تنظيم جي اڳواڻ ايڊوڪيٽ حبيب الله پلهه وڏيري مشتاق حلن پلهه ۽ يوسي سلطان آباد جي چيئرمين ظهير احمد پلهه سان تعزيت جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي

بقايا 28 ڪلاڪن بعد هٿ

ٻڏي فوت ٿي ويل ڳوٺ ڏنو ماڪو واسي 19 ورهين جي نوجوان فرحان پٽ شناءَ الله ڪلهوڙو جو لاش چوويهن ڪلاڪن جي مسلسل ڳولا کان پوءِ وارثن ۽ مقامي ماڻهن هٿ ڪري ورتو جنهن بعد لاش کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال ڇانئجي وئي ياد رهي ته نوجوان نينگر هڪ ڏينهن اڳ وهنجڻ دوران مسو واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو هيو اطلاع باوجود آبپاشي کاتي جو ڪرپٽ ايس ڊي او عبدالمجيد نائچ ٽوڙي جو آبپاشي انجنيئر معظم لوهر واقعي واري هنڌ نه پهتو هو جنهن تي علائقي واسين پاران ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ايس ڊي او عبدالمجيد نائچ خلاف نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا 29 احتجاجي مظاهرو

ماڇي، جيلو ڪولهي ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته اسان جو ڳوٺ حاجي ماڇي ڪيترين عرصي کان سرڪاري پڊي تي قائم آهي هن وقت مقامي زميندار ۽ ان جو ڪمدار پوليس جي مدد سان اسان گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن اسان غريبن مسڪين آهيون پورهيو ڪري گذر سفر ڪريون ٿا ڪيترين ئي علائقي جي چڱن مڙسن کي دانهون ڏنيون سين پر اسانجي ڪنهن به ٻڌي سان نه وري اسان کي انصاف ڪيو هنن چيو ته بلاجواز اسان جي گهرن مٿان ٽريڪٽر هلائي گهرن کي ڊاهي باهيون ڏيئي گهرن ۾ پيل لکين روپين جو سامان ساڙيو ويو آهي هنن چيو ته مقامي زميندار جي ڪمدار محمد ماڇي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي سرڪار اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيل ختم ڪيا وڃن

بقايا 30 فوت، ڀاءُ زخمي

جڏهن ته مختلف علائقن ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن ۾ هڪ ٻار فوت ۽ سنڌس ڀاءُ زخمي ٿي پيا ڳوٺ چوڙدي ولي سرور آڱڻ ۾ ٻن ڀائرن تي ڪنوڻ ڪرڻ سبب 8 سالہ ونود دليپ فوت ٿي ويو ۽ سنڌس ڀاءُ چمن دليپ زخمي ٿي پيو جن کي تعلقہ اسپتال آڱڻ بعد فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ زخمي کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

بقايا 31 فصل پاڻي هيٺ

ڪمزور ٿي ويا آهن جنهن ڪري گهارا پوڻ روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي ان موقعي تي هن آبپاشي کاتي جي اعلا اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي .

بقايا 32 زخمي احتجاج

گل بهار چانڊيو شهمير چانڊيو پٽ صوبو خان چانڊيو ۽ ٽن نامعلوم هٿيارڊند ساڻس گڏ اچي مٿس هٿيارن جي زور تي حملو ڪيو هنن الزام لڳايو ته جوابدارن 3 ٻڪريون ڦري ورتيون ۽ مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس جنگهه جي ٻني ۾ گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن بعد جوابدار فرار ٿي ويا هنن جو چوڻ هو ته هنن ماڏو ٿاڻي تي ايس سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس طرفان اڃا تائين ڪا به ڪارروائي عمل ۾ ناهي آندي وئي هنن ايس ايس پي دادو ڊي آءِ جي حيدرآباد، آءِ جي سنڌ سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل ٻڪريون واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 33

وٺي جنهن تي عملدارن سموري حقيقت کان آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته گرڊ اسٽيشن ۾ مرمتي ڪم لاءِ گهرايو ويو هو جتي ايل ايس جٽرام جي اجازت ۽ حڪم جي روشنيءَ ۾ 11 هزار پول تي ڪم لاءِ چڙهڻ دوران غلام شبير ملاح ڪرنٽ لڳڻ سبب ڪري زخمي ٿيو ۽ فوت ٿيو آهي . جنهن بعد وارثن پاران حيسڪو جي ايس ڊي او . ايل ايس . ايل ايم ۽ گرڊ ايس ايس او معان غفلت ۽ لاپرواهي جي الزام تحت معن فوتي غلام شبير جي ڀاءُ سراج احمد ملاح جي فرياد موجب ايس ڊي او اسد ابڙو . لائن سپرنٽنڊنٽ جٽرام ڀيل . لائين مين عامر ميمڻ ۽ گرڊ ايس ايس او فرحان قريشيءَ معان فوتي ملازم غلام شبير جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي ورتي آهي . ٻئي طرف واقعي سبب حيسڪو عملدارن ۾ ڏڪ واري لهر ڇانيل آهي جڏهن ته حيسڪو چيف واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ڊي او سب ڊويزن حيسڪو هالا کي سسپينڊ ڪري ليٽر جاري ڪري ڇڏيو آهي .

بقايا 34 ڪري ويو

محمد خان کوسو 80 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ پ پ تعلقي صدر چاڪر ظهير علي ڀ پ اڳواڻ چاڪر شهباز علي خان ف ليگ اڳواڻ چاڪر نفيس علي چاڪر طارق علي خان اڳوڻو تعلقي ناظم غلام رسول وساڻ لونگ خان شر چاڪر خان ملوڪاڻي ايس ايڇ او احمد خان خاصخيلي حضور بخش شر عطا محمد کوسو چاڪر بهادر علي خان مير ساگرچاڪر بلوچ شاڪر راجپوت سليم لسڪاڻي اسماعيل ڳاهو خميسو خان مري سڄڻ شيخ ڊاڪٽر راجڪمار علي گوهر لسڪاڻي انور ڪلوئي اسلم خاصخيلي مري اتحاد جي مزار خان مري ڀ پ اڳواڻ قلندر بخش ڏيرو اڳوڻو مختيار ڪار ياسين پنهور نصيب الله ڊومڪي چيئرمين روف ناريجو مولا بخش بروهي حاجي حاڪم بروهي مختيار علي وساڻ محراب جوڻيجو حامد لسڪاڻي ننگر خان مهر غلام محمد مري علي ڏنو خاصخيلي ناظم غفار راجپوت ارباب شاهه نظر محمد ڳاهو غلام شبير کوسو سميت وڏي انگ ۾ چونڊيل سياسي سماجي اڳواڻن جنازي نماز شرڪت ڪئي سوين الين اکين ۾ مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هٽي سندس پٽ مير خان کوسي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 35

علي ميمڻ سائين صديق ميمڻ اصغر ميمڻ ڪئي ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ اديب،شاعر،ڪارڪن ۽ شهري شرڪت ڪئي ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي جلاليور ڪئنال نامنظور جا نعرا هنيا ويا احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت عوام سان وڏو ڌوکو ڪيو آهي جلاليور ڪئنال ٺاهي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جون سازشون ڪيون ويون آهن اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي زندگي آهي ان جي پاڻي تي ڪا به سوديبازي برداشت نه ڪئي ويندي هنن چيو ته سنڌ جا وسيلا لٽڻ لاءِ سازشون ٿي رهيون آهن پر سنڌ جا اديب ۽ عوام اهڙين سازشن کي ڪامياب نه ٿيڻ ڏيندا حڪومت فوري طور جلاليور ڪئنال جو منصوبو رد ڪري ۽ سنڌ جي پاڻي جا حق محفوظ ڪري، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ريلي جي اڳواڻن قرارداد ذريعي مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ دشمن منصوبا فوري رد ڪيا وڃن

بقايا 36 شهرين جو احتجاج

سماجي اڳواڻن محمد حسين لاشاري ،مير ممتاز ملاح ،معشوق علي کوسو،ضمير حسين ٻرڙو، فقير سڪندر خاصخيلي،انيس ملاح،ضمير کوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري احتجاج ڪيو ويو،اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسان جو علائقو نوگو ايريا بڻجي ويو آهي،ڏينهن ڏٺي جو قلم ڏٺي سياسي سماجي اڳواڻ به محفوظ ناهن ،امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي، اسين ايس ايس پي مير روحل خان کوسو کان مطالبو ڪريون ٿا ته اسان جي سٽ جي ساٿي ضمير حسين ٻرڙو جي ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي قلم ڏٺين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 37 رهواسي پريشان

همراهه جاڳي پيس جنهن تي جوابدارن مٿس فائرنگ ڪندي ميٺهون ڪاهي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.ان کان علاوه ساڳئي علي آباد ٿاڻي جي حد جي ديهه سڪ پور ۾ ڏينهن ڏٺي جو هڪ ٽورٽر چوري ڪيو ويو جڏهن ته ساڳئي رات ان ئي ديهه مان 6 ٻلي نسل جون ٻڪريون پڻ چوري ٿيڻ جو واقعو پيش آيوهوڏانهن گذريل رات دير سان ديهه سعيد ڪندو ۾ پير بخش راهوءِ جي مشين تان نامعلوم چور 2 سولر پينل چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته اڄ وري ساڳئي ديهه ۾ ڏينهن ڏٺي جو امير علي راهوءِ جي مشين تان انورٽر چوري ٿيڻ جو واقعو پيش آيو ٻئي طرف دولتپور صفن جوڪيا لنڪ روڊ پرسان غلام علي انڙ جي سرڻ واري ٻلي تان به رات پاڻيءَ جو موٽر چوري ٿي ويو آهي جنهن کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني وڌيڪ وڌي وئي آهي علائقي جي رهواسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته وڌندڙ ڏوهاري وارداتن جو سختي سان نوٽيس وٺي چوري ۽ ڦرن ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي جيئن ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سر مؤثر قدم نه کنيا ويا ته ڏوهارين جا حوصلا وڌيڪ بلند ٿيندا ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو

بقايا 38 جو انڪشاف

بريفنگ ڏيندي چيو ته ٽنڊوالهيار ۾ 4 سال اڳ امداد برڙي نالي شخص ٽنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي تي سندس زال خديجه لنڊ جي مبينا اغوا جو ڪيس اسحاق لنڊ نالي شخص تي داخل ڪرايو هو اغوا جو ڪيس داخل ٿيڻ بعد مقتول اسحاق لنڊ اغوا ڪيس داخل ٿيڻ کانپوءِ مسلسل غائب هو جنهن بعد مقتول اسحاق لنڊ جي پيءُ اسماعيل لنڊ پوليس کي سندس پيءُ ڪيترن ئي سالن کان گم هئڻ جي درخواست ڏني، درخواست ۾ ڄاڻايو ويو ته منهنجو پيءُ اغوا جي ڪيس ۾ نامزد آهي پر گم آهي ان جي ڳولا ڪري ظاهر ڪيو وڃي جنهن بعد ايس ايس پي سليم شاهه پاران جاچ ٽيم جوڙي هئي جنهن ٽيڪنيڪل طريقي سان مبينا اغوا ٿيل خديجه لنڊ کي ڪراچي مان گرفت ۾ ورتو جنهن پڇا ڳاڇا دوران اسحاق لنڊ بابت انڪشاف ڪيو ته اهو قتل ٿي ويو آهي گرفت ۾ ورتل عورت جاچ ٽيم کي ٻڌايو ته اسحاق لنڊ سان منهنجا خراب تعلق هئا منهنجون ڪجهه وڊيو وائرل ٿيون ۽ مڙس کي خبر پئي جنهن تان منهنجي مڙس امداد برڙي ساٿين سان ملي اسحاق لنڊ کي گهرايو قتل ڪري ڇڏيو ۽ سنڌس لاش کي ٽڪرا ڪري اڌ نصير واهه ۽ اڌ ميرپورخاص واهه ۾ لوڙهي ڇڏيو ڊي ايس پي موجب جاچ ٽيم کي گرفت ۾ ورتل عورت خديجه لنڊ ٻڌايو ته امداد برڙو اسان تائين پهچي اسحاق لنڊ جي پڇا ڪئي موجود نه هئڻ تي موٽڪي جان سان مارڻ جي ڌمڪي ڏني جنهن بعد گرفت ۾ ورتل عورت موجب مون اسحاق لنڊ کي فون ڪري گهرايو هن جي اچڻ بعد امداد برڙو ساٿين سان هن کي قتل ڪري ڇڏيو ڪيو پوليس جاچ ۾ گم ٿيل نوجوان قتل ٿيڻ بعد مقتول جي پيءُ اسماعيل لنڊ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ هڪ عورت خديجه لنڊ سميت 2 ڄڻا گرفتار آهن جڏهن ته امداد برڙو ملڪ کان ٻاهر سعودي هجڻ سبب فرار آهي جنهن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون واقعو پراڻو آهي واقعي جي هر رخ کان جاچ ڪريون پيا

بقايا 39 جي جو احتجاج

جرنلسٽس پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ هيرلو ٻاءِ پاس تي پرامن ڌرڻو هڻندڙ سينئر صحافي سهڻي پارس، ملل کهڙو سماجي اڳواڻ شهناز شيخ سميت 150 ماڻهن خلاف خيرپور پوليس پاران دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي گرفتار ڪيل ماڻهن کي فوري طور تي ظاهر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سينئر نائب صدر خالد کوکر ايف اي سي جي ميمبر لالا رحمان سمون اقبال ملاح، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر محمد وسيم خان جنرل سيڪريٽري چاڪر فريد لاکو ۽ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبرن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته پريا ڪماري سميت ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ هيرلو ٻاءِ پاس تي ڌرڻو هڻڻ تي سينئر صحافي سهڻي پارس، ملل کهڙو، سماجي اڳواڻ شهناز شيخ ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ٿيڻ سان سنڌ حڪومت جو اصل چهرو ظاهر ٿي ويو آهي هنن چيو ته پرامن احتجاج هر شهري جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي، جڏهن ته گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ آواز اٿارڻ انساني ۽ اخلاقي ذميواري آهي اهڙي پرامن احتجاج کي دهشتگردي سان ڳنڍڻ نه رڳو قانون جو غلط استعمال آهي پر اظهار جي آزادي، صحافت جي آزادي ۽ بنيادي انساني حقن تي پڻ حملو آهي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻن چيو ته صحافين سماجي ڪارڪنن ۽ انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ ماڻهن خلاف دهشتگردي جهڙن سنگين قانونن جو استعمال انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي جنهن سان شهري آزادين تي ناڪاري اثر پوندا حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته داخل ڪيل ڪيس فوري طور واپس ورتو وڃي، گرفتار صحافين ۽ سماجي ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪيو وڃي ۽ پريا ڪماري سميت سمورن گم ٿيل ٻارن جي جلد بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته صحافي برادري آزادي صحافت، انساني حقن ۽ انصاف لاءِ سخت احتجاج جو اعلان ڪندي ۽ اهڙن سمورن قدمن خلاف هر جمهوري ۽ آئيني فورم تي آواز بلند ڪندي.

بقايا 40 احتجاجي مظاهرو

عبدالستار انصاري جي اڳواڻيءَ ۾ مهانگائي ، بجلي جي لوڊشيڊنگ اوور بلنگ ۽ پٽرول قيمتن ۾ واڌ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ملڪ اندر روز روز پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن سبب مهانگائي عروج تي آهي بجليءَ جي لوڊشيڊنگ ۽ اوور بلنگ سبب عوام سخت پريشان ٿي رهي آهي هنن چيو ته پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري روزمره جي شين خاص ڪري کاڌي پيتي جي شين ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ڪئي وڃي ٿي جنهنڪري پورهيت طبقو پريشاني جي ور چڙهي وڃي ٿو هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور پيٽرول جي قيمتن ۾ ڪيل اضافي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻي مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري لوڊشيڊنگ شيڊنگ ختم ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي

بقايا 41 وڪيلن جي ريلي

طور پُرامن هو پر پوليس پُرامن احتجاج ڪندڙن تي تشدد ڪري پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي جو احتجاجي ڪئمپ ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڪميٽي جي ميمبرن خلاف ڪوڙا ايف آءِ آر داخل ڪيا، جيڪي فوري طور ختم ڪيا وڃن.هن چيو ته اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته پريا ڪماري سميت جيڪي به ٻار گم آهن انهن کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي ۽ ڪوڙا ايف آءِ آر داخل ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.ان موقعي تي وڪيل اڳواڻ فياض خميساڻي چيو ته صحافين ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس پڻ ختم ڪيا وڃن پريا ڪماري سميت سڀني گم ٿيل ٻارن کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ هيرلو ڌرڻي دوران تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي.جڏهن ته سماجي اڳواڻ ميڊم شهناز شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پُرامن احتجاج ڪندڙن مون سميت ڪيترن ئي ماڻهن خلاف ڪوڙا ايف آءِ آر داخل ڪيا ويا آهن جيڪو افسوس جوعمل آهي

بقايا 42 ڪراچي ورتو

نڪتو هو جنهن کان پوءِ واپس نه موٽيو نوجوان جي وارثن پاران پوليس کي اطلاع ڏيڻ کان پوءِ ڪيس داخل ڪري سندس ڳولا شروع ڪئي وئي پوليس جو چوڻ آهي ته جديد ٽيڪنالاجي سان مختلف هنڌن تي جاچ دوران نوجوان جي موجودگي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي وئي جنهن جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي کيس ڪراچي مان باحفاظت هٿ ڪيو ويو پوليس موجب نوجوان کي قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سندس وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وارثن نوجوان جي بازيابي تي خوشي جو اظهار ڪندي پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيو

بقايا 43 رنگن ۾ رڱجي ويو

تيارين جو سلسلو ڀٽ شاهه ۾ تيزي سان جاري آهي جتي هرطرف ميلي جون رونقون موٽي آيون آهن درگاهه ڀٽائي سميت شهر جي اهم رستن، چوڪن ۽ بازارن کي ڪنوار جيان سينگاريو پيو وڃي، جڏهن ته پري پري کان ايندڙ واپاري ۽ دڪاندار پنهنجا اسٽال قائم ڪرڻ ۾ مصروف آهن شاهه حبيب پيٽرول پمپ سامهون مشهور شو لائين ۽ شيش محل وٽ دڪانن ۽ اسٽالن جي اڏاوت شروع ٿي چڪي آهي جڏهن ته درگاهه چاڙهي، دنبوره چوڪ، شاهي بازار اسٽيشن روڊ، ميلا گرائونڊ، الله والا چوڪ ۽ شهر جي ٻين اهم هنڌن تي ملائي منيارين، راند يڪن هوٽلن ڪيبنن ۽ مختلف واپاري اسٽالن کي خوبصورتي سان سينگاريو پيو وڃي. عرس جي ويجهو اچڻ سان ڀٽ شاهه ۾ ڪاروباري سرگرميون به تيز ٿي ويون آهن جڏهن ته شهر جو ماحول مڪمل طور تي ميلي جي رنگن ۾ رنگجي ويو آهي هر طرف عقيدت، خوشي ۽ روايتي ثقافتي رونقن جو حسين منظر ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. هر سال جيان هن سال به ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ سميت پرڏيهه مان به لکين پانڌيئڙا، زائرين ۽ عقيدتمند حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي درگاهه تي حاضري ڀرڻ، فاتح خواني ڪرڻ، دعائون گهرڻ ۽ عرس جي روحاني، ثقافتي ۽ روايتي تقريبن ۾ شرڪت لاءِ ڀٽ شاهه پهچندا جتي هو لطيف سرڪار جي در تان پنهنجي دلين جون مرادون ڪٽي واپس روانا ٿيندا

Oil & Gas Development Company Limited

OGDCL the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited for the following:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-4189-328982742-2026	RENTAL GAS GENSETS (600-750 KW) FOR TOGH PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK PROVINCE	10.08.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LE-PT-MMD-CNC-329265895-2026	CALL OUT AGREEMENT WITH MAJOR CASH & CARRY CHAINS FOR FIELD PURCHASES	10.08.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-4195-329082844-2026	RENTAL 230RT CHILLER PACKAGE FOR TOGH GAS PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK PROVINCE	12.08.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CNESS-60-4198-329094148-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR CONSTRUCTION SUPERVISION OF MISCELLANEOUS BUILDINGS AT NASHPA PLANT, DISTRICT KARAK, KPK PROVINCE	13.08.2026 AT 1030 HRS
5.	OGDC-SCM-FB-CB-PNP-329129970-2026	PROCUREMENT OF HEPA FILTERS FOR SIEMENS SGT-100 GAS TURBINE	24.08.2026 AT 1100 HRS
6.	OGDC-SCM-LBF-CESS-PQ-329093300-2026	PRE-QUALIFICATION OF CONTRACTORS FOR CONSTRUCTION OF PRE-DRILLING ENGINEERING WORKS, WORK OVER JOBS AND CIVIL WORKS.	24.08.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.06.2026** and **08.07.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-FC-CB-DO-325849128-2026	PROCUREMENT OF LINER HANGERS	30.07.2026 AT 1100 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4138-327384308-2026	SERVICES FOR EXECUTION OF ANNUAL TURN AROUND (ATA-2026) OF UCH-I PLANT, BALOCHISTAN PROVINCE	10.08.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see “Instruction for Bidders Section” of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.40/03

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION WE EXPLORE PROSPERITY

ڏگهڙي بائي پاس لڳ مسافر ڪوسٽر ڪلٽي ٿي پئي، هڪ ڄڻو فوت، 10 زخمي

ٺٽون ڪوٽ کان ميرپورخاص ويندڙ مسافر ڪوسٽر حادثي جو شڪار ٿي اونڌي ٿي وئي

حادثي جي نتيجي ۾ هڪ مسافر مختيار علي فوت ٿي ويو، 10 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس ۽ امدادي ٽيمون پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪلائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي بائي پاس لڳ مسافر ڪوسٽر ڪلٽي ٿي پئي، هڪ ڄڻو فوت، 10 سخت زخمي، سول اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو. ڏگهڙي پرسان بائي پاس وٽ ٺٽون ڪوٽ کان ميرپورخاص ويندڙ مسافر ڪوسٽر حادثي جو شڪار ٿي اونڌي ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ مسافر فوت ٿي ويو جڏهن ته 10 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب حادثو ڏگهڙي بائي پاس وٽ پيش آيو جتي تيز رفتاري سبب مسافر ڪوسٽر بي قابو ٿي اونڌي ٿي وئي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ٻاجارا واسي رند برادري ٻالڪن جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

خيرپور پوليس جون ڪارروايون، ٽن منشيات فروشن سميت 4 ڄڻا گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي مختلف علائقن ۾ ڪامياب ڪارروائيون جاري رکندي3 منشيات سپلائير گرفتار ڪيا ويا آهن اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور اميرسعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌائي هن ٻڌايو ته هي ڪارروائيون اکري، وڏا ماڇون ۽ ٻوزدار وڏا جي علائقن ۾ ڪيون ويون. گرفتار جوابدارن ۾ مهتاب جاگيراڻي،عظمت ڏاهري ۽ بخت ٻوزدار شامل آهن جن جي قبضي مان ڪچو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: غربت کان تنگ اچي خودڪشي ڪندڙ جو لاش پيل آهي

گمبٽ ۾ ڳوٺاڻن جو ڪشمور پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

سپاهي عباد ملڪ اهلڪارن سان گڏ گهرن مٿان حملو ڪري ڏنو: مظاهرين

عورتن ۽ اسان تي تشدد ڪيو، ڪو به ڪيس داخل ناهي، آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي

گمبٽ (ٽ ر) گمبٽ لڳ فقيرآباد جي ڳوٺ استاد رحم علي ملڪ جي رهواسين ريٽائرڊ استاد رحم علي ملڪ عرفان علي ملڪ نصرالله ملڪ مهربان ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪشمور پوليس جو سپاهي عباس ملڪ ڇٽين ٻنا وردي پوليس اهلڪارن سان گڏ پوليس موبائيل تي اچي اسان جي گهرن مٿان حملو ڪري گهرن ۾ گهري عورتن سميت اسان مٿان تشدد

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

کپرو: علي حسن هنگورجو مزاحمت تي قتل ٿيل پيرو ڪولهي جي وارثن وٽ پهتو

ايم پي اي پيرو ڪولهي جي ڳوٺ ٽنڊي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪري ڏک جو اظهار ڪيو

پيرو ڪولهي جي قاتلن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو:علي حسن

کپرو (ٽ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سانگهڙ جي صدر ۽ ايم پي اي علي حسن هنگورجو ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيل نوجوان پيرو ڪولهي جي ٽنڊي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي هن متاثر خاندان کي يقين ڏياريو ته پيرو ڪولهي جي قاتلن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ۽ کين انصاف فراهم ڪيو ويندو ان موقعي تي پاڪستان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شادي لارج: بروهي برادري جو معزز محمد عيسىٰ بروهي وفات ڪري ويو

شادي لارج (ن ع) بروهي برادري جو معزز تبليغ جماعت جو ساٿي محمد عيسىٰ بروهي وفات ڪري ويو جنازه ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت ديندار مخلص امن پسند ماڻهو جي اوچتي رحلت تي علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول.شادي لارج پرسان ڳوٺ قبائلي چڪ ۾ بروهي برادري جو هر دلعزيز امن پسند مخلص ماڻهو تبليغ جو پراڻو ساٿي دين اسلام جو خدمتگار محمد عيسىٰ بروهي تقريبن 60 ورهين جي ڄمار

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايس اين سي جي پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي ڪارڪنن جي گرفتاري خلاف احتجاج

مظاهرين اولڊ ڪئمپس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

ٻيرلوءِ ڌرڻي تي تشدد ۽ دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي: مظاهرين

